حسن درس

جو رسالو



Indus
Foundation

بسم الله الرحمن الرحيم

حسن درس جو رسالو

سهيڙيندڙ
ارم محبوب

Indus
Foundation
انڊس فائونڊيشن

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ آهن

ڪتاب جو نالو	:	حسن درس جو رسالو
ڪتاب جو نالو	:	حسن درس جو رسالو
سهيڙيندڙ	:	ارم محبوب
ايڊيٽر	:	عزيز گوپانگ
سال	:	2011ع
تعداد	:	1000
ڪمپوزنگ	:	راڻو خان ميگهواڙ ۽ ابراهيم ڪاتيار
لي آئوٽ	:	عبدالمجيد سومرو
ٽائيٽل ۽ اسڪيچ ڊيزائن	:	سعيد منگي
ڇپائيندڙ	:	انڊس فائونڊيشن، حيدرآباد
ڇپيندڙ	:	ايسٽ لائين ڪميونيڪيشن حيدرآباد
فون	:	92_22_2787677
قيمت	:	750/= (ست سؤ پنجاهه روپيا)

ارپنا

روحل
رِدم
۽
چيزل
جي
نانءُ!

فهرست

❖ اداري پاران		09
❖ تاثرات	مهتاب محبوب ۽ ارم محبوب	10
❖ مهاڳ	مسعود لوهار	14
❖ حمد، نعت، منقبت		21
❖ غزل		45
❖ نظم		113
❖ متفرقہ		411
❖ فوٽو		433

اداري پاران

اسان کي خوشي آهي جو باوجود وقت جي کوٽ ۾ حسن جي شاعري جو هڪ هنڌ گڏ نہ هئڻ جي "حسن درس جو رسالو" اوهان جي هٿن ۾ آهي. حسن جي شاعري مختلف ڊائرين، ڪاپين ۾ ننڍڙين ننڍڙين چٽڪين تي موجود هُئي، ڪجهہ ڪوتائون تہ ماڳهين لکت ۾ هيون ئي ڪونہ. جيڪي اهڙن دوستن کان لکرائي ورتيون ويون جن کي برزبان ياد هيون.

"حسن درس جو رسالو" سنڌ جي صوفي روايتن جو تسلسل آهي. جيتوڻيڪ ڪيترين صنفون، موضوع ۾ اندازِ بيان سنڌ جي ڪلاسيڪل صوفي شاعري کان مختلف لڳندا هوندا پر تاثير ساڳي آهي.

هن ڪتاب جي تياري ۾ ادارو مجيد سومري، ابراهيم کاتيار، امير منڊري، عزيز گوپانگ، ابن ڪلهوڙو، مرشد محبوب، چترو کتري ۾ مسرور سومري جو شڪرگذار آهي جن ڏينهن رات هڪ ڪري هن ڪم کي ممڪن بنايو. ان کان سواءِ ادارو عبدالقادر جوڻيجي، اسد درس، اڪبر درس، اصغر پتي ۾ ارباب نيڪ محمد جو بہ شڪرگذار آهي جن حسن جي شاعري کي گڏ ڪرڻ ۾ ڪتاب متعلق بهترين رايا ڏئي ڪم کي آسان ڪري ڏنو.

حسن جي ڪرمي ۾ لائق پٽ روحل وري ڪوآرڊينيشن جو بهترين رول ادا ڪري پيءُ جون سِڪون لاٿيون. ادارو توهان جي راين ۾ صلاحن جو منتظر هوندو.

ساٿ سلامت!

حَسن... حَسن... حَسن!!!

مون ڪڏهن به پنهنجي پُٽ مُرشد ۽ حَسن ۾ ٻنهي ڪو فرق نه سمجهيو ۽ هُن به سدائين مونکي سڳي ماءُ جيان عزت، محبت ۽ پيار ڏنو جنهن ۾ ڪا ڪسر نه ڇڏي. چوندا آهن ته انسان کي سندس گفتگو مان پرکبو آهي، جيسين هو وات نه کوليندو تيسين هن جي سڃاڻ لاءِ ڪا راءِ قائم ڪرڻ مشڪل هوندي آهي.... جتي وات کوليندو اُتي پَٽ واڪي ڪرائيندو يا پوءِ دل ۾ جڳهه ٺاهيندو... پر حسن جي سڃاڻ ۽ شخصيت جو آثر هُن تي هڪ خاموش نظر وجهڻ سان ئي واضح طور محسوس ڪري سگهبو هو ته هن ۾ انساني همدردي، قُرب، نيڪي ۽ نيت جي سچائي کان علاوه علميت ۽ روحانيت جو رنگ پيو جهلڪا ڏيندو هو... پوءِ چاهي جنهن سان به ڳالهائيندو ته جڻ اُن جي دل جي تخت جو وارث ٿيڄي ويندو.... پوري سنڌ کي پرين جو پاڇو سڏيندڙ هُو آزاد منش انسان..... سدائين پيار ۽ پنهنجائپ وارن رَوين ۾ مَست مگن رهيو... اصلي معنيٰ ۾ هو عُمدگيءَ سان تراشيل هڪ اهڙو هيرو هو جنهن کي وڃائڻ کان پوءِ اڄ سڄي سنڌ حيران ۽ پريشان آهي...

پياڪ ته گهڻئي پيل آهن دنيا ۾ پر هر ڪنهن جو اندر اِن هيري موتي.... ماڻڪ حسن جيان اُجرو ۽ معصوم نه هوندو، هُن جهڙي مٺڙي مُرڪ نه هوندي.... اهڙا املهه ماڻڪ ڪڏهن ڪڏهن دنيا کي پنهنجو ديدار ڪرائي، قدرت جو رنگ ڏيکاري چوڌاري محبتن جا ڪڏهن نه اُجهامندڙ مچ مچائي هڪدم هليا ويندا آهن ۽ هميشه لاءِ وڇوڙي ماريل دلين تي پنهنجيَ ڇاپ ڇڏي ويندا آهن.... حسن ايئين هڪدم هليو ويندو .... اڄ به يقين نٿو اچي.... ڪڏهن لڳندو آهي ته مشلخو مان اچان ڪونهي موتيو اُتي ئي آهي جتي کيس وڻن جي ڇانوَ ۾ کٽ تي ليٽي ٿڌڙين هيرين ۾ ڪوئل جي ڪوڪ ٻُڌندي، ڏونرا کائڻ زور ڏياري گهري ننڊ ڪرڻ ۽ مِٺن ماٺڻن سان ڪچهريون ڪرڻ ڏاڍو وڻندو هو... ڪڏهن لڳندو آهي ڪنهن ڪانفرنس ۾ دوستن وٽ اسلام آباد ۾ ٽڪيل هوندو... يا ڪنهن ڳوٺ ۾ محفلن جو نُور ٿيو شاعري پيو ٻڌائيندو هوندو، جو ته جميعت سان ته هو ويهي نه سگهندو هو.... ۽ هاڻ جڏهن اوچتو ڪمري جو در کُلي ٿو ۽ ڏکي پاڇي جي رڳو ڇَڙي اچان جهلڪ ڏسبي ته دل ڙڙي تي پئي ته هو اچي ويو... پر يڪدم نظرون مٿي ڪجڻ تي پتو پئجي وڃي ٿو ته اهو حسن نه بلڪ روحل حسن آهي.... هُو بهو پنهنجي پيءُ جي قد ڪاٺ تي ويل! ۽ هڪ دفعو وري اسان ان طلسم مان نڪري ايندا آهيون ته حسن ڪو ٻاهر ويل آهي... هاڻي ته هو اهڙي جهان ويل آهي، جتي رڳو خوابن ۾ ئي سانس ملي سگهجي ٿو...

ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ حسن پنهنجي دور جو تمام وڏو نالو آهي، هر دل اندر گهر ڪندڙ... هُن سان اسان جي آخري ملاقات اُهائي هئي جنهن ۾ اسين هن سان طارق عالم جي گهر وياسين. واپسي تي تعزيتي بوڪ تي نوٽ لکڻ ڪانپوءِ ڪار ۾ ويهندي ڏک سان چيائين، "اسان چاهِي جي رانديڪي وانگر آهيون. چاهِي ختم تہ زندگي بہ ختم" ۽ پوءِ رات ساڍي نائين وڳي تائين اسان جو هن سان ساٿ رهيو جنهن بعد رات جو ٽين وڳي ڏاري دوستن وٽان موٽندي نِدوري چنڊ گرهڻ ڪيس پونم پيٽرول پمپ وٽان اچِتي، زندگي جي رستي تي هلڻ جي مهلت ئي نہ ڏني... ۽ پوءِ

صبح سان سِاري سنڌ ۾

حَسن حَسن حَسن!!!

شال خدا اسان کي صبر سان هِن بيوسيءَ کي برداشت ڪرڻ جي سگهہ ڏي...

ماهتاب محبوب

18-7-2011

شهزادي کي ننڊ اچي وئي....!

دنيا ڀل ته هيڏانهن جي هوڏانهن ٿي وڃي... سڏ ڪجن واڪا ڳجن.... ڀر هو ننڊ جو ڀڪو... مجال جو ان ۾ خلل پئي... ڇا ان ويل به منهنجي سامهون، ڪاري چادر تاڻي منڙي ننڊ سُتل حُسن... ماڻهن جي هجومن ۾ گهيريل... رڙيون، واڪا، سڏ پڏندي به بي رحم حسن... ڪيڏي نه سڪون سان سُتل آهي... الائي ڇو لڳي ٿو هُو سڀ ڏسي پيو پوءِ به پنهنجي ننڊ پوري ڪري، سڄي ڳوٺ کي ساڻو ڪري.. ساري سنگت کي هيٺو ڪري.. سموري سنڌ کي سُڏڪائي ضرور اٿندو... حيراني مان سڀن کي ڏسندو... روحل ڪان ٽائيم پڇندو... چيزل کي فون چارجنگ تي رکڻ لاءِ چوندو... يخ پاڻي پيئندو... ۽ چوڌير هڪ ڀرپور نظر وجهي وري سمهي پوندو... ڪڏهين نه اٿڻ لاءِ....

هو پيلي ننڊون ڪري.. پرجاڻان ٿي، هُو هر هنڌ... هر جاءِ تي اسان سان گڏ هوندو... مشاعرا هوتي جي هر مهانڊي ۾.... وارِي جي ذرن ۾... نِم ۽ ٻٻرن جي سرياڻن ۾... پنهنجي انوکين نظمن جي اکر اکر ۾... منجهن اوتيل فلسفي ۾... هُو هر هنڌ اسان سان گڏ هوندو....

هُو واقعي پاڳن وارو هو.... ”آهي مان هو“ ٽيڻ جو پريڪٽيڪل به ڪري ڏيکاري ويو... خدا ايڏو پيار پاڳ وارن جي حصي ۾ ئي ته لِکندو آهي... لاشڪ ته سورنهن جون وارو نياڳو چنڊ گرهڻ، حسن کي ته ڳڙڪائي ويو پر اُن جي ياد کي ڪڏهن به ڳڙڪائي نه سگهندو... هُن جي هَٿ ريکائن ۾ به ته قدرت اهڙو ئي وڇوڙو لکيو هو.. پر به الائي ڇو...اِهو چنڊ جنهن کي مان پهرن جا پهر ڏسندي نه ٿڪبي هئس، مون کي ڪاريهر نانگ جهڙو لڳي ٿو... پونم پيٽرول پمپ وارو رستو موت جو رستو لڳي ٿو... ۽ پنهنجي آڇي مهراڻ ڪار قاتل لڳي ٿي....

مان ڇا لِکان... مان ڪيئن لکان... هُن لاءِ ... جنهن سان منهنجا جهيڙا به هئا... جنهن سان منهنجا ميڙا به هئا... جيڪو منهنجي زندگي به هو... ۽ جيڪو منهنجو موت به آهي!! سندس مجموعي لاءِ هي ڪجهه لفظ، خبر ناهي مان ڪيئن ۽ ڪيترا پيرا لکي لکي اڌ تي ڇڏي ڏنا آهن.... ڇو ته لفظ پڙهي تي لکجڻ کان اڳ ئي، لُڙڪ اُنهن کي ڌنڌلايو ٿا ڇڏين... ور ور بس اهو هڪ ئي سوال ذهن ۾ ايري اچي ٿو ته ڇا واقعي... شاعري جي ديس جو هي البيلو شهزادو جنهن کي زندگيءَ سان ڪيڏو پيار هو... اسان کي اڪيلو ڇڏي ويو؟؟؟

هُن تي، محبتن جي ورڪائن مان، زندگي ۽ سندس شاعري جي هر پهلو تي لکيو پيو وڃي ۽ لکيو ويندو... پر مان وڏيڪ ته ڪجهه به نه، بس رڳو اهو چوڻ جي جرئت ڪندس، جيڪا مان، اُن جي حياتيءَ

۾ بہ چوندي هئس تہ، حَسن جي شاعري جهڙي ڪير هڪ سِٽ بہ نٿو لکي سگهي ۽ هي راءِ اِن وقت جي آهي، جڏهن اڃا اسان هڪ ٻئي جي ڀاڱ جو حصو بہ نہ بڻيا هئاسين... هو ڪنهن جو بہ تسلسل ناهي... هُن جي دل نشين شاعري جو پنهنجو هڪ جدا ديس آهي... پنهنجو آسمان... ۽ پنهنجي زمين آهي...۽ اُهائي سُڃاڻ هن کي پنهنجي صديءَ جو سڀ کان نرالو شاعر بڻائي ٿي، ۽ اسان مان جيڪر، ڪو ڪنهن خوف کان اِن سَچ کي جُهٽلائي ٿو تہ اِهو ان جو بنهہ ذاتي مسئلو آهي... حسن جي حصي ۾ آيل پيار ۽ محبتون، هر ڪنهن جو نصيب ناهن هُونديون، ۽ مان اهي محبتون ڏسي پاڻ کي مضبوط ڪيان پئي... مان خود غرض ٿي اهو نٿي سوچيان تہ حسن جو وڇوڙو رڳو منهنجو نقصان آهي، هي رڳو منهنجو نہ، پر سندس مِٽن مائٽن، دوستن، پيارن ۽ ساري سنڌ جو نقصان آهي... پر اسان ان کي هر انهيءَ چهري ۾ منظر ۾ ڳولهينداسين جنهن سان هن پيار ڪيو...

پر اِهي سڀ پوءِ جون ڳالهيون آهن... مان انهن سڀني ڳالهين کان اڳ جاڳڻ ٿي چاهيان... اُن ندوري ننڊ کي ڀڃڻ ٿي چاهيان، جيڪا سورنهن جون کان يڪي مون تي طاري آهي... مان جاڳڻ ٿي چاهيان هڪ آس... هڪ اُميد سان... تہ شايد، شايد... هي ڀوائتو خواب ٽُٽي پئي... پر ۾ رکيل موبائل الارم زور زور سان صبح ٿيڻ جو اعلان ڪري ۽ ساري سنڌ جو حسن... منهنجو شهزادو حسن بہ جاڳي پئي، پنهنجي مخصوص انداز مان جَهٽڪي سان، پيشاني تي لڙي آيل وار هٽائي، هنڌ تي اُٿي ويهي، ۽ ويهاڻو ڪڇ ۾ ڪري زور سان سَڏ ڪري...

چيزل...."Give me water."

اِرم محبوب

مهاڳ

16 جون 2011 جي رات چنڊ گرهڻ هو. چانڊوڪي گرهڻ جي گس ڪري ميري ٿي ويل هئي. صبح جا لڳ ڀڳ چار ٿيا هئا. هو پنهنجي مهراڻ ڪار ڊرائيو ڪندي گهر طرف وڃي رهيو هو جو سندس ڪار قاسم آباد ۾ پونم پيٽرول پمپ سامهون ٿهيل چوڪ ۾ وڃي لڳي. سِيٽ بيلٽ ٻڌل نہ هئڻ سبب هو جهٽڪي سان وڃي ونڊ اسڪرين ۾ لڳو ۽ سندس ڇاتي ۾ اسٽيئرنگ اهڙو زورائتو لڳو جو هو بيهوش ٿي ويو. گهڙيون نياڳي هئي، وقت اويلو هو ۽ لکيو ڪٿان ٽي ٽرجي سگهيو اهو ڏک ئي سندس موت جو سبب بنجي ويو. سندس موت جي خبر ڪن پل ۾ ٻيلي جي باهہ وانگر پکڙجي وئي. ڏک ۽ ماتم جي ڪيفيت اها ئي هئي جهڙي نموني 2007 ۾ شهيد بينظير جي اوچتي قتل وقت ٿي هئي. لڳو ائين ٿي جڻ سنڌ جي هر گهر ۾ تڏو وڇائجي ويو هو. سڄي سنڌ مان هزارن جي تعداد ۾ سندس مداح ۽ دوست سندس ڳوٺ مشائخ هوٽي ۾ سندس جنازي ۾ اچي شريڪ ٿيا.

قد جو ڊگهو، متوازن جسم، نيٽين نڪين سُهڻو، وڏا وار جن جون ڇڳون اڪثر منهن تي لڙڪي پونديون هئس، ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڪرو ۽ چٽو ڪل ٻوڪ ۽ نوڙت وارو مزاج ـــ اهو هو حسن درس جنهن پنجيتاليهہ سالن جي ننڍڙي عمر ۾ اهو سڀ ڪجهہ ماڻي ورتو جيڪو ماڻهون سون سالن جي ڊگهي ڄمار ۾ بہ ماڻي نہ سگهندا آهن. 5 سيپٽمبر 1966 تي سنڌ جي ڄاتل سڃاتل تاريخي ڳوٺ مشائخ هوٽي (جنهن جو قديم نالو موريا ٽي هو) ۾ ميان حاجي غلام رسول درس جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس وڏا اصل ۾ ذات جا لاکا آهن پر سندن ڏاڏي مشائخ هوٽي لاکي (وفات: 1408ع) کي سهروردیہ سلسلي جي ملتاني بزرگن هٿان خلافت ۽ "درس" جي خطاب ملڻ کان پوءِ درس سڏجڻ لڳا هئا.

سندس والد حاجي غلام رسول درس (1973 ـــ 1905ع) کي ٻن شادين مان چار ڌيئرون ۽ ٻہ پُٽ اڳ ۾ ئي هئا. حسن سندس آخري اولاد هو. مٿائنس نالو بہ سندس ڏاڏي محمد حسن درس (1942 ـــ 1884ع) جو رکيو ويو. چوندا آهن نالي جي ڇاليهين پتي ملندي آهي. حسن جو ڏاڏو بہ مدح ۽ مولود جو وڏو شاعر هو ۽ سندس شاعري درگاهہ مشائخ هوٽي سميت تر جي ميلن محفلن ۾ ڳائي ويندي هئي. وڻ جو ڇوڏو هو. هڪ تہ شاعر جو پوٽو هو ٻيو وري مشائخ هوٽي لاکي جهڙي عظيم عارف جي رت مان هو آخر سُخن نڪري نروار تہ ٿيڻا هئا ڪي نہ! ڪيس ڏاڏي جي نالي ڪري "ڏاڏو" ڪري سڏيندا هئا. پيءُ جو دادلو پٽ هو ان ڪري ماءُ جي بجاءِ گهڻو وقت پيءُ سان گڏ گذاريندو هو. پڻس بہ جيڏانهن ويندو هو تہ حسن کي پاڻ سان گڏ وٺي ويندو هو. ننڍڙي هوندي حسن ڪنهن بہ ڳالهہ جو جواب جيڪڏهن هائوڪار

۾ ڏيندو هو تہ چوندو هو "پلي". سندس ان "پلي" چوڻ تي سندس پيءُ جا خدمتگذار ثريا، خاص طور شفيع ثريو حسن کي "پلي" ڪري سڏيندا هئا. سگهو پوءِ ڪيس "پڊو" پڻ ڪري سڏڻ لڳا. پرائمري تعليم ڳوٺ جي اسڪول ۾ حاصل ڪري مڊل پڙهڻ لاءِ قاضي احمد لڳ سندن ئي ماڻهن جي ڳوٺ، جنهن جو نالو پڻ "مشائخ" آهي، جو رخ ڪيائين. مئٽرڪ مسلم هاءِ اسڪول مان ۽ ايم. اي. سنڌي سنڌ يونيورسٽي مان ڪيائين.

مشائخ هوٽي ۾ سون سالن کان هر قمري مهيني جي پهرين سومر (جنهن کي سهاءُ سومار چوندا آهن) لنگر ۽ صوفياڻو راڳ ٿيندو آهي. اتي هڪ خاص ٽلهيدار ميدان، جنهن کي "سماع وارو پڙ" چوندا آهن، اهڙين ڪچهرين ۽ محفلن لاءِ استعمال ٿيندو آهي. اهو سلسلو پٽ سوين سالن کان اتين ئي آباد رهندو آيو آهي ۽ ٻين ڪيترن ئي شخصيتن کان سواءِ اسان جي پڙنائي ڳهوٽ ۽ ميين شاهہ عنات رضوي جي قدمن کان پڻ مستفيض ٿيو آهي. 1982ع جي لڳ ڀڳ هڪ ويلي اهڙي ئي هڪ سهائي سومار تي درگاهہ جا فقير وسند فقير ش، پورو ڪولهي ۽ گنگو اوڏ صوفياڻو راڳ ڳائي رهيا هئا تہ ان وقت سورهن سالن جي هن ڇپرو حسن درس ڪين چيو تہ سندس مرضي هئي تہ هو سندس شاعري ڳائين. فقيرن ڪٿي هائوڪار تہ ڪئي پر درس فقير ڦاسي ويو جو وٽس پنهنجي ڪا تہ شاعري لکيل هئي ئي ڪونہ ۽ سندس اها خود اعتمادي تہ بس چيٽي وچائي ڪٿي لکي وٺبي پڻ هوا ٿي وئي هئي. نهايت ملول ٿيو. مٿان فقير بہ سندس ئي اوطاق ۾ شاعري ملڻ جي آسري ۾ سنڌ ۾ واٽون تڪيندا رهيا ۽ حسن هو جو منهن لڪائيندو ٿي وتيو. آخر اهڙين گهڙين ۾ ڪم مائرون ئي ايندون آهن. سڏو وڃي پنهنجي ماءُ اُمراہ زادي (1996 — 1936ع) سان حال اوريئين. ڇي مون کان شاعري لکجي نہ ٿي مون کي دعا ڪر! سندس جيجل ڀاڪر وجهي آٿت ڏنس ۽ چيائينس تہ سڏو درگاهہ مشائخ هوٽي تي وڃي عرض رک. هو درگاهہ تي دعا ڪري جيئن ئي ٻاهر آيو تہ سماع واري پڙ ۾ ويٺل سندن ئي خاندان جي فقير ميين محمد پناهہ درس کيس پاڻ ڏانهن سڏ ڪيو.

ميون پناهہ درس: ميان تون نظم ڪڇندو آهين؟

حسن درس: نظم ڪڇڻ چاهيان ٿو پر مون کي نٿا اچن.

ميون پناهہ درس: پلي ڪُڇ هاڻ توکي اچي ويندا.

حسن درس چواڻي تہ ان کان پوءِ لکڻ ويهندو هوس تہ شاعري پنن تي ڳٽ ڳٽ ڪري اوتجي ايندي هئي. ملڪ ۾ مارشل لا لڳل هئي ۽ ضياءالحق جي قهري ڪرتوتن خلاف بيچيني ڳوٺن واهڻن ۾ عام هئي. ان بيچيني هٿي وڃي هنڌ ڪيو ۽ 1983ع جي ايم. آر. ڊي تحريڪ جي شڪل اختيار ڪيائين. حسن درس جي شاعري جو اهو اوائلي دؤر انهن حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. سندس غزل "شاهڪار ۽ شهپارا چڻ" ۾ هو جنرل ضياءَ کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

تنهنجا لفظ لفنگا لوفر،
توهر تڪيل ڪارا چڻ،
بند ٿيا هن بيت حسن جا،
رستا راهون چارا چڻ.

اهڙي ماراماري واري دؤر ۾ جنرل ضياءَ جي "لوفر لفنگو" سڏڻ سنڌ جي 80 واري ڏهاڪي جي شاعري جو غالب مزاج هو.

حسن سورهن سالن جي عمر کان لکڻ شروع ڪيو ۽ جلد ئي هن جي مداحن جو هڪ حلقو ٺهي ويو. اهو حلقو وڌندو وڌندو پوري سنڌ تائين ڦهلجي ويو. اها سنڌ جنهن کي هو "پرين جو پاڇو چوندو هو" سندس انهن اوائلي مداحن ۾ عبدالقادر جوڻيجو به هو. جنهن هن سنهڙي سيپڪڙي بظاهر بار نظر ايندڙ شاعر ۾ بي پناهه ٽيلينٽ ڏٺو. جوڻيجي صاحب چواڻي: "سندس شاعري کان وڌيڪ آئون سندس مزاج، ڏاهپ ۽ سنجيدگي کان متاثر ٿيو هوس." اُهوئي سبب آهي جو جڏهن عائشه صديقه پنهنجي والده ناول نگار جميله هاشمي جي ورسي لاهور ۾ منعقد ڪئي ته نورالهديٰ شاهه کان علاوه قادر سنڌ مان حسن درس کي وٺي ويو. حسن درس جي تقرير وري لاهورين کي اهڙو مسحور ڪيو جو نورالهديٰ شاهه ۽ قادر کي ڇڏي ماڻهون حسن کي ورائي ويا. هرڪو چئي ته هو سندس مهمان ٿئي. قادر چواڻي ته حسن وري منهن جو اهڙو مورو جو قادر جي قميص جي پلاند مان هٿ ئي نه ڪڍي. ان وقت حسن جي عمر ارڙهن سال هئي. ڊسمبر 1987ع ۾ حيدرآباد ۾ شيخ اياز سان گهڻي عرصي کان پوءِ هڪ شام ملهائي وئي. انهي محفل ۾ حسن درس جڏهن سندس مشهور نظم "ننگي سرمد جي حضور ۾؟!" پڙهيو ته سوين حاضرين سميت خود شيخ اياز نهايت مسحور ٿي کيس داد ڏنو. انهي محفل ۾ سامهون اڳين سيٽن تي سنڌ جي نامور افسانه نگار مهتاب محبوب پڻ ويٺي هئي، جنهن جي نياڻي ارم محبوب سان اڳتي هلي هن کي لائون لهڻيون هيون.

1988ع کان وٺي 2008ع تائين هو پيشه ورانه طور تي مختلف اخبارن، رسالن ۽ ٽي وي چينلن سان لاڳاپيل رهيو. 4 فيبروري 1993ع تي هن سائين محبوب شيخ ۽ سنڌ جي نامور ڪهاڻيڪاره مهتاب محبوب جي شاعره نياڻي ارم محبوب سان لائون لڌيون. ارم مان کيس به پٽ روحل ۽ چيزل ۽ نياڻي ردم جو اولاد ٿيو.

حسن درس سڄي حياتي صوفياڻي مزاج سان گذاري. هن ۾ لالچ، پئسي جو حرص ۽ حسد نه هوندو هو. 2009ع ۾ هڪ پيرو هو مون وٽ آيو ۽ چيائين ته هن زندگي جڻ ته ڪنهن اونداهي ۾ گذاري هئي. جنهن جي نڪا اڳياڙي هئي نه پڇاڙي! مون کان پڇيائين ته آخر سنڌ جو ڇا ٿيندو "هاڻ ته هٿوراڻيون هٽي هٽي جڻ ته هٿ ئي زخمي ٿي پيا آهن" مون چيومانس ته انگريزي ۾ هڪڙو اصطلاح استعمال ٿيندو آهي، "Back to basics" جنهن جو مطلب آهي ته جڏهن توهان جا فارمولا ڪم نه ڪن ته بنياد ڏانهن واپس وڃو ۽ نئين شروعات ڪريو. چيومانس ته ڪمپيوٽر جڏهن هينگ ٿي ويندو آهي ته پاڻ ان کي ري اسٽارٽ ڪندا آهيون. پڇيائين ته آخر پاڻ وٽ Basics ڇا آهي؟ مون وٽ شاهه ڪريم بلڙي واري جي ملفوظات جو ڪتاب "بيان العارفين" پيو هو جيڪو مون کيس ڏنو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هن مون کي فون ڪئي ته اوچنگار ڏيندي ۽ سُڏڪندي هن چيو "يار منهنجي واهر ڪر آئون مري ويندس!" پريشان ٿيندي مون چيو ته آخر ڇا ٿيو؟" هو پوءِ مون سان ملڻ آيو. کيس ڪاري چادر ويڙهيل هئي، اکيون ڳاڙهيون ۽ منهن سُڄيل هو. هو مون سان ڀاڪر پائي ننڍڙن ٻارن وانگر اوچنگارون ڏئي روئڻ لڳو. چيائين بيان العارفين پڙهڻ کان پوءِ هن جي ڪيفيت تبديل ٿي وئي آهي ۽ هن شاهه ڪريم بلڙي واري جي منقبت پڻ لکي آهي.

انهي ئي دؤر ۾ حسن درس پنهنجي اداري انڊس فائونڊيشن پاران سنڌي لکي گهوڙي جي نسل جي بچاءُ ۽ واڌويجهه لاءِ هڪ پروجيڪٽ شروع ڪيو جنهن جي مالي سهائتا يو اين ڊي پي جي اي ايف سمال گرانٽس پروگرام (UNDP GEF SGP) ڪئي. انهي پروجيڪٽ دؤران حسن درس جي اي ايف جي اين جي اوز جي نيٽ ورڪ جو سربراهه پڻ ٿيو ۽ پوري پاڪستان ۾ جي اي ايف نيٽ ورڪ ۾ نهايت اثرائتو رول ادا ڪيائين. حسن درس پنهنجي گهوڙن جي فارم جو افتتاح فيبروري 2010ع ۾ مشائخ هوتي ۾ رکيو جتي هن پنهنجي ويجهن سياسي، سماجي، صحافي ۽ ذاتي دوستن جو هڪ وڏو ميڙاڪو ڪيو ۽ صوفياڻي راڳ ۽ ٿڌي آدم جي سجي سان تواضع ڪيائين. انهي پروگرام سان صوفياڻي رنگ وارين محفلن جو هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. سگهو پوءِ فقيرداد کوسي ڪرچاٽ ۾ پروگرام ڪرايو. ذات سنگت گڏ ٿي ڪوهستان جي موسيقي ٻڌي جنهن ۾ مورو، نڙ بيت، پاوا ۽ سُرندو شامل آهن. انهي پروگرام کان پوءِ حسن جي پراڻي جگري دوست مسرور سومري مارچ 2010ع تي شاهه پنجو سلطان ۾ محفل رچائي: شاهه پنجي ۾ مسرور جي ٻني ۾ هڪ جڳهه تي "حسن درس جو تڪيو" قائم ڪيو ويو. چوديواريءَ اندر تڪئي تي وڻ لڳاءِ رسم پوري ڪئي وئي. عبدالقادر جوڻيجي، منير شاهه، مسرور سومري، هن ليکڪ ۽ ٻين سنگتين مختلف وڻ لڳائي رسم پوري ڪئي. هر وڻ سامهون مسرور هڪڙو ڪتبو هڻايو جنهن تي وڻ لڳائڻ واري جو نالو ۽ ان وڻ سان لاڳاپيل حسن درس جو بيت اُڪر ٿيل هو. اڄ جڏهن تڪئي تي لڳل سنڌس هي ڪتبو پڙهجي ٿو ته حيرت ٿئي ٿي ته حسن ڪيئن نه پنهنجي حادثاتي موت ڏانهن اشارو ڪري ويو هو:

ملڪ مشائخ هوتي ڪان شاهه پنجو سُلطان،
آوازن آباد ڪيو جو وقت هيو ويران،
وڻ وڻ ۾ آ واس پرينءَ جو ساوو جڳ سبحان،
درس حسن آ تنهنجو ڏينهن ٻه تي مهمان،
مسرورن جي ميزباني، اُجرڻ جو امڪان،
دردن جو درمان، قادر ڪج تون قرب سين!

جلد پوءِ دوست غلام حسين خواجه ڪينجهر تي محفل رچائي جتي ٻين دوستن کان سواءِ ناولسٽ محمد حنيف پڻ شرڪت ڪئي. حسن درس ان دؤر ۾ هن ليکڪ سميت ڪيترن ٻين دوستن سان گڏجي سنڌ توڙي پوري ملڪ ۾ خوب سير سفر ڪيو. عربي سمنڊ ۾ گاروڙي ڪريڪ تي سانولي جت جو ميلو بلوچستان ۾ هنگلاج، پنجاب ۾ روهي جو ميلو ڪوٽ مٺڻ، ننگرپارڪر ۽ ڪاسبو سميت ڪيئي واهڻ وستيون گهميون. ننگرپارڪر ۾ دوست عباس کوسي محفل رچائي جنهن ۾ صادق فقير حسن جي ٿي شاعري ڳائي خوب داد ماڻيو. هن سال جي شروع ۾ ڪراچي لٽريچر فيسٽيول ۾ جسن کي خاص دعوت ڏئي گهرايو ويو. حسن درس جڏهن فيسٽيول جي هڪ سيشن ۾ پنهنجو "ڏونيا ۾ ڪيف وارو رومي جو رقص آهي" پڙهي ٻڌايو ته غير سنڌي مداح به سندس ذات جا قائل ٿي ويا. گذريل ٽن سالن جو پيرڊ ڏسجي ٿو ته حسن جي زندگي جو سرگرم ترين دؤر آهي. لڳو ائين ٿي ته هن وڃڻ کان پهرين زندگي جي رهجي ويل سڀني رنگن کي ماڻڻ ٿي چاهيو. هو مون کي چوندو هو ته هاڻي لڳي ٿو ته سواءِ ڪجهه جي زندگيءَ جون سڀئي خواهشون پوريون ٿي ويون آهن.

حسن درس جو هڪ گڻ سندس ڌرتي بڇڻ (Ownership) هوندو هو. هو دوستن، شين ۽ سنڌ جي وستي واهڻ، ڳوٺن ۽ شهرن جو ڄڻ ته مالڪ ۽ وارث هوندو هو. اهو مزاج سندس شاعري ۾ به ملندو. شهرن، ڳوٺن، دوستن، فنڪارن ۽ ذاتين جا نالا سبندس شاعري ۾ هنڌ هنڌ موجود آهن.

لڳي وئي لاڙ سان آ لئون،
اوهان کي پيو پلا جا چئون.

❋

جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موٽ کائيندي،
ڪلي چونديئين ڪجهيءَ کي تون، تکو تلوار وانگي هو.

❋

ڪراچي تون اسان جو سچ آهين،
۽ اسين سورج مُکي آهيون.

نظم هجي يا غزل، نعت هجي يا منقبت حسن جي شاعري ۾ منو منو الميو هر جڳهه تي ملندو. ايتري حد تائين به جو هن جي رومانوي شاعري به الميءَ جي اثر کان ٻاهر ناهي. هو منظر نگاري لفظن ۾ اهڙي طرح ٿو ڪري جو ڪنهن ڪنهن مهل لڳندو آهي ته شاعري نه پينٽنگ ٿو ڪري.

عمر جي آگرين مان ڏس ڦلن وانگي ڇڻون ٿا پيا،
سڄڻ سگريٽ سستي جيئن سچو ماڻهو سڙي ٿو پيو.

سندس تخيل جي پرواز کي وري لفظن جا گهوڙا به ايترا تکا ۽ توانا ٿا ملن جو پڙهندڙ سحر ۾ ونجي اجاتين منزلن ڏانهن نڪري پوي ٿو. سندس شاعري پوڙهي ڏاڏيءَ بنجي پڙهندڙ کي ننڍڙي ٻار جيان چيچ ۾ جهلي حڪمت، دانائي ۽ وروڻهه جي اڻ ڏٺل، اڻ ٻڌل پرستانن ڏانهن وٺي ٿي وڃي.

مڇيءَ جي اک ۾ ويٺي، ڏٺو مون هر ڏهاڙي کي،
لُڙاتيل وقت ۾ لمحو لڳل ڪنهن چار وانگي هو.
صفا سُنسان مندر ۾ جڏهن سانجهي ملي مون سان،
اتي آواز عشق جو سنهڙو ڪنهن آر وانگي هو.

مڇيءَ جي اک ۾ ويهي ڏهاڙي ڏسڻ جو منظر حسن درس جي جادوگر ذات ئي چٽي سگهي ٿي. اِهوئي سبب آهي جو هو نه رڳو "ڪانڊيري هاري" جي چوراڄي ويل ڏاندن جوڙي جو مؤرخ آهي پر هو عميق نفسياتي Paradoxes جو به چترڪار آهي.

هجومن ۾ هشامن، هيڪلائي کي جڏهن جنميو
ڏٺو مون روح پنهنجي کي، انڌاري غار وانگي هو.

فطرت جي چترڪاري ۾ حسن جو انداز بيباڪ پر معصوم آهي:

باغ ۾ هن گل سان ڪئي گفتگو
مک ماکي جي مگر مصروف هئي،
پوئنر پنهنجي منهن پئي پٽڪيو
ڏيڏرين پئي پاڻ ۾ سُس پُس ڪئي،

لڳ جي موسم وٽن کي ويڙهيو
بادلن جا ديوَ ڪاوڙجي پيا،
ماڪوڙيون ٿي ميڙ آيون نم ڏي،
مينهن پوءِ گهاتا پهاڙن تي پيا.

هن جي روح کي سندس ڏاڏي مشائخ هوتي جي عرفان جي پٺي مليل هئي يا هن جي شاعراڻي تخيل جا جيڪي بہ خاڪا ۽ پيچرا هئا انهي جو ڪو خاص لاڙو هو پر اها سا حقيقت آهي تہ هن جي شاعري جي هر سٽ حق جي سُرڪي جي لاءِ تڙپندي نظر اچي ٿي:

مگر تون قلندر وينو ڏسين،
منهنجي وک تو ڏانهن ڪهڙي تي پئي.

يا هيئن تہ:

هوتيءَ هيڪر حق سڃاتو
پنهنجو تر ۽ تڪ سڃاتو
لاڪي لاهي لڪ سڃاتو
احمد آ آغاز پرين جو!
محمد حسن پٺي گڏ آهن
حيدر حرمت جو سڏ آهن.

يا وري هيئن تہ:

تو اپيچند سندا سيٺ ناهن ڏٺا،
توکي ناهي خبر سونهن ڇاهي مُلان!
عشق سرمد جي پيرن جي خاڪ آ،
تون ٽٽي جي گهٽين ۾ گهمي سوچجان!
ورق انجيل جا سُونهن جي جوت آ،
آئون قرآن کي ٿو اکين سان چُمان!

حسن جي شاعري عالمي معيار جو هئڻ جي شاهدي پاڻ ئي ڏئي ٿي وڃي. سندس شاعري جو اهو سحر ئي تہ هو جو ماڻهن باوجود ان جي جو سندس ڪو ڇپيل ڪتاب نہ هو هن کي حافظن وانگر ياد رکيو.

پتو ناهي تہ ڪانڌيري جي چوري جو واراڙو ڪڏهن ٿيندو يا "سچ، سرمد ۽ نندي پارڙا" اگهاڙپ جي پوشاڪ ڪڏهن ويڙهي رکندا پر اها سا حقيقت آهي تہ مشائخ هوتي ۾ دفن ٿيل هي عظيم ماڻهو پنهنجي محبت جي ماکي ۽ لفظن جي جادو سان سنڌ جا ڪيئي نسل شڪار ڪندو رهندو.

اچي ٿو واس وڻ وڻ مان اديون هن چام آري جو
ڪنيون آ جنهن ذمو پنهنجي هٿن ۾ سنڌ ساري جو.

مسعود لوهار

8 آگسٽ 2011ع

حمد
نعت
منقبت



اول نامر الله جو جنهن آ جوڙيو جڳ،
مُرسل مير مهابي آهي، ساٿ سلامت سڀ،
ٻيراڻيءَ جي ٻانهن تي، ويڙهيچن جو وڳ،
ٽنڊو آدم ٽانڪبو روح اسانجي رڳ،
ڳوٺ مشائخ هوتي آهي، لال لطيف جي لڳ،
درس حسن جو دائرو دونهين پاسي دڳ،
عشق ڏنو جنهن اڳ، آب ڏٺائين اُڃ ۾.

■



اول نام الله جو، جنهن جوڙيو جنسار،
ڏاڍا دل جا ڏڙڪندڙ، ساهن جو سنسار،
آڻي آدم عام ڪيو، وندر ۾ واپار،
محبت اڳيان مامري، توبهہ ڪئي تلوار،
حسن درس حقيقتن، پنڌ پرين جو پار،
گڏ رهي ٿو گونج ۾، درسن ڏارئون ڏار،
طالب تارئون تار، آب ڏڻائين اُڇ ۾.

■

ڪُڏي آهيان، صفا ڪمتر، ڪسيرو ڇا ڪٿي آهيان،
مگر مُرسل مٺي نالي، وڻڻ جي لاءِ بڻي آهيان.

وٺي ويراڳ جا رستا، پڇايان پئي پنهون پنهنجو
ڪريان ڏم ڏم ڏمالون ٿي، ڪري ڇم ڇم ڇڻي آهيان.

علي[۴] اولاد تنهنجي تي، ڪريان مان ساهه سر صدقي،
فقيرن ۾ فراقن جي، مٿي جي مان ڦڻي آهيان.

عجيب اوڏڙو ڪر تون، ڏي ڪا جاءِ پيرن ۾
مِلو مون سان مٺا مُرسل، وڇوڙن جو وڻي آهيان؟

صفا ويران واٽن تي، آهيان ويٺي وڇوڙيل ٿي،
پريںءَ جو پيار جي ملندو تہ پوءِ مان پدمڻي آهيان.

قلندر لال جو ڪِشتو رڳن ۾ روح جو رشتو
وڏايان پئي وٺو تنهنجو گهڻائڻ ڪان گهٽي آهيان.

نظر ڪج نور جي نوري، اُگهاڙي ۾ آبالي تي،
گناهن ۾ گتل آهيان، ڀلي ڇا بہ ڪٽي آهيان.

سمورا تاج، تلوارون، ڪريان سڀ تخت تو صدقي،
غلامن جي غلامن ۾ اگر جي مان ڳڻي آهيان.

خدا جو سُنهن تہ منهنجي دل، پئي ڦاٽي ڀڏڻ جي لاءِ،
رڳو ڇئو هن ڇوري جو محمدﷺ مان ڏٺي آهيان.

نماڻي نار ۾ ناري، ٻندي تنهنجي آهيان باري،
اڪيلي عشق ۾ احمد، حسن هڪڙي جڻي آهيان.

■



آيل ڙني اولاڻا، محمد مصطفيٰ سائين
اسانجي روح ڄا راڻا، محمد مصطفيٰ سائين

ٺئي آباد هيءَ سنڌڙي، اسانجي جان ۽ جندڙي
وسن ڀاڳين سندا ڀاڻا، محمد مصطفيٰ سائين

اڳهائج عرض تون آري، قبولج قرب پنهنجي مان
دُعا جا هي ٻہ ٽي داڻا، محمد مصطفيٰ سائين

رڳو نالو مٺو تنهنجو حسن وٺندو رهي هر هر
پيو ڪجهہ ڪونہ ٿو ڄاڻان، محمد مصطفيٰ سائين

■

شب فراق ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو،
مديني پاڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

اندر جي آرسي اُجري، پسون پنهنجو پرين پيارو،
ٽڪن کي تاڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

هوا هلڪي هلي هوريان، سڳنڌون سر نوائن جت،
گلن تي ماڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

نماڻي ذات منهنجيءَ جو ڏيئو ٻرندو رهي هر دم،
تڪيي ۽ تاڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

پڪاريان پيو پنهون پنهنجو سٽي وٺ سڏڙا سائين،
لکن لولاڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

صبح ۽ شام جو شامل، ۾ ڪاري رات جو ڪامل،
پيهري تاڪ ۾ ديدار ٿئي محمدؐ جو.

■

محمدؐ نور جو نالو سچو خود نور آ مُحمدؐ.
خُدا جو خيال آ محمدؐ، پرين جو پور آ محمدؐ.
پريل پئمانو آ محمدؐ، سچو مئخانو آ محمدؐ.
خماريل نيڻ سهڻي جا، سچو مخمور آ محمدؐ.
پٽر تي ليڪ آ محمدؐ، سمندر ساھ آ محمدؐ.
جبل جي جوٽ آ محمدؐ، ٻبر جو ٻور آ محمدؐ.
ستارا چنڊ ۽ سورج، سدائين عشق جنهنجي ۾،
صبح جو سحر آ سائين، سچو مسحور آ محمدؐ.
ڪجل هُن جا تجل هن جا، ازل آخر اُهوئي آ،
نڪو آدم نڪو عيسيٰ، نہ موسيٰ طور آ محمدؐ.
فقيرن جا پنڻ پيالا، سدائين ٿو ڪري پُرڪش،
ڀلارو ڀرجهلو آهي، ڀلو ڀرپور آ محمدؐ.
عليءَ جي ڳليءَ جو ڪُتڙو مان تنهنجي شهر جو ڪتڙو
سدا سيوهڻ، ڀٽائي ڀٽ، مون کي منظور آ محمدؐ.
عدالت عشق جي ۾ آ ڪڙو محمد حسن شاهد،
محمدؐ من ۾ اٿئي ويٺو ڇوين ٿو دُور آ محمدؐ.

■

رمتا جوڳي رامڪلي ۾، رانول سائين تنهنجا آهيون،
مرليون سُرليون، باجا بينون، سانول سائين تنهنجا آهيون.

لمحا لمحا، لحظا لحظا، ساهہ تہ چاويساهہ بہ آهين،
سارو جيون تن من تن من، پل پل سائين تنهنجا آهيون.

چانو بہ تنهنجي تون ئي ڇپر، آ ڍڪ بہ تون ئي ڍول اسانجو
جهڙ ڦڙ بوندون ۽ برساتون، بادل سائين تنهنجا آهيون.

هيٺن کي ڪر پيٽو ٽيٽو رهبر سبحان راهہ ڏکهيءَ ۾
ڪمتر آهيون ڪوجها آهيون، ڪامل سائين تنهنجا آهيون.

ڊرس جسن پڻ در تنهنجي جو پانهون آهي نوڪر آهي،
سنڌ سموري توتان صدقي، مرسلؐ سائين تنهنجا آهيون.

■

اچي ٿو واس وڻ وڻ مان اديون هن چام آريءَ جو
ڪنيون آ جنهن ذمو پنهنجي هٿن ۾ سنڌ ساري جو.

ننڍا سڀ وڻ وڏا ٿيندا، پڏان ٿو ٿهڪ ٿاريءَ جو
ڪلن ۾ ڪارخانن ۾ حصو ٿيٽو آ هاري جو.

ٻنين ۾ گاهہ گلزاريون سٹان ٿو ٻول پاريءَ جو
ٻُڌا ۾ ٻار ٿا مُرڪن وٹي ٻيو ويس ناريءَ جو.

ڪجل جي ليڪ ڪاري مان ٿئي چمڪاٽ واري جو
حسن هردم ڪنيو اچجان قصو بي باڪ باري جو.

■



تلوار ھڻ تنھنجي اڳيان، آھي ٽٽي مولا عليءَ،
تنھنجي پيرن مان فجر، ھر ڪا ڦٽي مولا عليءَ.

روشنين جا سڀ رستا، پنجتن جي پيرن ۾،
ھر گھٽي گھمندي اچي، تو تي ڪٽي مولا عليءَ.

عشق جي اسڪول ۾، درس تنھنجو پڪو
پارڙي ھرڪنھن سندي، ٿيندي ڇُٽي مولا عِليءَ.

■

جتي سِر آهن سين جا تسليم خم، اُتي پير آ پيران پير سندو،
هن بغدادي جي بات وڏي، مان نوڪر دستگير سندو.

جا چاؤنڊ چمندي چاهه وڏي ۽ ماڻهوءَ جو ويساهه وڏي،
سج چمڪي منير ماهه وڏي، مان عاشق تنهن تہ امير سندو.

جنهن کي محمدﷺ وٽ ميڄبا بہ ملي، ڏسي قدرت جنهن لاءِ خوش ٿي کلي،
جنهن لئہ فطرت ٽڙندي چا تہ تلي، وٽ نالو سبحان سفير سندو.

جيڪو بنيادي بي شڪ آهي، جيڪو وحدت وائي حق آهي،
جيڪو لاثاني لاشڪ آهي، مان بندو تنهن بي نظير سندو.

او جيلاني ڪم ڪار ڪجان، مون کي ڪين پيرن ڪان ڏار ڪجان،
سنڌ سائي ۽ ٿمتار ڪجان، سڻ عرض ڪو درس فقير سندو.

■



حسن حامي حسيني ٿئي، قلندر لال مروندي،
ڏهاڙي ڏات جو ڏيئو ٻہ ٻارن ٿا پرين پنهنجو!

ٿئي ٿو روز هي روشن، اُڀارن ٿا پرين پنهنجو!
چپن ۾ چپ ۾ چوندي، اُچارن ٿا پرين پنهنجو!

حياتي سچ جي تنهنجي، لڪيءَ ۾ ٿي لهي اُڀري،
پهاڙن کان پڇي ڏسجان، پڪارن ٿا پرين پنهنجو!

جڏهن ڪيسا هجن خالي، ڪري ڏس اُت خريداري،
نقد ۾ نينهن نہ ٿيندو اُڌارن ٿا پرين پنهنجو!

ستارا پير جي هيٺان، پيا آهن پنن وانگي،
لنگهائي لهر تان لاحد، اُڪارن ٿا پرين پنهنجو!

ڏسڻ جي ڪا ڏسا ناهي، ڏسي هونئن جاءِ هر ڪنهن تي،
اکيون ٻوٽي اندر ۾ ٿي، نهارن ٿا پرين پنهنجو!

ڪيو سرٻاٽ تو جيڪو سڻن ٿا سڀ سجاڳيءَ سان،
ڪيل هر قول ۽ واعدو ٻہ پارن ٿا پرين پنهنجو!

غلامن جي غلامن ۾، ڳڻين شل مون کي تون مُرسل ﷺ،
ڪتو ڪبريا سندو نزديڪ، ڏارن ٿا پرين پنهنجو!

وري هڪ مست ماٺهوءَ سان، ملڻ جو موقعو ملندئي،
سخي شهباز گنبذ تان، اُڏارن ٿا پرين پنهنجو!

■



اسانجي نند جا پيڙا، لهن ٿا جاڳ جي جر ۾،
سنڌوءَ جي سير جا سپنا، ڇُهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

دريا آ دادلو دائم، اسانجي ديس جو دلبر،
مٽيءَ جا معجزا ٿيندا، کھن ٿا جاڳ جي جر ۾.

اُيا ٿي سڙهه سنڌوءَ ۾، قلندر کي ڪنائيندا،
پٽائي عشق جا جلوا، رهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

حسن هر دم حسيني رَهه عقابي آسماني ٿي،
پنجن جا پار ۽ پيرا، وهن ٿا جاڳ جي جر ۾.

■

بي بي رابعہ بصري تو لاءِ!

بي بي رابعہ بصري تو لاءِ،
جيءَ ۾ وينئي جايون جوڙيان،
تون تہ قلندر مست قلندر
حيدر حيدر حيدر حيدر.
اک شمع جلتي هي اپني نور سي،
جو دکائي دي رهي هي دُور سي،
خاک پر اپنا بسيرا بن گيا،
مونس اپنا تو تن اور من گيا،
هاڻ اهڙي حال ۾ مان ڇا ڪريان؟
مت مدهوشيءَ منجهان مٿہ جا ڀريان،

او عاشق جي عاشق سائڻ!
تن جي ترندڙ پيڙي پوڙيان،
بي بي رابعہ بصري تو لاءِ!
خلوت ڪا اڪ خاص خزانہ ملتا هي،
جلوي ڪو اڪ نام نشانہ ملتا هي،
دوري ڪي افڪار پي ڪتني پياري هين،
هم جو جيت ڪي خود هي خود سي هاري هين،
زندگيءَ ۾ زاهدي ڪجهہ ڪين آ،
شاهدن جي شاهدي ڪجهہ ڪين آ،
آب ڪوثر عام تو اسرار ڪيو
عشق جو اظهار ۽ اقرار ڪيو
بي بدل بختاوري جي مالڪڻ،
پنهنجو منهن مان توڏي موڙيان،
بي بي رابعہ بصري تو لاءِ!
از چشم هووي يار وه آنکين بدل نہ دي،
ميري روح ڪا ترنم سائين بدل نہ دي،
اڪ درس ڪي هي دنيا، اڪ درس ڪي خدائي،
اڪ درس جو ملا تا، اڪ درس ڪي جدائي،
آب ڪوثر عام تو اسرار ڪيو
عشق جو اظهار ۽ اقرار ڪيو
نام خدا نمناڪ نہ ڪر تون،
پنهنجو پاند ٿي توسان جوڙيان.
بيبي رابعہ بصري تو لاءِ!
جيءَ ۾ وينو جايون جوڙيان.
■

بندا بابا قريشيرح[1] سان اچي جنهن باغ ۾ لهندا،
سجايل سيج سيوهڻ جي تڪيا تن جا اتي ٺهندا.
چپر ۾ چانوَ پنجتن جي وسيلا واهہ جيئن وهندا،
اسان جا اندر اورانگهي اتي رمتا اچي رهندا،
هوا جي هٿ تي ڏيئا اسان جا پاٿ ۾ ٻرندا،
ڪُنن مان تون اُڪاريندين توانا تار ۾ ترندا،
اسان جا چيڪ تي چيلا سدائين چاندني چرندا،
اونداهي گُگهہ مان گهوڙا اسان جا خير سان ورندا،
قلندر قافلا تنهنجا پُٽڙي تو وٽ اچي ٺرندا،
صدين جا پنڌ سوگها ٿيا لڏائون لال لمحي ۾.

■

(1) سائين احمد علي قريشي، دورِ حاضر جو اويسي قلندري سلسلي جو بزرگ جن جي مزار لال باغ سيوهڻ شريف ۾ آهي.

عشق الله هو مُشڪ الله هُوا
دم دم دلبر دوست الله هُوا
جڳ مڳ جڳ مڳ جاما جوڙين،
مئخاني جي مٽي تو ۾
بابا احمد[1] بيٺو آهين،
سيوهڻ جي هڪ گهٽي تو ۾
ٽون ٽي ٽونگر دوست الله هُوا
پٽ تي چير وڄائين ڇم ڇم،
باغن ۾ بازارون تاهين،
سٽنڌي روز سسئيءَ جا سڏڙا،
ڪيچين ڪيچ قطارون تاهين،
قابل ڪوثر دوست الله هُوا
دل جا چپ چمن تا جن ڪي،
تنهنجا پير پٻون من پرچي،
تنهنجي در تي مفت وڪاسين،
اسان خاص لئہ خرچي،
گهورون گهر گهر، دوست الله هُوا
لڪيءَ منجهہ لڙيو جو سورج،
درس حسن ديوانا چاڙهج،
تنهنجو پيالو پُر آ رهڻو
مئہ چاڙهج مئخانا چاڙهج،
جاني جر ٿر، دوست الله هوا
عشق الله هو مُشڪ الله هوا

■

(1) سائين احمد علي قريشيءَ.



شاهہ ڪريم، حبيب، ابجد عبداللطيف جو
پهريون سيد لال شاهہ، نَنڍڙو ناز نصيب،
حضرت سيد عبدالرحيم، وحدت تن طبيب،
حضرت سيد جلال شاهہ، شهداءِ منجهہ شقيب،
برهان شاهہ بهادر، طاقتور نجيب،
سيد الله مجذوب، قادر ڪي ٿي قريب،
دين محمد دوستو عاشق عجب عجيب،
سيد حسين سُرخرو غربت منجهہ غريب،
اٺون عبدالقدوس شاهہ، نامور نقيب،
نائين ڏهين يارهين، نياٽين جو نصيب،
حسن درس خدمتون، ڪندڙ خاص خطيب،
حسب عين حسيب، محمدؐ تنهنجي ميم مان.

■



پٻ تو جت کوڙيا، سيني پٽن کي مان چمان،
تو ورهايا جي وڏو ٿي، تن وٽن کي مان چمان.

تنهنجي چوٽي جو ٻه چوٽو مون فقر ماني ملي،
جي ڀريئي بلڙي هٿن سان، تن مٿن کي مان چمان.

تنهنجي چادر کي چمان، تنهنجي جتي چڪ ۾ کٽان،
تنهنجي ليڙن ڏڳڙين، تنهنجي لٽن کي مان چمان.

دين محمد دوستن جو خيال رکندو آ گهڻو
عبدالطيف جا ابا، تنهنجي گهٽن کي مان چمان.

■

شاھہ ڪريم شريف، ڪڇي ڀڇي ڪين ڪي،
فضل سدا فيض جو ڪتي، چيٽ خريف،
دوست ڪارڻ دوستي، هيڪاندي حريف،
زبردست ظريف، متو ماڪيءَ لار جيئن.

■

بلڙي تنهنجي بوءِ، واسيو واس وطن کي،
چمڪيو پيٽ پراڻ جو جرڪي ساري جُوءِ،
هڪ روميءَ جي روءِ، ٻيو آسڻ عبداللطيف جو.

■

بلڙي تنهنجا ٻير، اکيون عبداللطيف جون،
تنهنجو نينگر تو منجهان، توسواءِ ٻيو ڪير؟
پنجين پيڙهي پيٽ مان، پٽ مٿان ڪيئي پير،
دلبر تنهنجي دير، مون کي سگهو پڄائي سڄڻين.

■





ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهہ ڪريم سدائين!
مون ڪي پاڻ پسائين.
ليڙون ليڙون لباس ڪلن جو
تو تہ گهرڙو ناهيو ڪکن جو
پيار آ توسان پٽ پکن جو
تن من ۾ ترسائين،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهہ ڪريم سدائين!
عاجز ايڏو عجز الله هُو
توبهہ تائب طرز الله هُو
ڪارو پيلو سبز الله هُو
لالڻ سان لنئون لائين،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهہ ڪريم سدائين!
عبداللطيف ٿي ائين آخر،
منهنجا مرشد، منهنجا رهبر،
درس حسن آ تنهنجو نوڪر
پٽ ڏٽيءَ ڪي پائئين،
ٻلڙيءَ وارا سائين، شاهہ ڪريم سدائين!

■



خود خوديءَ مان جند ڇٽي ۽ بي خودي اختيار ٿي،
بي فڪر مُرڪي فقيري، عاشقي سينگار ٿي.

اي مُلان تنهنجي مغز ۾ مئہ نٿي ماپي سگهي،
هر دفعي هُل ۽ هنگامي ۾ آ تنهنجي هار ٿي.

پاڻ لاهوتي لڪن مان روز ڇا هر هر لنگهون،
غير سان ساڳئي جبل ۾ جُٽ ڇاڇاڪار ٿي.

موج هٿ اُلجهي نہ ڪائي پاڻ سان مهراڻ ۾،
بي خبر پنهنجي تہ ڪشتي هر دفعي آ پار ٿي.

سچ چنڊ تارا قلندر هٿ ڪٽي هلندا اٿئي،
بي مُروت جي مٿي تي زندگي خود بار ٿي.

عشق اهڙو واس واسيو گل پريشان ٿي ويا،
واءَ ۾ خوشبو گهُلي وئي هر جڳهہ هبڪار ٿي.

تنهنجي ڇهري کي پسي پيو رقص ۾ رم جهم نچان،
زندگي سرشار ٿي وئي دلبري ديدار ٿي.

اهل دل، اهل نظر سڀ ڪجهہ ٿو سمجهي هي حسن،
آل جا دشمن اسان ڪان ٿي پري ٽون ڏار ٿي.

ڪري پير اڪيون، آيو شاهہ سچڻ،
جنهنجو رُخ آ متو.مک ماهہ سچڻ.
سڀ سوڙهي گهٽيءَ ۾ ديد ڏٺم،
من محرم اندر عيد ڏٺم،
خود وڪڻي خود کي خريد ڏٺم،
سچو سيوهڻ آ منهنجو ساهہ سچڻ.
پنجتن جو پيالو پُر پيئندس،
مان بندو ٿي تن جو بيهندس،
ٿي جُتي تن جي مان جيئندس.
■

غزل

هِي هوا تنهنجي، حُسن جي هاڪ ۾،
پڙي ڦِري هر ٺام ۾ ۽ ٺاڪ ۾.

تون وسِين خوشبوءِ ۾ سُرهاڻ ۾،
باڪ ويلي مهڪ گُهلندي ماڪ ۾.

تون نہ موٽئين،ءَ مون نہ سُوڙي نِنڊ ڪا،
نيڻ ڏِيئن جِيئن ٻريا پئي ٺاڪ ۾.

مان بہ ڪافر، بُت اچي تنهنجو رکيم،
اڄ وري دل پنهنجي ڪعبي پاڪ ۾.

سِڄ، سرمد ۽ ننڍڙا ٻارڙا،
سڀ اگهاڙپ جي ڍڪيل پوشاڪ ۾.

هي حسن آواره گرد آدمي،
تو ڏٺو آ ڇا ڀلا رولاڪ ۾؟
■

واءُ ۾ خوشبو گُهلي ويئي هَلي،
واس وتندڙ بن ۾ رُلي ويئي هَلي.

تون الائي ڪنهن ڪناري ٻَئي رُليئين،
هوءَ اچي جُهولو جُهلي ويئي هَلي.

سِڪ جو هِي سمنڊ ماٺو ٿي ويو
ڇِڪ جي ڇولِي ڇُلي ويئي هَلِي.

تو پڇيو يا ماٺ ۾ ئِي اوچتو
ڳَنڍِ ڳالهين جي کُلي ويئي هَلي.

مهڪ وانگي ٽهڪ وانگي وِکرندي،
هوءَ تہ ڪمري ۾ هُلي ويئي هَلي.

■

ڪنديون لوڏ سان هوڏ ڇا هي هوائون،
تنهنجي تور تي گهور ٿي پيون گهٽائون.

تنهنجي موهه جي ٻوهه جڪڙي وڌو،
زنجيرن ۾ زُلفن جون ارڏيون ادائون.

اسين گس جي وس ۾ نہ رهياسين،
اکين ٿي اکين ۾ روڪيائون راهون.

اهي مهڪ ۾ ٿهڪ پرتا اوهان کي،
اوهان جا اوهان سان، اسان ساڻ آهون.

ڪنهن نار جي سار آليون اکيون ڪيون،
ٿيو چاهه، ويو چَين، من ۾ چِتائون.

وٺو رات ۾ ذات ڪڙڪا ڪيا،
گڏ ميت ۾ گيت جون گُذر گاهون.

■

مٿان ڪان شهر، نظر جيئن ٿو اچي جانان،
پکيءَ جي اک ۾ منظر اهو بچي جانان.

هجر جي هانو تان پهرو پري ٿئي پياري،
نصيب نينهن جو نڪري اچي نچي جانان.

اکين ۾ عشق سچاٽپ جو سوئيرو پائي،
رڳن ۾ رنگ محبت سندو جچي جانان.

سمورو سمنڊ سلامت خدا رکي ساحل،
ڪنيو آ ٻڪ دعا لاءِ ٻچي ٻچي جانان.

■

رستا سوڙها ۽ پيا وڻ،
واهڻ پوڙها ۽ پيا وڻ.

بن ۾ مون سان بيٺا آهن،
منهنجا ڳوڙها ۽ پيا وڻ.

ماڻهو مارِيئون ڪري اڪيلا،
لانڍيون لوڙها ۽ پيا وڻ.

ڏرتي ڪِيئن جُهڪن هي تنهنجا،
آرڏا گهوڙا ۽ پيا وڻ.

توسان گڏ حَسن هي پنڇي،
جوڙا جوڙا ۽ پيا وڻ.
■

آئون تو ساڻ، تون ڪٿي جانان!
هن گهڙي هاڻ، تون ڪٿي جانان!

زندگي زلزلي ۾ ڦٿڪي پئي،
ڪيڏي ڇڪتاڻ! تون ڪٿي جانان!

ٿي سگهي جي تہ مونکي ميڙي وٺ،
زندگي واڻ، تون ڪٿي جانان!

آئون تو منجهہ مئو پيو آهيان،
پاڻ تون پاڻ، تون ڪٿي جانان!

چپ منهنجا تہ سُڪن پيا ساگر تي،
اڪ آلاڻ، تون ڪٿي جانان!

ڪهڙي ڪُنڊ ڪائنات جي وڃي ورتئي؟
پاڻ ڪي آڻ، تون ڪٿي جانان!

ڪنهن گهڙي منجهہ تون گُهمين پئي،
ڪو سفر ساڻ، تون ڪٿي جانان!

آئون رڻ ۾ رَڙي سڙي ويندس،
مان ٿيس پاڻ، تون ڪٿي جانان!

منهنجي سيني ۾ تنهنجي سهڪي جو
آ لڳل ٻاڻ، تون ڪٿي جانان!

جسم تنهنجي، جي گونجندڙ گرمي،
ڪيڏي ڪوساڻ! تون ڪٿي جانان!!

■

جنهن ٻه جوڙون آهن جوڙيون رات جُون،
تنهن هوا ۾ ميخون کوڙيون رات جُون!

هن آنڌاري سمنڊ ڪاري ۾ وڃي،
جاڳ آخر ٻيڙيون ٻوڙيون رات جُون!

خواب پنهنجا ڪونہ ٿو جڪڙي سگهي،
ننڊ جا ڏاڳا نہ نوڙيون رات جُون!

ڪير پيو پيڇو سِتارن جو ڪري،
ڪهڪشائون ڪنهن تہ روڙيون رات جون!

راز سڀ چوري ڪريون سنسار جا،
چئو يلا! ٿوڙيون تجوڙيون رات جون!

بادلن جي رٿ تي ويهي "حسن"،
روڪيون مُون نيٺ گهوڙيون رات جون!

■



طوفان جي ڪُلهي تي، هڪ ڇوڪري ڇڙهيل آ،
سڪ سوز هوءَ سڪيل آ، پنج پاس هوءَ پڙهيل آ.

مومل جيان مجازي، آ عشق ۾ اُپي هوءَ،
من موج موهه ماريل، ڪنهن ڪاڪ جي ڪڙهيل آ.

تصوير ڄڻ لڳل آ، دل جي فريم ۾ هوءَ،
نج ناز جو نگينو منڊيءَ ۾ ڄڻ مڙهيل آ.

منهنجي بدن پني تي، هرڪا لکيئين عبارت،
پينسل جيان پياري، تازي صفا گهڙيل آ.

ويجهو رهي به پر تي ۽ ڏور هوندي اوڏي،
ميلاپ ۽ جدائي ۾، جنهنجو جُسو جڙيل آ.

هن درس حسن آهي ڪهڙي ڪيس ڪچهري،
هيءَ ڇوڪري اُپي ڇو ۽ عشق تي اڙيل آ.

■



سٽان جت روز هٽڪارون، وڇيرن جو وطن آهي،
ڳُهمن جت گهوٽ ۽ گهوڙا، وڇيرن جو وطن آهي!

پٽائي جت هليو هڪليو، ڏٺائين ڏيهہ ساري کي،
پرين جت پنڌ ڪيو تنهنجي ٿي پيرن جو وطن آهي!

آهي مسرور[1] گڏ مون سان، سدائين سنڌ ساريءَ ۾،
سما[2] سيڪاٽ انڙن ۽ ڏيرن جو وطن آهي!

تپايو لوهہ لوهارن، مڙي مسعود[3] سان گڏجي،
دُنيا دينار ٽالپر[4] کان سويرن جو وطن آهي!

علي قاضي[5] سيئي گڏجي، ڪريون آباد بستين کي،
توانائي ڪتب آڻيون مٽيرن جو وطن آهي!

وسيلو هٿ ڪريون پنهنجو ٿئي هرڪو سکيو سهنجو،
ڪڇي ٿي روز هيءَ ڪينجهر، مڇيرن جو وطن آهي!

ٽڏي ٽالهي، سني چمپا، وڏا ٻڙ واهہ تي ٻيٺل،
ٻير، نم، نازبو موتيو ۽ پيرن جو وطن آهي!

اسين ڪجهہ آريا ۽ لوڪ اصلوڪا ڪنارن جا،
دراوڙ دوست پنهنجن ۽ دليرن جو وطن آهي!

حسن هيءَ سنڌڙي سهڻي، اسانجي جند سان رهندي،
نہ ميرن جو نہ ايرن جو نہ غيرن جو وطن آهي!

■

(1) مسرور سومرو (2) سيڪاٽ جا سما، انڙ ۽ ڏيرا جيڪي سنڌي گهوڙن جا وڏا شوقين ۽ شاعر جا ويجها دوست آهن (3) مسعود لوهار (4) مسعود لوهار جو ڳوٺ (5) محمد علي قاضي (ايڊيٽر ڪاوش)

هڪ ڏيک يادگيري، هڪ شام جو تصور،
ڪڙندڙ گلاب آهي هڪ نام جو تصور.

ڪلندي خمار جيڪي، ڪيڪار ڪن خيالي،
جڙندو انهن اکين مان، آ جام جو تصور.

نيري نهار تائين آهي، لڪيو پيو چڻ،
پيچري سندي پکيءَ لئہ، اڏام جو تصور.

مرڪي ملڻ جو ماڻو ڪلندي رسڻ جو ڪُتڪو
آغاز جو انديشو انجام جو تصور.

هي شهر گهر مٽيءَ جا ۽ دونهين جهڙو ديس،
منظر اداس عورت ۽ گام جو تصور.

شهرت ڪين گهرجي، ڇو پئي ٻڪي پٺيان،
مشهور ڪيڏو ٿيو آ، گمنام جو تصور.

هڪ خاص ڳالهہ آهي تو کي ٻڌائڻي،
هي عشق نيٺ ٿيندو عام جو تصور.

مون کي خدا هو خلقيو يا مان خدا کي خلقيان!
بندي اڳيان آ بيٺو بس رام جو تصور.

هر ٻج پار وانگي، ڌرتي جڻي پئي،
هر وڻ وڏو لڳي ٿو ڪنهن لام جو تصور.

هئي هئي حسن هي ڪيڏيون ڪرامتون!
دک درد بہ لڳي ٿو آرام جو تصور.

■

عمارت عشق جي ٽوٽي مون کي عجب آهي،
زمين دوز ٽيڻ جو نہ ڪو سبب آهي.

جڏو جهاز هي جيون جو ڪيستائين هلي،
سمونڊ وقت ۾ ڪيڏو وڏو غضب آهي.

فقير شعر حقيرن جا پيا پرين پڙهندا،
ڪمائي "ڪين" جو بہ ڪونہ ڪو ڪتب آهي.

ڏکهي آ راهہ مگر مختصر مسافر تون،
اُداس آدمي تو لاءِ رڳو ادب آهي.

اصل نسل ۾ ملي عشق جي پٽي ورثو
حسن اسانجو اِهوئي حسب نسب آهي.

اکيون اوهان جون نهارن پيون نظارن مان،
لڳي ٿو رابطي ۾ رات ڏينهن رب آهي.

اسان تہ سچ لهڻ جو بہ آ ڏٺو منظر،
اجوڪو جيڪو ٻڌو سو رڳو قلب آهي.

اُهوئي سور سَسُئي ۽ اُهو ئي پاڻ پنهون،
اُهوئي هاڙهو اُهو هوت، اُهو حب آهي.

■

سِرن جيئن پچائي برهہ جو بٺو،
اسان جو تہ سورن ۾ آهي سٺو.

بندوقن جون باتيون بندوقون سٽن،
اسان کي تہ ڳالهين ڳچي ۾ ڳٺو.

اهو درد پوشاڪ آهي پرين،
لَکن کي لڪايو گهمي ٿو لٺو.

ڇَٽِي خيال ۾ پن ڪڙڪو ڪيو،
مٺي ماٺ جو مينهن آهي وٺو.

اهو سور جو ساٿ سونو اٺئي،
مليل محب جو ڪين پائنج مٺو.

وري شهر جانان ۾ آيو حسن،
اوهين قاتلن کي ڪريو اڄ ڪٺو.

■

شام جو تون تلڪ چاڙهي، مان اونهاري جي هوا،
تون اُڏامين جڻ تہ ساڙهي، مان اونهاري جي هوا.

تون نشي ۾ ٽپ دنيا، مان اُڏامن جي اڳيان،
تون گلاس منجھہ تاڙي، مان اونهاري جي هوا.

تون سجاول جي بدن تي عشق جو نالو لکيل،
ٿڏيري رات لاڙي، مان اونهاري جي هوا،

ٹُنهنجي اکڙين ۾ اچي مون سمنڊ کي سوگهو ڪيو
منهنجي ٻانهن منجھہ ٻاڙي، مان اونهاري جي هوا.

مان تہ جڻ ڪنهن مينڏري وانگي اچان پيو تاٽبو
دور مومل تنهنجي ماڙي، مان اونهاري جي هوا.

■





اک آلاڻ، مان ڏسان چهرو
آرسي آڻ! مان ڏسان چهرو.

آمهون سامهون هجين ويٺل،
پنهنجي سر پاڻ، مان ڏسان چهرو.

خشڪ واري هجي يا ويرانو
موج مهراڻ، مان ڏسان چهرو.

ڇو لڪائين ٿو مُنهن، لڪين ڇو ٿو؟
چنڊ چڪتاڻ، مان ڏسان چهرو

اڻ ڏٺل تون، عجيب اڄ اوڏو
ٿو ڪيڏان ڪاڻ، مان ڏسان چهرو.

تون حياتي پيئو ڇنڊ ڦوڪ حسن،
تون پلي ڇاڻ، مان ڏسان چهرو.

دلڪشي، شوخ، سُرخ، سينگاريل،
لب لالاڻ، مان ڏسان چهرو.

ڪو ذرو ٽڙ، ڪو مُهٽو موهيڙو
ڪا ڪٽي ڏاڻ، مان ڏسان چهرو.

■

تڏهن بحر ۾ بوند ٿي پئي گهٽي،
جڏهن جز ڪُل ۾ سمائي ڪٽي.

پرين موسمن جو پتو ٿو رکي،
اسان حال پنهنجا وڃايا ڇٽي.

اندر جون اُڏامون نہ سمجهي سگهين،
پکين جا تہ پيرا نہ سگهيا کٽي.

سمونڊبن سڏيو تہ هلي پيو حسن،
اِها ڳالهہ تنهنجي اسان کي وٽي.

■

صندل جون پرن ڪانيون، ائين دل به پري ٿي پئي.
منهنجي ته سوا تنهنجي ساعت نه سري ٿي پئي،

واريءَ جي دڙن وانگي آئون به اُڏامان پيو
تا نيڻ تڪن ٿر جا ۽ رات ٺري ٿي پئي.

ميلاپ جدائيءَ جو هي عجب تماشو آ،
جيڪا آ اندر ويئي، سا ڇو ته پري ٿي پئي؟

وارن ۾ وڇوڙي جي، پيو يار ڦٽي ڦيريان.
چُپ چاپ اچي چاندي، ڪارن سان ڪري ٿي پئي.

پيا پن ڇڻن پاڻهي، ڪڙڪن به ته ٽٽا خالي،
هڪ شخص جي هڪ دنيا، خاموش مري ٿي پئي.

مون سان جي ملين ها تون، ته مان ٻڏايان ها،
هاڻ وقت وڃي ٿو پيو ۽ مهل ٺري ٿي پئي.

هڪ اک رهي آلي، ڪن پل نه رهي خالي،
هڪ ميڻ ٻتي آهي، ڏينهن رات ٻري ٿي پئي.

هڪ درس حسن آهي، چئي ٿو رڳو محبت ڏي!
دنيا ته الائي ڇا ڇا، ڪم ڪار ڪري ٿي پئي.

■

اُيو پنڌ پنهنجو هوا پير هيٺان،
سيئي سير سٽبا، سوا سير هيٺان.

چٽي چانو آخر آ، پٽ تي سمهي پئي
وٽن جا وڏا بنڊ ڪاٺير هيٺان

اسان هر گهڙي کي گهمائي ڏنو پئي،
پري کان لنگهي ويو وري ڪير هيٺان.

جيئڻ جاڳندو آ، مرڻ ننڊ وانگي،
عمارت ستي آ، وڏي ڍير هيٺان.

وري وڻ کي ٻيهي، تصور ۾ ڏوٽياڻون،
نٺين ٻارڙن پئي ڪنيا ٻير هيٺان.

اهو ئي وڇاڙو اهو ئي اوڏڙو آ،
مٿي آ مٿان ڪان، اها مير هيٺان.

حسن هاءِ تنهنجون، اکيون پئي عقابي،
چڪي چوڪريءَ کي ڪٽو چير هيٺان.

■

منهنجي حيات ۾ منهنجي ورسي،
توئي جيتيو تنهنجي سرسي،
مُرڪ به مُنهڙو موڙيو تو جيئن،
لڙڪن جي برسات برسي.
سج به سُوتا هٽي پيو جهومي،
چنڊ به ٿي پيو آهي چرسي.
واٽ وٺي مان ڪيئن وڃان ها،
تون نه آئينءَ پيس ترسي.
من جو مڪتب خالي ويران،
حسن ڇڏائي وئي سڀ ڏرسي!

■

اک ۾ پوڙها ڳوڙها آهن،
لوڙها لوڙها ڳوڙها آهن.

ترسن، ورسن، برسن بيٺا،
گهوڙا گهوڙا ڳوڙها آهن.

ماٺ مُٺيءَ ۾ موڙها آهن،
گونگا ٻوڙا ڳوڙها آهن.

سهميل سهميل، هيسيل، هاريل،
سوڙها سوڙها ڳوڙها آهن.

آئون اڪيلو آهيان ڇاهي!
جوڙا جوڙا ڳوڙها آهن.

مون وٽ ڇاهي؟ ڪجهه بہ ناهي،
هاءِ وڇوڙا ڳوڙها آهن.

■



چا تون مون لاءِ ليئو ٽيندين؟
چا تون مون کي ڏيئو ڏيندين؟

رڻ ۾ مون سان رات ڪٽيندين،
نانگن ڏانهن تون مون کي نيندين؟

ڪوئي لانڍي، چونئرو جوڙيون،
گڏجي سڏجي عشق اڏيندين؟

وارياسي ۾ ويندس آئون،
پوءِ تون پويان منهنجي ايندين؟

دلِ جي صحرا ۾ جو پلبس،
اهڙي رڻ کي ڪيئن روڪيندين؟

ٽڪجي پوندو آهيان ڏاڍو،
مون سان گڏجي ساهه پٽيندين؟

مون سان گڏجي ويٺي هوندين،
مون سان گڏجي واپس ويندين. ■

سجي رات بيٺي ڪتيون سين اکيون،
پرينءَ لاءِ پُوري پٽيون سين اکيون.

رڳو لڙڪ هاري رُناسين لڪي،
ڪنڻ لاءِ کھڙيون ڪتيون سين اکيون.

نپوڙي نپوڙي نگاهون نچوڙي،
سڪا لڙڪ پؤ پيي وٺيون سين اکيون.

پرين پوک تنھنجي لاءِ پاٽي ٽياسين،
کُٽا پڄ آخر چٽيون سين اکيون،

حسن! هي اسانجو تو گذرڻ ڏٺو
گھٽيءَ مان گھلجي مٽيون سين اکيون.

■

بي قراريءَ ۾ قرار ڇو آهي؟
مون کي دشمن سان پيار ڇو آهي؟

مون تہ چاهيو پئي تو هٿان ئي مران،
تنهنجو خالي هي وار ڇو آهي؟

ڪجهہ نہ سمجهي نڪو سٽي تو پيو
پيار ننڍڙو هي ٻار ڇو آهي؟

مون جسم هو ڇڏيو اُڇلي،
پاڻ تي هاڻ بار ڇو آهي؟

هيءَ حسن درس آ ڇريو ماڻهو
پاڻ کان پاڻ ڌار ڇو آهي؟

■



رامڪي بازار ۾ مانڪي بيٺي رهي،
ڪونج جهڙي ڪولهياڻي ڪا ڪڪي بيٺي رهي.

چو نئو تنهنجي هٿ مان، ٿو ڪري خنجر سمهي،
زخم وانگي زندگي هٿي ڇِڪي بيٺي رهي.

طاقتن تلوار کي، وقت ڦيرايو گهڻو
اُن جڳهه اُن جاءِ تي، هوءَ ٽڪي بيٺي رهي.

ڏينهن جو تارا ڏسڻ جي آرزو ناهي ڪٿي،
سوز سان ساري سڄڻ ۾ سڪي بيٺي رهي.

صورتن جا سمنڊ ٿا پوڙي وجهن هر پانهن کي،
چولين کان چوڪري، چو چڪي بيٺي رهي.

عشق هڪ پردو بہ آ ۾ اُگهاڙپ آ وڏي،
لوڪ جي اکيان بہ هٿي ۾ لڪي بيٺي رهي.

ها ڪرڻ جا هوڪريا، مفت ۾ مردن هنيا،
انڪار مان آيل هٿي، سا نڪي بيٺي رهي.

حَسن هي توحيد جو درجو خدا ٿو چو ڪٺي،
عشق ۾ ملحد اڪيلي ۾ اِڪي بيٺي رهي.

■

اڏاڻيون ڏور پئي آڙيون، سمو ڪنهن سار وانگي هو،
لڙيو پئي لاڙ تان سورج، مهاڻي پار وانگي هو.

ڳچيءَ ۾ مون هيو پاتو ۽ سيني ساڻ هو لاتو،
منهنجو محبوب ڪلهه مون کي، هٿن ۾ هار وانگي هو.

هجومن ۽ هشامن، هيڪلائي کي جڏهن جنميو،
ڏنو مُون روح پنهنجي کي، انڌاري غار وانگي هو.

وڻن تي ڪانگ ها ويٺل، ڳليءَ مان ڳئون پئي آيون،
پراڻو ڳوٺ هو ليڪن، پرينءَ جي پار وانگي هو.

جڏهن جهمپير ۾ منهنجي جواني موٽ کائيندي،
ڪلي چوندينءَ ڪجيءَ کي تون، تِکو تلوار وانگي هو.

هوائن تي هليس آئون، نظر ڪجهه ڪونه ٿي آيو،
سچڻ رستو سچو تنهنجو سنهي ڪنهن تار وانگي هو.

مڇيءَ جي اک مان ويٺي، ڏٺو مون هر ڏهاڙي کي،
لڙائيل وقت ۾ لمحو لڳل ڪنهن چار وانگي هو.

صفا سُنسان مندر ۾ جڏهن سانجهي ملي مون سان،
اُتي آواز عشق جو سنهڙو ڪنهن آر وانگي هو.

■

پکي پرديس جا، سورج پرن پويان لڙي ٿو پيو.
ورڙ[1] اُن واٽ تي وينل، اکيان جت رِڻ رڙي ٿو پيو.

لڳي وئي لاڙسان آ لنئون، اوهان کي ڇا پلا پيو چئون،
اسان کي عشق سارين جيئن، چنڊي ڦوڪي چڙي ٿو پيو.

عمر جي آخرين مان ڏس! ڦُلن وانگي ڇڻون ٿا پيا،
سڄڻ سگريٽ سستي جيئن، سڄو ماڻهو سڙي ٿو پيو.

پراڻي عشق پوڙهي جي، وڃت نڙ ڦوڪ مان نڪتي،
ملڻ هي مير محمد[2] جو جوانين کي جڙي ٿو پيو.

اوهان مُرڪي ملي آخر، هليا ويا شهر پنهنجي ڏانهن،
اسان جي ڳالهه جي ڳل تان، اجان ڳوڙهو ڳڙي ٿو پيو.

وطن ۾ بي وطن، معشوق عاشق جو ملڻ ڪهڙو،
زمانو زور تي تڙ تان، تماچين کي تڙي ٿو پيو.

■

(1) ورڙ ذات آهي ۽ بدين ضلعي جي ڏاکڻين حصي ۾ سندن وڏا ڳوٺ آهن. (2) مير محمد لنڊ (1997ـ1927) بدين لڳ جو رهواسي هو ۽ بوڙينڊي ۽ نڙ وڃائڻ ۾ خاص مهارت رکندو هو. هُن بوڙينڊي مان ست سُر ڪڍي اُن کي نئين صورت ڏني.

لھر تي جاڳي ڪري ٻي لھر ۾،
چو سمندرا ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

رات جي ڏيئي ۾ جاڳن تا جنم،
گھنڊ مندرا ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

زندگي ڪيڏي ذلالت شڪستون،
تون سڪندرا ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

ٻاھر ڪيڏو اڄ مسافر مينھن آ،
منھنجي اندر ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

جاڳ جي ٻيڙي تہ پرزا ٿي چُڪي،
شاھہ بندرا ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

گھر تہ ڀاتين سان سُتو آ ڀاڪرين،
ڪڙڪندڙ در ڇو ڀلا سمھين نٿو؟

■



نانگ بہ سوچيو هوندو دل ۾، ماڻهوءَ جي مڻ ڪهڙي آهي؟
ماڻهوءَ سوچيو دل جي داڻي جهڙي ڪا ڪڻ ڪهڙي آهي؟

ويهي گڏ وڙهين ٿو ويٺو گهمندي گڏ چڙين ٿو چريا!
عشق اسان سان تنهنجي آخر اهڙي اڻ بڻ ڪهڙي آهي؟

مينهن اسان کي نينهن اڳيئي، آهي پڄايو برسي برسي،
هي ڏس من ۾ موتي آ، من تنهنجي ڪڻ ڪڻ ڪهڙي آهي؟

وڻ نوڙها ٿيا، گهٽيون سوڙهيون، حسن درس اڳي پيا لوڙيون،
توبن تانگهہ اسانجي تڙپي، ٻي ڪاپن چڻ ڪهڙي آهي؟

■

ڏکو نيٺ داخل ڪيو مون ٻه دل جو
لکين مڻ محبت پين جي پُڏي وئي!

پکي ونڻ جي شاديءَ ۾ تبديل ٿي ويو
اُها ونڻ جي ٿاري اُتان ڪان اُڏي وئي!

رڳو هن اُتي ڪر موڙيو صبح جو
چون ٿا تہ ڏرتي ٻہ ٿوري ڏڏي وئي!

سوين پوپٽن جي محافظ جتي سان،
گلن سان ڪندي گفتگو ڪا گُڏي وئي!

لڙيءَ رات لوڪن جا ليڪا لتاڙي،
لڪي پيار جي پينگهہ ۾ ڪا لُڏي وئي!

■

جوانيءَ جي جر تي اسين آهيون پهتا،
وري تنهنجي در تي اسين آهيون پهتا.

محبت جي منزل جا ماريل مسافر،
ڏني ٿي نه ورتي اسين آهيون پهتا.

رُسن ٿا ته رڻ ۾ ٿي رهجي وڃون ٿا،
پرينءَ نيث پرتي اسين آهيون پهتا.

ستارا ته اورڻين وڪن ۾ چڙهيا سين،
انهيءَ ڪان به پرتي اسين آهيون پهتا.

پڇي نيٺ پاڻيءَ کي پياسو ڪيوسين،
جڏهن ڪان ئي جر تي اسين آهيون پهتا.



جيڪو جوڙي ٿو،
سو ئي ٽوڙي ٿو.

پيار پُسائي پر،
درد نچوڙي ٿو.

ڏينهن جي وڻ مان،
راتيون روڙي ٿو.

مون کي موٽائي،
مون کي موڙي ٿو.

بي حد بيٺو آ،
ڪيڏو ٻوڙي ٿو.

■

پٿر ٻه متان وگهري آواز تي پوي،
آواز نيٺ تبديل تي ساز تي پوي.

آئون جو عورتن سان ڪپڙا ڍڪي گهمان،
۽ ديوتا اُگهاڙو ناراض تي پوي.

انجام عشق تنهنجو کهڙو ٻه تي سگهي ٿو،
اڪثرين سان هڪ دفعو پيو آغاز تي پوي.

مون لاءِ ته هر محبت مدفون شهر آ،
مون لاءِ ته هر مسئلو ٿو راز تي پوي.

ويٺي جو مان وٽن کي پرسان وهاريان،
بيهان ته هوا جهوٽو ٿو باز تي پوي.



■

شامل حال کو تہ هوندو هو.
منهنجو دلدار موٽ هوندو هو.

هن حياتيءَ جي سڄي سيج لُٽي،
ڪنهن زماني ۾ هوت هوندو هو.

درد دائم اچي ڪيو ديرو،
پهرين موٽيو هو پوءِ تہ هوندو هو.

پيا پگها، هو نہ پر پڳو پرسان،
هڪ حسن يار سو تہ هوندو هو.

منهنجو اندر پٽي وڙهيو مون سان،
مون کان ڏاڍو بہ چو تہ هوندو هو.

■

گهر متيءَ جو گهاٽ گهٽيءَ ۾،
تنهنجو کهڙو ڪم ڪٽيءَ ۾؟
نيروٽيءَ جو نام نرالو
رنگ اُياري ڦُٽ پٽيءَ ۾.
وڻ جيئن ڏوٽي ڏوٽي دل کي،
من ڇُلڪائي ڏس متيءَ ۾.
هاڻ حسن ديوانو ناهي،
چوندين چوندين نيٽ چٽيءَ ۾.
■



سڀ ڪجهہ هجي ضرور، مگر پيار ٿو کپي،
مئہ جو سنو سرور، مگر پيار ٿو کپي.

ايمان دين هوندو دوزخ ۽ جنتون،
خالص خدا جو نور، مگر پيار ٿو کپي.

اولاد نوڪري ۽ وهنوار وقت جو
ها ها هجي حضور، مگر پيار ٿو کپي.

دانش عقل جي دنيا، آهي دليل سان،
۽ علم تي عبور، مگر پيار ٿو کپي.

غم ٿو ڪجي غضب، يا افسوس ٿو ڪجي،
غصو ڪجي غُرور، مگر پيار ٿو کپي.

ڪنهن چنڊ تي ٽرون يا سورج مٿان ٻرون،
دنيا کان وڃي دور، مگر پيار ٿو کپي.

انسان سان محبت، انسان ٿو ڪري،
گلمان ۽ نہ حور، مگر پيار ٿو کپي.

واپار پيار ناهي، نقصان ۽ نفعو،
پاڇي ٻچي نہ مور، مگر پيار ٿو کپي.

هڪڙي حسن حياتي، ويندي وڃائجي،
ضايع ٿيان ضرور، مگر پيار ٿو کپي.

■

هن عمر ۾ بي مثال ۾ بي باڪ محبتون،
ننگا نصيب منهنجا، ٿيون چاڪ محبتون.

بيهي بدن مون ۾ ڪٽي ساهه تي رکيو
گهري گناهه نيٺ ڪيون پاڪ محبتون.

ڪاڙهي تتي جو ديس ٿو آئون تڏهن گهمان،
منجهند جيان ملي ۾ وڃن ٿاڪ محبتون.

مون ساڻ منهنجون موسمون گڏجيو پيون گهمن،
رب جو قسم ته روح جون رولاڪ محبتون.

مون لاءِ پرين پيار آ تنهنجو بناوَ ٿيو
منهنجيون ته ٿڪي نيٺ ٿيون ٿاڪ محبتون.

پنج ئي شيون نصيب اٿم پيو تڏهن تڳان،
نرمي گلن جي، گيت، هوا، ماڪ محبتون.

■

سمنڊ خشڪيءَ ۾ ٿئي فرق، ڏسجان!
دل جو ڪو غوراب ٿئي غرق، ڏسجان!

ڪيئن ڪري ڪرنفل مان قطرا ٿي،
آدمي ڪيئن ٿو ٿيئي عرق، ڏسجان!

زندگيءَ جي ڪتاب قاتل جو
هر الڳ ٿئي ورق ورق، ڏسجان!

بي لباسيءَ ۾ چا تہ ڏسين سگھنديں،
هُوءَ جڏهن ٿئي زرق برق، ڏسجان!

■

اڄ مسافر ماڪ جا پئي ڪانہ آ،
هوءَ ملڻ محبوب سان وئي ڪانہ آ.

جا پرولي پيو پرينءَ کان تون پڇين،
چنڊ توکي سا تہ مون چئي ڪانہ آ.

عشق عشق جو گهوڙي سوار ساڳيو
راهہ تنهنجي ۾ اُها رئي ڪانہ آ.

تون پلي توري تڪي وٺ ساهمي،
مون اڃان محبت ڪڏهن مئي ڪانہ آ.

■

چنڊ راتين جو ڪٽي هٽڙا نرم،
تو اگهيا لڙڪ اجهل منهنجا گرم.

پاپ ڪان پيارا پري هن پار ٻ،
پونءَ جو ڪيڏو پلارو هو پرم.

نيڻ ٻہ تنهنجا گلابي لال ٿيا،
ڳل ٻہ ڳاڙها ٿيا چانئيي شرم.

تون ڇڪي چادر سمهي پئو نہ سِگهو
ڪر ڪوي نہ قوم تي ڪوڙو ڪرم.

سانت سِنڌو گود ۾ سک آ گهڻو
پوءِ پچائي چا ڪريون باغ ارم.

سنڌ، سنڌين جا قصا، ڳالهيون شعر،
دين ٻہ پنهنجو اِهو آهي ڌرم.

مان تہ وانگي آن وٿاڻن جو ڪو واسي،
نہ حَسن پنهنجي حويلي ڪو حرم.

■

ڏس اداسي رات جو پوين پهر،
ويران منهنجي دل جيئن سارو شهر.

ٽڙندي ٽاڀڙجان ٿو تنهنجي گهر اڳيان،
ننڊ جا جهوٽا اکين ۾ آ ڳهر.

ڪيڏي پيڙا لوڙهه ۽ پيون ڪيفيتون،
دک پيو پوڳي سمورو اڄ ڏهر.

ذات تنهنجي ذڪ ۾ ويو ڏانءُ ٻه،
ڪين قافيو شعر ۾ ڪوبه بحر.

سوپ ماٽي ٽي سگهيس نه سرخرو
سونهن تنهنجيءَ هو ڪيو سانئڻ سحر.

وار وينگس وهنجندي هٿا چوڙيا،
پئي سنڌوءَ جي سير ۾ اپري لهر.

ديد تنهنجيءَ هو حسن ديوانو ڪيو
ڪن چيو ڪيڏو ڪرم، ڪن چيو ڪيڏو قهر.

■

سونهن سان پنهنجو جڏهن سهڪار ٿي پيو
عقل ڪان بس نابري انڪار ٿي پيو.

مرڪ ڪنهنجي موٽ ۾ مرڪيو هو مون،
اِهين پنهنجي عشق جو اظهار ٿي پيو.

تو حويليءَ جي دريءَ مان پئي ڏٺو
مون سڪايل جو ته بس ديدار ٿي پيو.

بند اکين ۾ سوين سپنا تنهنجا،
اڄ ڏٺو توسان ته چڻ اقرار ٿي پيو.

تو جڏهن سرگوشيءَ ۾ ڳالهايو
شرنائيءَ تي سر اُهو ملهار ٿي پيو.

جنهن ٻه تنهنجي سونهن جي ساراهه ڪئي،
شاهه، سانگي، سو حمل، منٺار ٿي پيو.

ڪنهن چيو ٿا ڪنڌ گهرجن قرب ۾
سر حَسن هٽ تي رکي نروار ٿي پيو.

■

زندگي تو بن اِهين آ بي ثمر،
جڻ بنان پاڻيءَ اڇو ڪوئي ڪکر؛

پيار جو پنهنجي پهچ ڪان ٿيو پري،
سار پر پوءِ به ڇڏي ڪين پڇر.

باهه پئي ساري بدن ۾ ڪا ٻري،
دل به جڻ ميڙ ٽانڊن ۾ آگر.

سڀ ستارا سانت ۾ سمهيو پون،
چنڊ به چپ ۾ ڪڇي ڪو نه قمر.

مان به هڪ مجموعو ڇپائڻ ٿو گهران،
ذات تنهنجيءَ تي هجن شعر مختصر.

لک ٽا لفظ اُهي سارا لهن،
جي ڇيا آمد تنهنجيءَ تي مون اکر.

ڇو لهي ڪين پئينءَ مون وٽ ٽڪي،
هت حيدرآباد مان وبندي سکر.

تون ته ڪنهن محل منجهه هوندينءَ سُتي،
هيڪلو مان ۽ هتي منهنجو ڇپر.

جي به تنهنجي مون جدائيءَ تي لکيا،
گيت سي سارا حسن آهن امر.

■



تو بنان جي وڃڻ،
آهي جيئري مرڻ.

تون جهروڪو ٽڏو
مان اجارو هرڻ.

ڇو اُجهامي ويو؟
تنهنجو ٻهڪي ٻرڻ.

پيار توسان پرين،
ڄڻ عبادت ڪرڻ.

منهنجو معمول توکي،
ڪليا خط لکڻ.

ياد تنهنجو اچي،
ٽڪٽڪيءَ ۾ ڏسڻ.

زندگي گهر منهنجو
آرزو آهي اڱڻ.

شال تنهنجو ٿئي،
ڪڏهن موٽي اچڻ.

هيڪلي حسن ۾،
سور ڪونهن سهڻ.

■

تنهنجا لب سنڌوءَ جا ڪپ،
چمڙ ڏي تون پنهنجا چپ.

جيڪا مايا چاهين واريان،
مون ڪان وٺ تون موتين لپ.

ويجهو آءُ، اوري تيءُ،
ٿهي ڪين پري ڏي ٽپ.

دل وارن ڪان ڪهڙيون دوريون،
ڪهڙا ڊيڄا، ڪهڙا ڊپ.

هاءِ حسن ٻه هيڃي ڪهڙو
تنهنجي جواني منهنجا جهپ.

■

آئي ڪين اڄوڪي رات،
مون وٽ منهنجي ڏاهي ذات.

هر هر تنهنجي هُر ڪُر دل ۾،
ور ور تنهنجي وائي وات.

سرجڻهار صبح تي ويو
خالي پتن سان پريات.

سوچ بہ تنهنجي سار بہ تنهنجي،
تار بہ تنهنجي، تنهنجي تات.

ماريندي بہ موهي تو
ڪيڏو پيارو ڪوتا ڪات.

جاڳي جاڳي نيٺ تہ جڙندو
شعر اڌورو ماريءَ مات.

■

شاهڪار ۽ شهپارا چڙهه،
چنڊ ستارا ڪارا چڙهه.

تنهنجو آ انصاف اڏي،
دهليءَ جي در دارا چڙهه.

تنهنجو انڌ عدالت اونڌي،
اورنگزيب جا آرا چڙهه.

تنهنجي مرڪ مڪاري ڏاڍي،
مسڪينن تي مارا چڙهه.

تنهنجا لفظ لفنگا لوفر،
ٺوهر ٺڪيل ڪارا چڙهه.

منهنجا مقصد موت مٿا،
وچڙيا دلين وارا چڙهه.

هاءِ حياتيءَ هوش وڃايو
اونڌا ابتا ڏارا چڙهه.

بند ٿيا هن بيت حسن جا،
رستا راهون چارا چڙهه.

■

جنرل ضياءَ جي مارشل لا تي 1983ع ۾ لکيل!

جيڪي جيءَ منهنجي ڪي جوڙي ويا،
سي ئي تند تارون توڙي ويا.

ستي لوڪ سپنن ۾، ڏئي پير پير ۾
خوابن تي به خنجر ڪوڙي ويا.

اُداسين جو آچار ويچار ته ڇڏ،
ٻڏيءَ دل کي ويتر ٻوڙي ويا.

اڳي رات ڪاري اماس انڌاري،
مٿان وار ڪارا به ڇوڙي ويا.

ڏئي ٻُت ٻاَت جي منهن تي مڪاري،
سدا چنڊ چهرا به روڙي ويا.

جنين سنگ پنهنجا نه سنڌي سڄاتا،
لُچي لڳ ڏن جا به لوڙي ويا.

هٿا گڏ هلندا جي هر دم حسن سان،
اُهي به اڳين جيئن منهن موڙي ويا.

■

چنڊ به پورڻماسي آهي،
پوءِ ڇو رات اداسي آهي.

شبنم شبنم قطرا ڪريا،
پوڻ تڏهن به پياسي آهي.

منهنجي سوچ ستي هئي توسان،
تنهنجي وارن واسي آهي.

من جي مندر ۾ جا مورت،
دل ئي تنهنجي داسي آهي.

تنهنجي ته تصوير پرين مون،
رت پنهنجي مان راسي آهي.

تنهنجو جنهن ديدار ڪيو
اڪ اڪ سا آساسي آهي.

جن به تو لئه اوجاڳا ڪيا،
تن جي ننڊ اٽاسي آهي.

■



اسان ٿي ڪوي ڪاڪ ڪوتا جا راڻا،
اسان سان ٿي مومل ڪيا موھ ماڻا.

اسان ٿي تہ اوندھ سان الجھون ۽ اٽڪون،
اسان جي نہ ذات جا ڏيئا اُجھاڻا.

اسان ڪنپ ڪوھي نہ خيالن جا چڏيا،
اسان جي اندر جا عقاب اُڏاڻا.

اسان تہ پٿائيءَ سندا شعر ڳايا،
اوھان ٿي پڙھو پيا پرايا پراڻا.

نڪي در ڏارئين ڪنھن جو جھليوسين،
نڪو نوسياسين وچي نام ناڻا.

وساريا نہ آھن اسان وڻ وطن جا،
ٻُلياسين نہ دودي ۽ پونگر جا پاڻا.

نڪي لوڀ لالچ اسانکي نمايو
نڪي بيت دوھا اسانجا وڪاڻا،

ڪٽي ٻات ۾ لاٽ واٽن ڪي وڙڙي،
اسان ٿي پرھ جا ڪيا پچاڻا.

سيئي سنڌ تنھنجي تسبيح پڙھن پيا،
حسن سي نہ ھر دم آھن اياڻا.

■

شعر ۾ شعلا شبنم کھاٽيون،
اسان جون تہ سوچون سستيون وڪاٽيون.

ڪينجھر تي ڪونجون آيون اتر کان،
الائي ڇو ڇرڪي واپس اُڏاڻيون.

ڪري عشق توسان اماس اڙيس مان،
ڏياٽيون بہ ڏمريون آڳون اُجھاٽيون.

چاندي مٿي ۾ چمڪي پئي چوٽي،
رحل ڪوٺ قرآن عمريون نياٽيون،

پورين ۾ معصوم اياٽين جا اُڌما،
سمجھي نہ سگھنديون ڏاهيون نياٽيون.

مڙي ڪين موٽي ڏٺو تو حسن کي،
سوا تنھنجي راتيون ويٺي وهاٽيون.

■

١٠

رات سپني ۾ مون تي گهُمي ڪهڪشان،
چنڊ ماتم ڪيو تي مُڪليءَ متان!

تو اپيچند سندا سيٽ ناهن ڏٺا،
توکي ناهي خبر سُونهن ڇاهي مُلان!

عشق سرمد جي پيرن جي خاڪ آ،
تون ٽٽي جي گهٽين ۾ گهمي سوچجان!

ورق انجيل جا سُونهن جي جوت آ،
آئون قرآن کي تو اکين سان ڇُمان!

■

باھہ رڳو نہ بن ۾ آهي،
منهنجي بہ تہ تن ۾ آهي.

ڇا ٿو سوچيان، ڇا ٿو سرجيان،
جيڪي ڪجهہ آ من ۾ آهي.

جوءِ جبل وٽ سچ سلامي،
شايد سائين من ۾ آهي.

مون بہ تہ ڍوليا ڍال ڪنئي آ،
ڪونج ڪهاڙي ڳن ۾ آهي.

اوکي سوکي عبادت اگري،
ايمان بہ تہ ان ۾ آهي.

پيار سچو آ پاڪ پلارو،
پاپ رڳو پل ڪن ۾ آهي.



پرهه ميزانجهڙي باک پيئي ڦٽي،
رات به رمر جهمر ٿي ڇاڻ ڪٽي.

لب لب تان لهي ٿو ڪري الوداع،
بس هاڻ ٿو ٻانهن جو گهيرو ٽٽي.

ڪو تہ رات اڪيلي وهائي اُداس،
ڪو تہ شعلو شباب جواني لٽي.

سرد ساهن تي سائنڻ وڃيو ٿئي ختم،
جنگ جذبن پنهنجن جي ٿي جيڪا جٽي.

■

يار غمُ قريب ڪر،
درد مون نصيب ڪر.

اُڃ آ علاج مون،
تئونس کي طبيب ڪر.

مان امير عشق ۾،
غور سان غريب ڪر.

جسم کان جدا ڪري،
روح کي رقيب ڪر.

آخر اچي اوڏڙو
حُسن کي حبيب ڪر.

ڏُوڙ سڄي آ ڏوٽڻي،
رات اڄ رهي بہ ڪر.

هي حَسن حسين آ،
اُٿ اُٿي عجيب ڪر!

■

تو ڪيو پيار. هو جو اڳ مون سان،
آئون تنها، سمورو جڳ مون سان.

مون کي خود ئي ڦُريندو رهندو آ،
منهنجو پنهنجو اندر جو ٺڳ مون سان.

دل کي ديوار ڪَيئي تہ ڊهي پوندئي،
واءُ وانگي اچي تون لڳ مون سان.

مون کي خود ئي وٺي نٿي منزل،
ڪين دوکو ڪري ٿو دڳ مون سان.

■

هوا ۾ روح رخصت ٿيو مٽيءَ ۾ دل دفن ٿي وئي،
شهادت جي شفق هيٺان، ڳلي هرڪا ڪفن ٿي وئي.

اڻين ماڻهو بدلجي ملڪ ۾ هڪ قوم ٿي ٿو پئي،
وطن تان جان وئي واري وري سا خود وطن ٿي وئي.

هزارين - درد لمحا ديس ۾ گذريو نٿا گذرن،
گهڙي هڪ گهاءُ ٿي بيٺي ڪنڻ ڪان ٿي ڪنن ٿي وئي.

حياتيءَ اڻين سدا روشن رکڻ آ ڪم شهيدن جو،
مرڻ جي واقعي مان ڏس جيئڻ جو نئون جتن ٿي وئي.

■

تون ستارن تي جرّاوت رهنما تنهنجون اکيون،
تون ئي طاقت ۽ حرارت، رهنما تنهنجون اکيون.

خون جي هر بوند جو بدلو وٺڻ جو آ عزم،
وقت آ اعليٰ عدالت، رهنما تنهنجون اکيون.

هاڻ ماڻهو پاڻ پنهنجا معجزا ڏيکاريندا،
قوم جي پنهنجي ڪرامت، رهنما تنهنجون اکيون.

لفظ تنهنجا هاڻ هيٺن لاءِ ٻٽبا طاقتون،
قلم تنهنجو ۽ ڪتابت، رهنما تنهنجون اکيون.

علم ۽ ادراڪ سان غدار سڀ سوڙها ڪبا،
چوڪ تي جلندي جهالت، رهنما تنهنجون اکيون.

بينظيرن ۽ فقيرن جا فڪر ۽ فلسفا،
جاڳندي رهندي امامت، رهنما تنهنجون اکيون.

ڪونج تنهنجي گونج پئي ڳُڙڪي دلين ۽ ديس ۾،
تون ئي صدقي جي صداقت، رهنما تنهنجون اکيون.

هر ڳليءَ ۽ چوڪ تي آهي عوامي ڪتهڙو
سنڌ ۾ ٿيندي سماعت، رهنما تنهنجون اکيون.

■

سج جهڙي سنڌ راڻي روشنائي نور ٻيبي،
اپرندڙ ۽ چمڪندڙ آهه هر صبح جو پور ٻيبي.

جي جلي پيو هن جدائيءَ جهير ڏيئي ماري وڏو
هيٺ ڏس هي ميڙ ماڻهو گهايلن کي گهور ٻيبي.

ڪونج پنهنجي وطن واپس، هئي وري ورهين پُنا،
ويجهڙائيءَ جي وڳي ۾ ڏيهه ۾ جڻ ڏور ٻيبي.

هو شهزادي، هو آزادي، ماڻهو جنهنجا متوالا،
گيت ٻيبي، گل ٻيبي، ٻاجهه جهڙو ٻور ٻيبي.

زندگيءَ کي زخم آيو واءُ کي جڻ ڇهڪ پيا،
جڻ ستارا پيا ٽٽي ۽ چنڊ چڪناچور ٻيبي.

مون نہ هي ڄاتو تہ ٿيندي سنڌ ۾ ٻي ڪربلا،
ماتمي ڪارو وڳو ٿيندو وري مشهور ٻيبي.

سر ڏيڻ جي رسم، ريتون ۽ رواج ڪنهن وڏا،
ڪڙم تنهنجي جي ڪهاڻي نسبتِ منصور ٻيبي.

ماءُ منهنجي، ڀيڻ منهنجي، ڌيءَ منهنجي ڪيئن ڳڻي،
سنڌ آخر ڪيستائين! سهندي رهندي سُور ٻيبي.

■

اُداس آدمي تنهنجو آ گهر گهٽائن ۾،
ملي سگهياسون نہ ٻئي پاڙ پر گهٽائن ۾.

پريا پيا آهن هي بادلن سان گهر سارا،
سٽيو پيو آ تنهنجو تہ ٽر گهٽائن ۾.

پڇي ڏُکي بہ ڪي بادل حسن بيهارين ها،
ٽڪي ٽُٽي بہ ٽڏو ٽيو نہ ٽر گهٽائن ۾.

ڪڙو ڏئي آ ستو ڪير اڄ ڪڪر پويان،
ڪُلي ڪُلي نہ سگهيو نيٽ در گهٽائن ۾.

■

هر سهارو آ ڏکو
ٿهڪ بہ ٿي پيو ڦڪو.

تون وڪامين ٿو وڃين،
سوچ جي سامهون ٻسڪو.

ڳالهيون ڦرنديون رهيون،
ٻول بہ هڪ نہ ٻڪو.

چڙهندڙ سج جو سلام،
ٿلڪ يا ڪارو ٽڪو.

منبر و محراب جو
مسند جو والي وڪو.

ڦٽ نہ اڪڙي پئو
چاڪ نہ پيلي چڪو.

هو اڳيئي پيا چون،
حسن آ چريو هڪو.

■

اسين گس جي وس ۾ نہ رهياسين،
اکين ٿي اکين ۾ روڪيائون راهون.

اهي مهڪ ۾ تهڪ پرتا اوهان کي،
اوهان جا اوهان سان، اسان ساڻ آهون.

ڪنهن نار جي سار آليون اکيون ڪيون،
ٽيو چاهہ، ويو چَين، من ۾ چِتائون.

وٺو رات ۽ ذات ڪڙڪا ڪيا،
گڏ ميت ۽ گيت جون گُذر گاهون.

■



محبت مير باگي[1] جي، ڪنول جهڙي ڪهاڻي آ،
لڳائي لاڙ جنهن سان لنئون، اُهائي سنڌ راڻي آ.

حياتي عشق ٿو ڪوني، محبت ٿي مٿي ڳوهي،
اسان ٿي واٽ جا وارث، اسان ٿي خاڪ ڇاڻي آ.

پلي ڪيڏو ڪٽون ڪائون، محبت جا بکيا آهيون،
ملڻ محبوب جو ماني، اسان لاءِ پيار پاڻي آ.

ڪنارا ۽ ڍنڍون پنهنجون، ڪنڌيون قائم رهن دائم،
پکين ۽ پيار جي ٽولي، اُتان هرڪا اُڏاڻي آ.

شهر جانان ۾ جتي آهين، بيٺو تون ٽنڊي باگي،
اُتي ٿي محبتن جي دل، وڃي هن مير ماڻي آ.

■

(1) مير باگو سنڌ جو هِڪ امر ڪردار جنهن جي نالي پٺيان ٽنڊو باگو شهر آباد آهي. مير باگي کي سنڌ راڻي سان محبّتَ هئي ۽ سندن پيار جي ڪهاڻي هڪ امر داستان بڻجي وئي آهي.

خودي خودي مان جند چٽي ۽ بي خودي اختيار ٿي،
بي فڪر مُرڪي فقيري، عاشقي سينگار ٿي.

اي مُلان تنهنجي مغز ۾ مئہ نٿي ماپي سگهي،
هر دفعي هُل ۽ هنگامي ۾ آ تنهنجي هار ٿي،

پاڻ لاهوتي لڪن مان روز ٽا هر هر لنگهون،
غير سان ساڱٽي جبل ۾ جُٽ چا چا ڪار ٿي.

موج هت اُلجهي نہ ڪائي پاڻ سان مهراڻ ۾،
بي خطر پنهنجي تہ ڪشتي هر دفعي آ پار ٿي.

سج چنڊ تارا قلندر هت ڪٽي هلندا اٿئي،
بي مُروت جي مٿي تي زندگي خود بار ٿي.

عشق اهڙو واس واسيو گل پريشان ٿي ويا،
واءَ ۾ خوشبو کُهلي وئي هر جڳهہ هٻڪار ٿي.

تنهنجي ڇهري کي پسي پيو رقوع ۾ رم جهم نچان،
زندگي سر شار ٿي وئي، دلبري ديدار ٿي.

اهل دل، اهل نظر سڀ ڪجهہ ٿو سمجهي هي حسن،
آل جا دشمن اسان کان، ٿي پري ٿون ڏار ٿي.



عشق ۾ ذات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟
موت ۾ مات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟

جو ڦري فڪر ته ڪنگال ڪري دُنيا ۾
جا ڏئي ڏات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٻئي؟

سوچ منهنجي بہ رڳو چند ستارن تائين،
ڪل ڪائنات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟

هن بنان ڏينهن جو انت نہ ڇيڙو ڪوئي،
هن سان گڏ رات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟

مينهن ۾ نينهن پڇي ٿو تہ پُسي ٿي دل بہ،
اهڙي برسات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟

هُن جي ڳالهين جي ڳلين منجهہ وڃايل آهيان،
هن جي هر بات تصور ڪان مٿي ڇو ٿي ٿئي؟!

■

ڪڪري هٿي جا بيٺي خالي ڪڻ ڪڻ ٿي نہ سگهي،
ويچاري وئي واپس آخر، سانوڻ ٿي نہ سگهي.

ڪاٺ تہ آهي ڪاٺ اُنهيءَ جي ماٺ بہ ٽوڙين تون،
ٽيبل آخر ٽيبل ٿي، ڏاڪڻ ٿي نہ سگهي.

دنيا ساري، درد هزارين، ملندي ڪٿي مرڪي،
پياري آهي پياري رهندي پاپڻ ٿي نہ سگهي.

تو تہ پٽيو هو پاڙن کان جو ٻالڪپڻ پوٽو
جا نم ننڍي هوندي ماريئي سا وڻ ٿي نہ سگهي.

دعويٰ ڪوڙي، ڪمتر ماڻهو سنگتي ڪوهہ ڪجن،
هلي ڪانہ حسن سان گڏجي، سا چڻ ٿي نہ سگهي.

■

قونيا ۾ ڪيف وارو، روميءَ جو رقص آهي،
هن دل قلندريءَ ۾، ڏم ڏم ڌمال آهي!

هن پٽ کي وڃائي، ويڙهي سگهان ٿو آئون،
هر خيال جي خدائي، ڪيڙي سگهان ٿو آئون،
مٽي مان هر ڪو ماڻهو، ميڙي سگهان ٿو آئون،
آواز مان اُتڻ جي، ڪيفيت ڪمال آهي!

مون ۾ ئي آڳ جرڪي، مون مان ئي گل ٻٽيو آ،
مون ۾ ئي جُز ڦٽو آ، مون ۾ ئي ڪل ڇٽيو آ،
مون کي ڇٽيو محبت ، محبت کي مون ڇٽيو آ،
جڳ مڳ جلال آهي، جهرمر جمال آهي!

هي رقص بي خودي آ، ديوانگي صدين جي،
هن ۾ روانگي آ، ساري رڪيل ندين جي،
دنيا نه اسان سامهون، بيهي سگهي بدن جي،
چيرين جي چم چم، سمجهيم سوال آهي!

■

نظم

نظم

ادي هي آجيان ڪهڙي؟

اُهائي آجيان تي هئي،
اُهائي الوداع تي وئي.
ادي هي آجيان ڪهڙي.
وئي جا موڪلاڻي تي!
گڏ تنهنجي جڳهه تي،
سوين گلابن جا ستا آهن.
سپنن جا چاڪ ٿيا سينا،
اُگهاڙا سڀ مٽا آهن.
ڪُسڻ جي قول تي قائم،
سيئي پوتيون ڪٽا آهن.
سموري واٽ تي واپس،
وهيو آ خون پاڻي تي .
ملڻ جون موسمون ماتم،
نماڻين ڪي نصيبن ۾.
تڏو دل ۾ وڇايل آ،
عزيزن ۽ قريبن ۾.
تلاشيون ٿا سيئي توکي،
وري گڏجي غريبن ۾.

سمورو سوڳ سمجهين ٿي،
سمورو روڳ ڄاڻين ٿي.
ادي هي آجيان ڪهڙي،
وئي جا موڪلاڻي ٿي!
قضا جي ڪوٽ ڪاري جي،
وري ساڳي ڪهاڻي ٿي.
تون ئي ڏرتي جيان آهين،
اسانجو پيو وطن ڪهڙو؟
شهادت ۾ گلابن ڪي،
پلا ايندو ڪفن ڪهڙو؟
سدائين جا هجي جيئري،
ڪبو تنهن کي دفن ڪهڙو.
حسن هر دم حُسيني هئي،
وڃي سا سنڌ راڻي ٿي.
سڪايل سور وارن کي،
وڏو آ وقت لوساڻي.
اکين جي ڪربلا آخر،
سموري رات ڪيئن ڪاٽي؟
قضا جي ڪوٽ ڪاري جي،
وري ساڳي ڪهاڻي ٿي.
اڇي حامي حسيني ٿي،
سنڌين سان آ ڪربلا ٿي.
اُهائي آجيان ٿي هئي،
اُهائي الوداع ٿي وئي.
■

ڪجل ڪارڙو ٿي ڏسان يار توکي!

پٻن تي اُپو ٿي ڏسان يار توکي
مٿي مٿيرو ٿي ڏسان يار توکي،
ڪجل ڪارڙو ٿي ڏسان يار توکي،
سجل سانورڙو ٿي ڏسان يار توکي،
ڪڏون، ڪنڊ، ڪوٻو دڙو ۽ ڏٻو ٿي،
ترائيءَ ترو ٿي ڏسان يار توکي،
صفا بي وزن ٿي ڏسان يار توکي،
۽ ڳوڙهو ڳرو ٿي ڏسان يار توکي،
ڪنو ۽ سنو ٿي ڏسان يار توکي،
پلو ۽ ڍلو ٿي ڏسان يار توکي،
چريو ۽ ڪريو ٿي ڏسان يار توکي،
صفا نپ انڌو ٿي ڏسان يار توکي،
پڍڙو پڍل ٿي ڏسان يار توکي،
حسن چوڪرو ٿي ڏسان يار توکي،
چمارون گذاري ڏسان يار توکي،
ننڍو ۽ وڏو ٿي ڏسان يار توکي،
جبل سمنڊ جهاڳي، سيئي وقت واڳي،
ذري جو ذرو ٿي ڏسان يار توکي،
تو منجهه تومان ڏسان يار توکي،
وري اوپرو ٿي ڏسان يار توکي!!.

■



مِلان يار توسان!

چمارون گذاري، ملان يار توسان،
سيئي وقت واري، ملان يار توسان.
ڪتين جي ڪناري، ملان يار توسان،
۽ سورج اُياري، ملان يار توسان.
سچو ڏيهه مون وٽ جو ويٺو هجي،
سِين کي اُٺاري، ملان يار توسان.
پکي جي پُڪاري، ملان يار توسان،
ندي جي نهاري، ملان يار توسان.
اکيون پٽئي اُجاري، ملان يار توسان،
۽ سپنن سهاري، ملان يار توسان.
جبل تي جهڳيءَ ۾ ۽ غارن چُرن ۾،
۽ کهڙي ستاري، ملان يار توسان.
حسن جي حياتي تہ تو لاءِ آهي،
جياري ۽ ماري، ملان يار توسان.
■

تنهنجو اُڊڙيل عشق هُجان!

ڪولهين سان گڏ ڪولهي ٿيان،
ها ها آئون هولي ٿيان!
تنهنجو اڊڙيل عشق هجان،
پنهنجي قاتل جهولي ٿيان.
وڏڙن جو مان ورثو ٿيان،
ٻارن جي مان ٻولي ٿيان.
تون جي سمنڊ هجين، مان تنهنجو
چو نہ پلا پوءِ چولي ٿيان؟
سچ پلي نہ پائي مون کي،
چانڊوڪيءَ جي چولي ٿيان.
اوپارو مان عشق هجان،
لهواري مان لولي ٿيان.
اوچنگارن جو انت ٿيان،
ٿهڪن جي مان ٽولي ٿيان.
مشڪل مشڪل مشڪل ٿيان،
سؤلي سؤلي سؤلي ٿيان.
لفظن جي مان لچ رکان،
گفتي جي مان گولي ٿيان.
يار حسن جو شعر ٿيان،
يار حسن جي ٻولي ٿيان،

■

رقاصہ!

رقاصہ قلندر تي بيٺي نچي،
چوان ڪيئن تہ مُجرو ڪري ٿي پئي!
نڪو نازيہ جا نمونا نوان،
نڪو نازيہ جا اشارا نوان،
ندي آ پراڻي، اُهي وهڪرا،
نڪو نازيہ جا ڪنارا نوان،
اُهي ئي پراڻا اٿس پيچرا،
اُهي ئي پدمڙا سندس پيرڙا،
اُهائي سندس چير آهي چٽي،
صدين کان جا ساڳي وڄي ٿي پئي،

مگر تون قلندر ويٺو ڏسين،
منهنجي وک تو ڏانهن کڃي ٿي پئي،
لڳي جنگ جيڏي امن اوترو هو
ايامن کان آئون اڃان تو پيو
لڪيءَ ۾ لڪايم بدن جو ڏروا!
جبل منجهہ جهاتي بہ پائي ڏٺم
اندر منجهہ ڪاتي وهائي ڏٺم
رڳو گرم چشمو بہ ڪافي نہ آ،
رڳو عورتن ۾ تلافي نہ آ،
گهُميس گهٽ سارا، گهمائي ڏٺم
چميون ڏئي ۽ خود کي چمائي ڏٺم
محبت جا مزدور وانگي ٿڪي،
محبت جا جهيڙي ٿئي پئي جهڪي،
ميان مروندي! توکي ڇا ڇا چوان!
سنڌءِ گس ناهن سڌا ۽ سنوان،
صفا اُپ ڪپيءَ تان اڃان تو پيو
جڏهن آهي اوندهہ وڪوڙي وئي!
بدن جي بتي تي اڃان تو پيو
وري سج ساڙي رکيو آ سڄو
تڏهن بہ تتي تي اڃان تو پيو.
سجائي رکان تو مان سيوهڻ سڄو
رقاصہ قلندر تي بيٺي ڏسي،
آئون قلندر تي بيٺو نچان،
چوي ڪيئن تہ مجرو ڪريان تو پيو!!
■

آغاز عورتن جا!

دلڪش بدن سمندر!
دلڪش بدن سمندر!
انداز عورتن جا،
چمڪن چٽا ڪنارا،
ديدار ۾ نظارا،
پاڻي مٿان جسم جو
ترندو رهي ترنم،
چپڙن تي چاهتن جو

ترسي پيل تبسم،
منڙا مڏر تہ آهن،
جي تون وڄائي ڇاڏين،
سڀ ساز عورتن جا!
هيءَ اُس ۾ اُگهاڙپ،
ڪيڏي حسين آهي!
ڇولين جي ڦيڻ ڇورين،
ڇاتين نشين آهي!
عريان آسمان ۾،
هيئان زمين، آهي!
پل جو رهيو نہ پردو
پاٽيءَ ڪيا پئي پڏرا،
رنگ راز عورتن جا!
واري بہ واسجي پئي،
ريتي بہ رنگجي پئي،
جيڪا اچي ڇهي ٿي،
ڇولي سان ڏنگجي پئي،
هي زهر آ ضرورت،
ڏاڍو نشو مٺو آ،
جنهن جنهن بہ هي ڏٺو آ،
سو ئي سگهي ٿو سمجهي،
هي ناز عورتن جا!
ناريل جي وڻن کي،
آهي ڏسڻ جي عادت!
۽ مرد کي مصيبت،

آهي ڇهڻ جي عادت!
۽ ڇوڪرين ڇتين کي،
آهي کهڻ جي عادت!
ڪنهن تي نہ پون ڪڙڪي،
سي مرد سڀ مري ويا،
ناراض عورتن جا،
هي مياڻ جي وڳن مان،
تلوار جسم نڪتا!
۽ واءَ کي وڍڻ لاءِ،
خنجر جا قسم نڪتا!
ننگي خزان بہ نڪتي،
۽ وڻ ٿيا اُگهاڙا،
اي بي لباس موسم!
ننگا ٻڏا، سڻاسون،
آواز عورتن جا!
هي جسم خود وڳو آ،
پنهنجو اسان کي پاتل،
هي راز آهي ڄاتل،
هي جسم خود پراڻو
آهي لباس لاٿل!
پائي بدن جو بيٺيون،
ساحل کي سمجهہ آئي،
انجام عشق تنهنجو
آغاز عورتن جا!!
■



جداين وصالن جي ڪيلاش وادي!

اجان تائين اڪروٽ جو وڻ اُتي ئي،
خيالن ۾ آهيون ڪڙا پاڻ ٻئي،
جداين وصالن جي ڪيلاش وادي!
اها دل تہ ڪافر حسينا جي گهُر جي،

[125]

پنيان ئي انگوري شرابن جي متڪن ۾،
مدفون آهي!
اها دل تہ اٽليءَ جي اڌڙوٽ عورت جي،
سيني جي پوپان بہ ناهي سلامت!
اها دل هوا جيئن،
وڻن جي لڱن ڪي ٿي هر هر لڳي!
اها دل پهاڙي نديءَ جي پيرن جي آهٽ جيان آ.
اَجان تائين ساڳي ”اگلزا“ اُتي ئي،
ڪوڏن سپين جي خريدار آهي،
مگر خود سندس ئي جسم منجهہ جايون،
سياحن ٽڪڻ لاءِ سوچيو تہ هوندو!
اجان تائين ساڳي ٽراٺوٽ مڇيءَ جي،
مهانگي هجڻ جو سبب سخت سردي،
گرم بستري کي بہ وڪڻڻ گهري ٿي،
اجان تائين آڏي،
وراندي ۾ وينل ڪي جرمن مسافر،
چترال جو چرس پيئندا رهن ٿا!
سُڪل پن آهن ۽ ڌرتي ڪُشادي،
خيالن ۾ ڪڙ ڪڙ تہ ٿيندي رهي ٿي!
پلي نانگ سونگهي سين جون قميصون،
اندر منجهہ بڙ بڙ تہ ٿيندي رهي ٿي!
مگر ٻاهر خاموش آهي خدائي،
جدائين وصالن جي ڪيلاش وادي!!
■

تنهنجي محبوب مٿيءَ منجهه مُٺل هوندس مان!

درد هڪ ڏينهن وري پيڙ ڏئي ڪرندو مون تي،
تنهنجي محبوب مٿيءَ منجهه مٺل هوندس مان!
شهر تنهنجي جي سڀ گمنامي سودي ايندس،
تنهنجو چڻ ڪين ڏٺل ڪين سڻل هوندس مان!
اُس ساڙي به وجهي ٿي سڀن لفظن کي،
مينهن معنيٰ به پچائي ٿو وجهي گيتن جي،
سمنڊ جي ڦيڻ سُڪي ٿي اچي ساحل تي،
منهنجي بي چين اکين ۾ ٿي چنتا چمڪي،
سڀ شيون پاڻ ۾ ڪيڏيون نه سلهاڙيل آهن!
چنڊ جو عڪس ٿو پاڻيءَ ۾ اُٿلي پٿلي،
ريشمي ڏور آ تنهنجي نرم هٿڙن ۾،
دل جي سونهري مڇي ڪيئن نه ڪنڊيءَ ۾ ٿي ڦٿڪي!
۽ وري خواب ۽ ساپيان جي سڄي منڊل ۾،
تنهنجي چوڙين جي انهي چپ جو حاصل مطلب،
مون کي پيو پيرو تلوار جي ڌار مٿان،
پئي پير رکي آهستي هلڻو پوندو!
هيءَ جدائي به چڻ سوڪهڙي جي موسم آهي،
آئون اڪيلو نه دانهين ٿيو بيٺو آهيان،
وڻ وڻ جي ٻُتي ٻانهن کنيل آ تو ڏي!
وڻ وڻ جي ٻُتي ٻانهن کنيل آ تو ڏي!!

■



روحل لاءِ هڪ نظم

اسين هُن کي آئينو چوندا اسين!
هڪ لفظ،
گهڻيون معنائون،
۽ ججهي اُس،
هُن جو جسم اسانجي جسم مان جُڙندو!
اکيون ۽ خواب،
هٿ ۽ مصوري،
زبان ۽ گيت،
هي ڏکيا اوجاڳا،
جيڪي صدين جي سوڙهين ڳلين ۾،
هُن جي پيرن ۾،
پنهنجو سفر ڪندا،
ٻہ چهرا،
هڪ چهري ۾ گڏ نظر ايندا.
۽ اسانجو نالو اُڪرجي ويندو
وقت جي پٿر مٿان!
سڀ شيءِ ساڳي آهي،
روڊ رستا،
صبح جو ٻار اسڪولي،
آفيسن ڏي ويندڙ ماڻهو
چپ چاپ غمگين وڻ،

۽ پيھرو
گرم جھولو
يونيورسٽيءَ مان موٽندڙ بسون،
شام ساڳي،
ڄامشورو
چوطرف پٿرن تي ماٺ جو مسلسل مينھن وسندڙ
۽ تنھنجو اڻ ڇاتل انتظار
گھر جي گھنٽي،
در ڪمري،
تنھنجي ڪرسي،
۽ خاموشي،
ڪيڏي آھي ڏکھي خاموشي!
درد جدائيءَ جو ھي ڪيڏو
تنھنجي پٽيءَ جي رات،
منجھند جي ھيءَ ماني،
تنھنجي پٽي جو
ڪوپ چانھ جو
منھنجي پٽيءَ جا پيار سمورا،
ياٿر پينر،
پيءُ ۽ ماءُ،
گھر جي پويان پينگھ اڪيلي،
انب جي وڻ جو ٻور اڪيلو
تون ھليو وئين دور اڪيلو
ڪالونيءَ ۾ دوست اڪيلا،
پنھنجو قيدي ديس اڪيلو

جنهن ۾ ڪويل پئي ڪوڪي!
تنهاين ۾ سئو تنهايون،
تنهن ڪان به ٽورو پريان،
ڪچن گهرن اندر
هوءَ چلهه آ اُجهاٽل!
دونهين جي لاٽ ڪائي ٻاهر نٿي اچي،
نڪري نٿي نچي،
ڪائي جهريل آ جهوپي،
ڪوئي پراٽو چونٽرو
جنهن جي مٿان وري،
هوءَ ليڪ چنڊ جي آ،
نالو لڪي وئي،
هن ڏينهن عيد جو
واري وڇاٽو جن جو
وڻ اوٺ ٿيا جنين جا،
تارن جي ڇپر هيٺان،
ڪجهه خواب خواب آهن،
جڻ جوٺ ٿيا جنين جا،
۽ آ هوا جو هٽڙو
جن جي سرن مٿان،
تن جون به حالتون،
چاڻج وري خدا!
تن ڪي به ڪا خوشي،
اُماڻج وري خُدا!
■

هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي....!

هر ماڻهوءَ جي من ۾ هڪڙي،
گهوڙي جي ٽاپولي آهي!
هر ماڻهوءَ کي سمنڊ ذرو آ،
هر عاشق کي ساحل آهي!
هر ساحل کي اوسيئڙو آ!
۽ اوسيئڙي جي ليئڙي ۾،
ڪائي ڇلندڙ ڇولي آهي!
هر ماڻهوءَ کي خيال اچن ٿا،
سهڪي صديون سال اچن ٿا،
حالن ۽ احوالن پويان،
ڪائي ٻرندڙ ٻولي آهي!
هر ماڻهو ۾ مور نچي ٿو
هر ماڻهوءَ ۾ چور نچي ٿو
تارونءَ ۾ تلوارون ترندڙ
هڪڙو پورو دور نچي ٿو!
هر ڪو دور پرولي آهي!!
■



احمد آ آغاز پرين جو!

رم جهم رم جهم راز پرين جو
ناچ وندر آ ناز پرين جو!
تڙ گهٽ تڙ گهٽ طبلي واري،
ساز سرود نہ دنياداري،
تار ۾ ڦوڪ جي ترت تياري،
سونهن سموري ساز پرين جو!
هٿ هٿيليون هرٽيون آهن،
سير مچيون ڪيئن ترٽيون آهن،
جهڙيون ڪرٽيون پرٽيون آهن،
مست قلندر باز پرين جو!
مون تہ ٻڌو هو من ئي من ۾،
اٿ ئي صديون هڪڙي ڪن ۾،
تند وڄائي پنهنجي تن ۾،
اوريان ڪيئن آواز پرين جو!
هوتيءَ هيڪر حق سڃاتو
پنهنجو تر ۾ تڪ سڃاتو
لاکي لاهي لڪ سڃاتو
احمد آ آغاز پرين جو!
محمد حسن ٻئي گڏ آهن،
حيدر حرمت جو سڏ آهن،
پنجتن وڏڙن جو وڏ آهن،
عجز انڪ ۾ آز پرين جو!
■



کل جهڙا پيار پنهنجا!

پار چڙھ پيئي اسين،
کل جهڙا پيار پنهنجا!
گفتگوءِ گڏ آهيون،
هڪبئي جو سڏ آهيون،
پوءِ بہ ايئن لڳي ٿو جانان،
ڏار چڙھ پيئي اسين!
نوجوانيءَ پور چاڙهيو
پاڻ هڪبئي کي نہ ماڻيو!
انب هڪڙي جا پڳل،
ڏار چڙھ پيئي اسين!
جيت هڪ ٻئي جي مٿان،
کين ٿي ڪنهنجي هٿان،
اوچتو محسوس ڪيوسين،
هار چڙھ پيئي اسين،
پار چڙھ پيئي اسين!
کل جهڙا پيار پنهنجا!!
■

اڄ بہ مُنهنجي عاشقي ڇڻ آڳ آهي

تون تہ سمجهين ٿي تہ
منهنجا خواب سڀ نامرد ٿيا،
۽ هجر جي شام هرڪا،
ڇڻ تہ ڪدڙن جي مڙهيءَ جي ماٽ آهي.
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
منهنجي موهہ جون مُرليون سيئي،
بي سريون بيڪار ٿيون،
۽ درد جو هو نانگ ڪارو
پٽ ۾ پيتڪي مئو
۽ سنڌ ۽ احساس جيڪو
ڇڻ تہ گيڙو ويس آ،
مون وڄائي آ ڇڏيو.
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
منهنجي سمنڊ سان ياري پراڻي وئي ٽٽي!
۽ ساحلن تي بي وفائي پيو بڪان،
۽ هاڻ ڪائي يادگيري،

ڪا ڪياماڙي نتي مون کي ڇهي!
تون تہ سمجهين ٿي تہ،
مون ڪيتي بندر،
تنهنجي سنيهي جيئن سجاول کي وساري آ ڇڏيو
۽ سيئي تاڙيون کجيون جهمپير جون،
مون ۾ ويون آهن مري.
تون الائي ڇا بہ سمجهين،
پر ائين ناهي مٺي!
ها ائين آهي برابر،
خود ڪشيءَ جي خيال وانگي،
سنڌ کي مون سئو دفعا آ سوچيو
هر دفعي مون مات کاڌي تو هٿان،
هر دفعي هن عاشقيءَ،
مون کي بچائي آ وڌو.
هن ديس جو هڪ هڪ ڇپو
منهنجي ڇپن ۾ آ ڇُمي!
منهنجي هٿن ۾ جام جيئن،
منهنجي اندر جي آسمانن ۾ اُڏامن جي شڪل،
هن ديس جي هر هڪ گهٽي،
منهنجي رڳن ۾ ٿي لهي!
هن ديس جي هر ڪا دري،
منهنجي اندر ۾ ٿي کلي!
ڇا ڇا نہ مون آهي ڏٺو هن ديس ۾،
هوءَ سنڌو!
جڻ ڪا فرينچ ڇوڪري آهي ستل!

۽ انهيءَ تي چانڊني.
جڏهن سيٺي پيئي لڙهي لهرن اندر!
جڏهن تہ ڪا ساڙهي اچي،
پئي اڏامي اُپ ۾!
۽ هو سمورا ڳوٺ جيڪي،
جڏهن تہ آهن ٽئگور جي شاعري،
۽ تنهنجي اکين مان ،
اُس جي وسڪار جيڪا وڻن تي،
اُن اکين جي اُس جو ادراڪ جيڪو مون ڪيو.
۽ سمندر جي گجيءَ مان،
جڏهن تہ تو تنهنجو جسم مون ڏي اڇي،
ڇا ڇا نہ مون آهي ڏٺو هن ديس ۾!
ها اڃان مون مان شرابن جي سڃاڻپ،
ڪا نہ وئي آ،
۽ اکين جي گهور گهاتو
ڪين ٿي آهي مُڏي، ۔
اڄ بہ تنهنجي چاهتن جا،
باغ ٿا مون ۾ لڏن!
اڄ بہ ڪائي ڪنوڻ ٿي مون ۾ ڪجي!
اڄ بہ جڏهن هالار ٿو مون ۾ گجي!
اڄ بہ منهنجي درد ۾ سو دم آهي،
جڏهن تہ تنهنجي ڇيلهہ جو ڪو خم آهي!
اڄ بہ مون ۾ ڪا جيئڻ جي جاڳ آهي،
اڄ بہ منهنجي عاشقي جڏهن آڳ آهي!!
■

ڪانڊيري نالي هُو هاري!

ڪانڊيري نالي هُو هاري،
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾!
ڪانڊيري جو ڏاندن جوڙو،
پر سياري ۾ چورن ڪاهيو
جنهن تي ڳُتي ڪيڏو باهيو!
ها پر رات بہ ڪاري آهي،
جنهن ڪان توبهہ زاري آهي،



چا چا ٿي تاريخ ڦلهوري!
چورن جا ٿي پيرا ڊاهي!
هُن جي زال تہ رليون ناهيون،
ڪيڏيون پياريون پليون ناهيون،
جنهن ۾ هن هئي ننڊ بہ ٽانڪي،
پنهنجو سارو نور بہ ٽوپيو
اُڊڙيل هر هڪ سُور بہ ٽوپيو!
چڙ هن سارو ديس سبيو هو
پنهنجو هر آسيس سبيو هو!
سي بہ وڏيرين کي تہ وٽي ويون،
جي ڪي آخر مفت ڪٽي ويون!
هن کي رئيس وڏي وٽ وهندي،
پورو سال هي نائون ٿيو هو
هيل فصل بہ تہ ڊلو ٿيو هو
۽ ليکو بہ تہ لائون ٿيو هو!
هن ڪي ڪڏهن خط نہ آيو
هن کي ڪڏهن تار نہ آئي!
هو جو ڪنهن کي ياد نہ آيو
هن جي ڪنهن کي سار نہ آئي!
هن جي ڪا ائڊريس نہ هئي،
هن جو ڪو گهر نمبر ناهي!
هن جو گهر آ واٽر ڪپ ۾،
ڪالهہ مري ويو سيءَ تپ ۾!
ڪانڊيري نالي هو هاري!!
■

صدين جو سچ سامهون آ.

وڏا وڻ ڳوٺ ٽُنهنجي جا،
ڏگها پاڇا مٿي چيڪي،
هوا سامهون سٽي ساڳي،
سريلي سيند ساڳي آ!
ڳليون چڻ ڳهر ۾ آهن،
اکيون ڪنهن جوان عورت جون،
ننڍاکو نم جو وڻ آ،
نرالي نيند تنهنجي آ.
پراٽيون پٽ تي پوندڙ پتيون،
پرندي بہ پٽڪن ٿيون،
ٻڌيون جيڪي اٿم ڳالهيون
انهن جو ڳچ سامهون آ!
مُڙي ۾ مور جو ڪوئي،
ڏکي ٿو ڏيل جي پويان،
حياتيءَ جي حقيقت ۾،
صدين جو سچ سامهون آ.
■



ڪلاچي ڳوٺ تنهنجي ۾!

مڇيءَ جي پيٽ مان ماڻهو
جتي جيئرو بچي نڪتو
اتي ان شهر ۾ اڄ،
مورڙو رستي مٿان مئو آ!
ڪلاچي ڳوٺ تنهنجي ۾،
ڪڏهن نہ سنڌ سوچيو هو
اڪيلو آدمي تنهنجو
هجومن جي هٿان مئو آ.
■

محبت هيڪلي آهي!

ڇڏڻ لاءِ ڇوڪريون ڇڏجن،
مگر پوءِ ڇا تہ پيو ڪٽجي؟
ڪرڻ لئہ ڪم ڪيئي آهن،
محبت هيڪلي آهي،
اُڌاري زندگي آهي!
نقد آ پيار هن جوئي،
زماني ۾ زنجيرون ڪئين،
وٽي ٿو هار هُن جوئي،



پہ تي پُوتا ڪٽي پوکيان،
گلن جا گنج تي پوندا.
ڪريان ڪجھہ ڊنڊ سان ڳالھيون،
ٻتيلا ھنج تي پوندا.
وٽن کي ڪوٽ ڏيئي ڪا،
ملايان آبشارن سان.
نمن جي ڳوٺ ۾ نئين سر،
ڪريان مان راند ٻارن سان.
پراٽا ٿانو ٿامي جا،
قلعي ڪنھن کان ڪرايان مان؟
ڪنڊيءَ جو ڪم ٿيو پورو
مڇي ساري ترايان مان.
چڙھي مان ڏاند گاڏيءَ تي،
اچان ڪجھہ اوڏڙو ھن کي،
ھوائن جي ھندوري ۾،
ڏيان مان لوڏڙو ھن کي!
سمورو ھي تصور آ،
سمورا خواب ھي آھن،
حياتيءَ جي ڪتابن جا،
اڌورا باب ھي آھن!
رڳو آ رش روڊن تي،
گھٽين ۾ بي دلي آھي!
ڪريان ٿو پيار مان تنھا،
محبت ھيڪلي آھي!!
■

عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟!

آبشارن جا بدن بيهن ٿا،
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟
وقت جا هٿ پيا پهاڙن کي گهڙن،
ڪارائيءَ جا ڏند ڪاٺن کي ڪٽن،
ريل گاڏيءَ ۾ مسافر پيا وڃن،
آبشارن جا بدن بيهن ٿا،
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟
جسم جو جر ٿو جڏهن ڇاڇولجي،
ڍنڍ ۾ جيئن ٿو مڇيءَ کي ڳولجي،
لهر کي چڙهه لهر ۾ ٿو ڳولجي،
آبشارن جا بدن بيهن ٿا!
رات کي ماٺ هو رجائي ٿو سگهي،
پٽ تي تارا گهرائي ٿو سگهي،
ڪنهن کي ڪنهن کي پر ڀڏائي ٿو سگهي،
آبشارن جا بدن بيهن ٿا!
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟
عورتون اوچائيءَ تان ڪيئن ٽپون ڪرن؟
■



اسانجو ياءُ پيو ڪهڙو؟

محبت مال چاريندي،
وڃي ويٺي وٽن هيٺان،
حقيقت خواب جي پرسان،
سمهي پئي گيت ميڙيندي
دلين جي خشڪ پتن تي،
رکي ٿي پير خاموشي،
اسانجي زندگي گذري آ،
خود سان پاڻ جهيڙيندي!
اُداسي اڳ ڇائني پيڻ،
آهي هر جوانيءَ جي،
ڇٽڻ ٿا پن ڇاتين تي،
مٿي ۾ مائٽي ڪهڙي!
پراڻو عشق پوڙهو هو
ٻيڻ جو ڇڻ تہ ٽڙ ڏاڏو
اسانجو ياءُ پيو ڪهڙو؟
اسانجي يائٽي ڪهڙي؟
■

هر گُلن سان گُفتگو!

هر گلن سان گفتگو ۾،
گذرندي گهڙي آهي،
تون ڏکڻ ڏي ڏس ڪٿي،
هوءَ اُتي ڪڙي آهي.
رُت جي رڪيبن ۾ تون،
پير وجهه پڪا پنهنجا،
واڳ وٺ وڇيري جي،
جا اڃان جڙي آهي.
مان ازل ڪان آجيان جا،
گيت پيو جنهن لاءِ لڪان،
سامهون سا پئي اچي،
لاڙ ڪان لڙي آهي!
■

جاڳندڙ جواني!

آسمان اُجرو آ،
رات جو ستارن جي،
پاڻ ۾ ڪچهري آ،
هيٺ هوءَ ستي آهي ،
جاڳندڙ جوانيءَ کي ،
ننڊ ڇا تہ گهري آ!
■

هوءَ جيڪا منهنجي ٿي نہ سگهي!

اڏڙوٽ عمر جي عورت ڪي،
مون خط لکيا مون پيار ڪيو!
هوءَ هر پيري ٿي مُرڪي پئي،
هن هر پيري انڪار ڪيو!
ڪٿين پيرا هن کي گهوريندي،
هيءَ منهنجي اک ڏکي هوندي!
هوءَ سمجهي ويندي هئي پل ۾،
هن مُرڪي ڀاڪي ڍڪي هوندي!
هوءَ جنهنجا هٿ گلاب هيا،
۽ منهن ۾ اُجرو جهرٽو هئي!
هوءَ جيڪا ساري اُس جيان،
۽ پاڻي ۾ ڪو ڪرٽو هئي!
اڄ سيارو آهي رڻاري ٿي،
هوءَ ڪنهنجي چادر ٿي هوندي!
هوءَ جيڪا منهنجي ٿي نہ سگهي،
پئي ڪنهن جي آخر ٿي هوندي!!

■

ذڪر ڪرڻ جھڙي ڌرتي!

ذڪر ڪرڻ جھڙي ڌرتي،
خدا جي تصور جيتري پراڻي،
عورت جي پيٽ جيان لسي،
تہ ڪٿي،
ڪاڇي جي ڪل جيان ڪڙڪ آهي!
تڏھن تہ واريا سي تي چانڊني،
۽ ساحلن تي شام ۾،
ھيءَ ڌرتي،
ھر ماڻھوءَ کي پنھنجي
آتم ڪٿا لڳي ٿي!
نرم گاھہ تي ھلندي،
پيرن کي ڇا ٿو محسوس ٿئي؟
مفاصلو ريشمي ڪپڙي وانگي،
ويڙھي سگھجي ٿو
۽ ڌرتي کي،
پوڙھي ماءُ جي ھٿن جيان،
چھي سگھجي ٿو.
■

ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي!

رات جي گهوڙي جڙي،
رات جي گهوڙي جڙي،
چاندني در تي ڪڙي،
هڻ جوانيءَ کي آڙي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
رات جي گهوڙي ٽِڪي،
زندگي جنهن مان سِکي،
ڪنهن متي ڪنهن جي لِکي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
رات جي گهوڙي پڄي،
وقت واڇوڙو وڄي،
پير پيو هر ڪو ڪڄي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
رات جي گهوڙي ڪُڏي،
تخت ۽ تختو لُڏي،
ڏوڙ ڏڙڪي ۽ اُڏي،
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟
ڪير ڪنهن جي لاءِ رُڪي؟

■

هرڪو درد حجرِاسود!

سانجهيءَ جي ڪعبي ۾،
هرڪو درد حجرِ آسود!
هر ڪنهن جو آ پنهنجو قد،
هرڪو پنهنجا درد چمي ٿو

[150]

پنهنجا ڏک ۽ چميون لکي ٿو
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾،
سج لهي ويو تارين تان،
ڪارو اُپ غلاف لکي ٿو
ڪنهن ڪنهن جو ڪهڙو ڪلمو؟
هرڪو تارو صاف لکي ٿو
ڪير هوا سان ٻوڙ پڇائي؟
هرڪو پنهنجي منهن ٻوڙي ٿو.
ڪير طواف ڪري ٿو ڪنهن لاءِ،
هرڪو پنهنجي منهن لوڙي ٿو
تومون پارا ڪهڙا ڪافر!
ڪالهوڪي ڏينهن جهڙا ڪافر!
ڪنهن جو آ ايمان لتاڙيل!
ڪنهن جو اڄ ويساهُ ٽٽو آ!
هر ڪنهن رڙ جو پنهنجو رب آ،
جنهن کي ڪوبہ نہ بند گهٽو آ.
منڪر شام تہ چونڊي پيرا،
ڪنهن جو ڪنهن جو پنڌ ڪُٽو آ!
ڪهڙي مومن مات مچي آ!
ڪهڙي ڪافر نانءُ لکيو آ!
موت سندي ديوار مٿان،
ڪاري اُپ اپار مٿان،
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾،
سانجهيءَ جي ڪعبي ۾!
■

ننگي سرمد جي حضور ۾!

مان تنهنجو ساڳيو آيي چند!
تهمتن جي ديس ۾،
ڏنڏلي شام جي هن شهر ۾،
تنهنجي عُريانِي جي ڪُتبخاني اڳيان،
درد جا پيالا پريِ ۾ ڏوڪِيان ٿو
پاڻ کي ٿي ٽوڪيان ٿو!
ڪنهن اُگهاڙي موهه جي اقرار ۾،
پيار جو انجام ڪو
گهگهه اُونداهين گهٽين جي پوڳنا ۾
بخت جون سپ لڪيرون،



تخت جي هيٺان،
اڇي ڏيجي ويون!
۽ وقت جيڪو رات جو سِرُ ڪُٽي،
پٽبو رهيو!
رُت پنهنجا روڳ روئي،
تنهنجي پيرن مان ڦٽڻي هئي جا پرهه،
مان تہ ٿو تنهنجا اهي پير روئان،
تنهنجي دامن ۾ اجهاڻي جا صُبح،
مان تہ ٿو توسان اهي انڌير روئان!
مان تہ ڪنهن اجڙي ويل پوٽي مثل،
تون وڏو جهنگل،
جنهن جي ماٿ بہ ايڏو وڏو آواز
جو ڏار ڏڙڪن،
مان تہ ڪنهن وکري وِيل جُهوٽي مِثل،
تون وڏو طوفان، ڪوئي ٽرٽلو
ڪوئي زلزلو
جو هَر گهر جِي دل ڏُبي،
پوءِ بہ تنهنجي هن وڏي دنيا اندر،
نانءُ تنهنجي جو ننڍو نذرانو ڏيان ٿو.
درد جو تنهنجو بچيل،
تنهنجي اوير،
مان پيان ٿو پوڳيان ٿو.
مان تنهنجو ساڳيو آيي چند!
مان تنهنجو ساڳيو آيي چَند!
■

اُس جهڙو رنگ تُنهنجو!

اُس جهڙو رنگ تُنهنجو،
مان ٻکيان ٻانهون مگر،
اُپ وانگي ٿو اٿي.
اوچتو هر انگ تُنهنجو
اُس جهڙو رنگ تُنهنجو.
مون جيان منهنجي مٽي،
دائرن ۾ قيد ناهين،
ڪوبہ ڪونهي دنگ تُنهنجو
اُس جهڙو رنگ تُنهنجو.
■

چانڊيي گُلن جيئن ڇوڪري!

ڇرڪندي مون ۾ ڇٽي،
چانڊيي گُلن جيئن ڇوڪري.
ڳوٺ منهنجي جي ڳليءَ مان،
سج ٿو سينو ڪڍي،
۽ انهيءَ جي تاءُ ۾،
ڪيترو مونکي وٽي،
چانڊيي گلن جيئن ڇوڪري.
ماٿ ۾ ماٺي سدائين،
لڳ مون هنجا لڪيا،
۽ هِجر جي هوءَ هوا،
ڪوڙ پيرا وٺي ڪٽي،
چانڊيي گلن جيئن ڇوڪري.
پيون ٻه ڪيئن چمپا جيان،
منهنجي چپن ۾ ٽيون ڇٽن،
هن سموري پيار ۾،
هو مگر هڪڙي ڇٽي،
چانڊيي گلن جيئن ڇوڪري.
■

اي اياز شاعري!

شراب جي دُڪان تي،
رات ڏينهن رش آ.
جو بہ جام جيئن جهلي،
ٿو پنو پڙهي وٺي،
سو پياڪ غَش آ:
اي اياز شاعري!

کنهن اصِيل نانگ جي،
قوڪ وانگيان لڳي،
يا تہ انب تي لٽل،
کنهن دکي ڪويل جي،
ڪوڪ وانگيان لڳي.
اي اياز شاعري!
در بدر هوائن مان،
چا تہ روپ ماٽي تي،
چا تہ تي ٻير ٻڪي،
چا تہ ٻور تي جهلي،
چا تہ قول چاٽي تي.
اي اياز شاعري!
ڍنڍ جي ڪنار تي،
اڏرندڙ پکين جيان،
اي اياز شاعري!
کنهن حسين ڇوڪري جي،
حسين اکين جيان.
اي اياز شاعري!
لفظ لفظ ۾ لهي،
گيت گيت گونج آ،
شام آسمان ۾
چڙهہ تہ ڪا اڏام آ،
سٽ سٽ ڪونج آ.
اي اياز شاعري!
■

ڪراچي تُون اسانجو سچ آهين!

ڪراچي تون اسانجو سچ آهين،
۽ اسين سورج مکي آهيون،
اسانجي پوئين پيڙهيءَ جا،
سمورا سوز ۽ آواز
زخمي مور جي رڙين ۾ دفنايا ويا،
اڌ صديءَ جو سُور،
۽ سجيل سنڌو سندس يادگيرين ۾،
چاندنين ۽ سانوڻين ۾،
اسانجي پرجي آيل آواز جي شاهدي آ،
۽ ڀڪنڊڙ پيلي ٻپر جو ٻُور،
اسانجي درد جو پيو رنگ بنجي،
سدا چِٽندو رهيو آهي.
۽ اسانجي بيقراري جو اجارو سمنڊ،
تو ڏانهن روز واجهائي وري ٿو
اسانجي درد جون،
ڪارن گلابن جيئن ٽڙي پوندڙ ڪتائون،
اسانجا هي بدن ٻانهون،
تنهنجي ئي هوائن ۾ ٻوڪيون آهن،
۽ اسانجي ساهه جي نلين ۾،
پرندڙ ساهه ڪي،
۽ اسانجي هن،
اڻ ڪٿ عاشقي جي آه ڪي،

تون وڏو اتساهہ آهين،
اسان هي پنهنجي پيرن ۾
پرينءَ جي پار جا سڀ پنڌ،
تنهنجي لاءِ رکيا آهن،
اسين توکي پهرين پيار وانگي ٿا پسون،
۽ تون اسانجي روح ۾
مٺي محبوب جي اک وانگي ٿي لهين،
۽ تنهنجي هر ڏکهي چوٽي ڳلي،
اسانجي دک جي پوڙهين صدين کي،
دونهين وانگي وٺ ڪائي،
ويڙهجي ٿي وڃي.
اسان پنهنجن ابن ڏاڏن،
پنهنجي پيڙهين جي پيڙا جا سمورا سور،
پنهنجي رڳن جي رت ۾ روڪي رکيا آهن،
۽ تنهنجي روئي پوندڙ روشنيءَ ۾
درد جو احساس،
اسانجي نوجوانيءَ کي نمايان ٿو ڪري،
۽ اسين،
پنهنجا چَهرا ۽ چِٺي ويل مک مهاندا،
تو ۾ پوکڻ ٿا گهرون،
اسين تنهنجو اصل آهيون،
اسين تنهنجو نسل آهيون،
ڪراچي تون اسانجو سج آهين،
۽ اسين سورج مکي آهيون.
■

مس اسڪارپيو!

هوءَ اجهان تائين،
اُپ ڏي آڳر ڪٽي،
تارن لاهڻ جي تمنا تي ڪري،
۽ پنهنجي ٻانهن ۾،
صبح جو سج ويڙهڻ تي ڳهري،
۽ بارشن ۾،
گهٽا جو ٽوپ پائڻ تي ڳُهري،
۽ ضدي ٻار وانگي،
مون سان پيار ۾ وڙهندي رهندي آ،
ڇو تہ هوءَ اجا ٻار آهي!
شهر جي سيني گهٽين کي،
موت ويڙهجي ويو آ،
۽ ٻارن جي راند پويان،
خاموشي ڏند ڪرٽي،
۽ اداسيءَ جون هوائون،
پٿين سان سر ٽڪرائين ٿيون،
پوءِ بہ هوءَ،
دريءَ ۾ مُک رکي،
مسلسل ٺهڪ ڏيندي تي رهي،
ڇو تہ هوءَ اجا ٻار آهي!
هن کي خبر آهي تہ،
آئون جهنگلي ڪبوترن جي
جهنڊ کان وڇڙيو آهيان،

۽ سمنڊ سان منهنجي ياراڻي،
منهنجو مقدر آهي!
ٻڏي ويل جهازن جهڙا پور منهنجا،
سامونڊي مسافرن جهڙا سور منهنجا،
منهنجو پيڇو ڪندا ٿا وتن،
۽ نيٺ هڪ ڏينهن،
آئون سڀ ڪنارا پاڻ ۾ ڳيهي ويندس،
پوءِ به هوءَ مونکي روڪڻ تي ڳهري،
ڇو ته هوءَ اجا ٻار آهي!
هن جي اک ۾،
چنڊ مرندو ۽ جيئندو ٿو رهي،
۽ هوءَ بالڪونيءَ جي هنج مان،
مون لاءِ هڪڙو سڏ ٿي،
اُڀ ۾ وڃائجي ٿي وڃي،
۽ وري اوچتو
مون مان ڦٽي ٿي،
۽ پنهنجي چمين جي آلبم ۾،
منهنجا چَپ،
سدائين لاءِ رکڻ تي ڳهري،
۽ منهنجي چپن ۾
ڪنهن به ٻئي جا چپ پوکڻ کان ڊڄي ٿي،
ايترو ڊڄي ٿي جو
مونکي پنهنجو پاڻ ۾ مارڻ تي ڳهري،
ڇو ته هوءَ اجا ٻار آهي!
■

هڪ شاعر جو وطن!

هڪ شاعر جو وطن،
هن جون اکيون.
هو سُڪيءَ تي،
سمنڊ جيڏي سار تي هن کي اچي!
هو لکي ٿو لفظ،
ڪيڏي خار تي هن کي اچي!
هو الائي ڇا تہ ٿو چاهي؟
سدائين ڳوٺ ٿو ڪاهي،
۽ اڄ بہ سوچي ٿو تہ،
هن جي ڳوٺ جي سوڙهي ڳلي ۾،
زندگي سٺي هوندي،
سنگ مرمر جي قبر تي،
چانڊني وڌي هوندي،
هو تہ سوچي ٿو تہ.

هن جي ياءُ جي بندوق جي نالي گرم هوندي،
۽ ڏنڊ تي ڪٽين پکي ڦٿڪندا هوندا،
۽ هن جي ياءُ جي سرخ گهوڙي،
بندوق جي فائر تي هٽڪندي هوندي،
اوچتو هوا جان ان ڪان بہ اڳتي ٿو وڃي،
زندگي ڪنهن ٻي جاءِ تي آهي،
هو تہ چڙ ميلان ڪُنڊيرا جي ماٺ سان ٿو ملي،
هو پراگ جي هڪ گهر ۾ ڏسي ٿو
جتي ڪا ڇيڪ ڇوري،
ڪنهن غير ملڪيءَ سان اگهاڙي آ ستل!
۽ ڪُنڊيرا تون تہ پئرس ۾ رهين ٿو
زندگي ڪنهن ٻي جاءِ تي آهي.
ها جتان سولزي نتسن جي،
ملڪ بدري جو سورج اڀري ٿو.
يا اڃا ان ڪان بہ اڳتي،
جتي محمود درويش جي ڏاڏاٽين ڪجين مان،
اُمِ ڪلثوم جي مٺي آواز جهڙي،
هوا نغمہ سراء آهي!
جيستائين ٿي وڃي سوچ هن جي،
تيستائين ٿو ڪهي هو
جيستائين ٿي نهاري اک هن جي،
تيستائين ٿو رهي هو
هڪ شاعر جو وطن،
هن جون اکيون.
■

تون ڪٿي آهين؟

آسمان تي چنڊ آهي،
۽ زمين تي گاهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟
پرپرو هڪ ڳوٺ آهي،
اورتي واريءَ دڙا،
۽ وچ ۾ هڪ واهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟
تو بنا خالي پٽو مان،
پاڻ کي ڳوليان ڪٿي مان،
تو ۾ منهنجو ساهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟
دور تائين دلبري آ،
چؤطرف چمڪات جهڙو
توسندو ئي چاهه آهي،
تون ڪٿي آهين؟
در دريون ڏڙڪن پيا،
مان سمورو چرڪ آهيان،
۽ گهٽين ۾ ٿاهه آهي!
تون ڪٿي آهين؟
تون ڪٿي آهين؟
■

ڪنگڻ

هن جي لاش کي،
سپهه سالار جي خيمي ۾ آندو ويو
۽ هن جي گهوڙي تي،
شاهي اصطبل جو در کوليو ويو
مشعلون ٻرنديون رهيون،
هن جي گهرن گهاون تي،
۽ هن جي قيمتي تلوار
بنان خون خرابي جي،
هن جي پير ۾ ساري رات ستي رهي،
ها پر هن جي کيسي ۾،
هن جي محبوبا جو جيڪو
ڪنگڻ هو سو ڪيڏانهن ويو؟

■

تُون تہ جڙ ٽي نازبو مهڪي وچين!

تۇن تہ جڙ ٽي نازبو مهڪي ويچين،
منهنجي لڱن ۾،
ڏُور توکي ٿو ڏسان،
تون ويجهڙي ٿيندي اچين،
۽ سپ ٽاريون آليون،
ياڪرن جون ٽي اچي مون ۾ پچين،
تون تہ جڙ ٽي نازبو مهڪي ويچين،
منهنجي لڱن ۾:
هن ٽڏيري واءُ ۾،
ٽي اچي مون کي ڇهين،
۽ گلابي دائِري ۾،
ڪر موڙي ڇا تہ ٽي مُرڪي ميچين،
منهنجي لڱن ۾:
تون تہ جڙ ٽي نازبو مهڪي ويچين،
منهنجي لڱن ۾!

■



تون صفا تڪڙي تِڪي!

تو رڳو جواني سِڪي،
تون صفا تڪڙي تکي،
چڙهُ پهاڙي کا ندي!
مان مگر جهيٽو جهڪو
هاءِ پنهنجو پاڻ ۾.

[167]

پن وانگي پيو لڏان،
ڪا خبر ڪانهي تہ ڪيڏي مهل،
پنهنجي درد ۾ پوندس ڇٽي،
۽ تون مٿان ويندينءَ وهي،
ڇڻ پهاڙي ندي!
تو نہ ڇاتو آئون آهيان ڪٽڪ ۾،
ٻاجهري ۾ ۽ نري جي ڏڪ ۾،
تو نہ ڇاتو آئون آهيان سيءَ ۾
۽ نڪو شمشان ڇاتو
۽ نہ سمجهيو
عشق جي چيڪي مٽيءَ کي،
منهنجي ڳوناٽي ڳهٽيءَ کي،
جت اجان تائين چڙا پيا ٿا وڄن!
توڙي جو آئون ڪٽي،
هيٺ اچ آهيان ڪريو هالار تان،
۽ مون ۾ خوشبو جو ديوتا پيو آ مري،
۽ منهنجي من جا فرشتا،
اچ گناهن تي گذارو ڪن پيا،
پر تو نہ ڇاتو
تو تہ پاڻيءَ جو پيالو ڪين پر کيو
تو ڄڃن جي سنگ کي ڪين ڇاتو
تو وڃايو ۽ نہ ڪوئي ڪجھہ پاتو.

■

ذوالفقار علي ڀُٽو!

اسين چئون ٿا تہ،
تنھنجي ساھہ کي ايندڙ ڇڪون،
ڦاسيءَ جي رسي ۾ رھجي ويون،
۽ ھوا درد ۾ ڦاٿي پيل ڏرتي جي ڳلي مان،
ھر ويل تن کي ڳائي پئي،
اسين چئون ٿا تہ،
تنھنجو موت،
رستن تي ھاريل رت،
۽ گھاٽن وڻن ۾ ماريل ڳوٺاڻا،
تنھنجي قاتلن جي ساھہ ۾،
سوڙھہ ٿي پيا آھن،
انھن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيا آھن!
انسانيت خلاف ھنن جي سازش ۾،

نہ ترندڙ رڪاوٽ بنجي پيا آهن،
۽ انهن جي خارشي ذهنيت،
۽ بي حواسي،
اقتدار جي ايوانن ۾،
هنن جو ميچالو ڪائي رهي آهي،
اسين چٿون ٿا تہ،
جنرل ضياء پنهنجي روپ ۾،
زندگيءَ ڪي منع نامو هئو
موت جو پيو نانءُ هئو
سموري نئين نسل جي،
ڪونئري ڪپهہ جهڙين جوانين تي،
ڪري پيل پٿرن جو ڍگ هئو
هو چانڊوڪين سان وير هئو
صبح سان بي واجبي هئو
۽ هن جو ڪچندڙ ساهہ،
هوا سان زيادتي هئو
۽ هن جو وجود،
ڌرتي تي اضافي هئو
اجايو هئو
۽ ماڻهپي لاءِ شرم جهڙي ڳالهہ هو!
ڪاري ڳلاب جهڙو اپريل جو مهينو
ڪئلينڊر جي ڪک ۾،
گهرو زخم بنجي چڪو آ!
۽ اسانجي لوڪ گيتن جون ستون،

اسان سان ڪاوڙيل آهن،
تنهنجي مرڻ جي موسم،
۽ اسانجون مجبوريون،
هو بهو هڪجهڙيون هيون!
۽ هاڻ اها موسم،
اسانجي اکين ۾ اٿلي پئي آ،
اسانجي رت ۾ آنڊ مانڊ ٿي اچي لٿي آ،
۽ اسين جيڪي مٽيءَ ۾
مسلسل ڏڙڪي رهيا آهيون،
اسانجي سگهڙ پائرن،
اسانجي نرڙ جي گهنج ڪي چمي ورتو آ،
۽ اسانجي جرئتمند ابن ڏاڏن،
اڌ صدي جو ڏک،
پنهنجي پٽڪن جي پلاندن ۾ ويڙهي رکيو آ،
اسين ٻارن لاءِ پيار،
۽ محبوبائن سان وري ملڻ جي آس،
پوئتي ڇڏيون ٿا،
ڦاشي فوجن سان مُنهان منهن ويڙهه ۾،
اسانجو اهو ارادو تمام اوچو آهي ته،
اسين ملڻ کلڻ جون موسمون،
۽ معصوم ٻار مرڻ نه ڏينداسين،
پنهنجن لڱن ۾
پنهنجي مائرن جو کير کرڻ نه ڏينداسين!.
■

مُون کان پُڇ نہ منهنجو حال!

ڪالهُه نڪر ڪان مَن موڳو
مُونکي آهي پاڻ مَلال،
مُون کان پُڇ نہ منهنجو حال!
ساري عمر ايئن ڪٽي آ،
چڻ تہ ڪائي پري چٽي آ،
هيءَ بہ گذري ويندو سال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!
چانڊوڪيءَ ۾ چڪ وجهي پيو
هينئڙو بہ ڪنهن هَرڻ جيان آ،
ڇرڪي آخر ڏيندو ڇَال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!
جيئرو رهندين ٿُون تہ جتن ۾
رهجي ويا ٽٽي هار هٿن ۾
سانڍي ڇڏ سڀ استقبال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!
هيٺي تي هر حملو ڪيو آ،
سيني کي هي ڇا تہ ٿيو آ،
ٿُون تَلوارُون آئون ڍال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!
رَاند ۾ هر ڪو راضي آهي،
شطرنج جي هي بازي آهي،
هر ڪو هلندو پنهنجي چال،
مُونکان پُڇ نہ منهنجو حال!
■



اسٽيفي گراف لاءِ!

تون دنيا کي ٽينِس ڪورٽ سمجهِين ٿي،
تون ڏاڍي تيز کيڏين ٿي،
تنهنجي هر ادا،
هر چُمي پاڪر،
رسڻ پرچڻ،
تيز شاٽس جيان آهي.
تاري ڪِرڻ جيڏي آ تيزي،
تنهنجي هر عمل ۾،
تون ڏاڍو تيز ٿي کيڏين!
ٿهليل آسمان هيٺان،
ڌرتيءَ جي هِن گولي تي،
سمنڊ وانگي انهن تماشائين جو
تعداد تمام گهڻ آهي.
جيڪي هارائيندڙن سان گڏ هجن.
تون اُها پهرين ڇوڪري نہ آهين،
جيڪا پيار ڪي بہ،
وِمبلڊن ٽرافِي سمجهي ٿي،
دِل جو پيو نالو بہ دل آهي،
۽ هن نالي جو اعزاز
ماڻهو وڃائڻ لاءِ حاصل نہ ڪندو آهي.
■

چڱو جو اسانکي نہ دَرزي مليو!

چڱو جو اسانکي نہ دَرزي مليو!
نڪو ماپ من جي نہ ڪو ڪور ٽي،
حياتي سندو هرک ڦاڙي هوا،
قضا جي ڪَتر ساڻ ڪوري ڇڏيو
هوا جي هٿن پاڻ پوري ڇڏيو
نڪو ڪاج ڪوئي نہ پيڙو لڳو!
سڳي ڪانسواءِ هي سُئي سوچ جي،
انڌيري ۾ بخيا اجايا هڻي،
پُراڻا پيا ٽيندا وچون پاڻ ۾،
لڱن جون هي لِيڙون لڪائي گهمون،
ٽٽندا ڦاٽندا ٿا وچون پاڻ ۾،
اڃان ٿا چئو تہ بدن ٿا نڪبو!
اسان ڪي تہ سُورن سبي آ رکيو
چڱو جو اسانکي نہ ڌوبي مليو!
صدين جي سفر ۾ ٿا ڇڪبا رهون!
وچو وچ واري ورائي وئي،
ڪٿي گهاٽ اهڙو بہ نڪوئي گهڙيو
جتي اچ اکين ڪي بہ اُجرو ڪريو
رڳو راهہ ۾ آه آهي اُيي،
لڪين لفظ آنڌي جيان اچ اُٿيا،
وئي دز دل تي دُکن جي جمي،
جتي جر اندر جيءُ نٿو ڌوپجي،
اتي اچ بنا آب جي دوستو
اسان ڪي تہ آ ڌڌڙ ڌوڙ ڌوئي رکيو!
■

خانہ بدوش جيئن خُدا کي ياد ڪن ٿا!

روز هي رولاڪ جيون جا جتا،
جڻ تہ صحرا ۾ نگر آباد ڪن ٿا،
خانہ بدوش جيئن خدا کي ياد ڪن ٿا،
تيئن ڪڏهن مون ياد توکي آ ڪيو!
زندگي آواره گرد جي مڏي،
روز ٿي پنجي ڪجي هر جاءِ تان،
چو نہ ٿيون ڍنڍون ڊڪن تن جي پٺيان!
وڻ جهڪن پاڇا رڪن تن جي پٺيان!
روز ٿي واري اُڏي اک ۾ پوي،
جڻ تہ ٿي لالي لڏي اک ۾ پوي،
ڪنهن وطن جي آس آهي جستجو
ڪو تہ آهي آسرو ۽ آرزو
بس سدائين رات جا تارا ڳڻي،
۽ صبح جو سج سان گڏجي سيئي،
جڻ بدن مان ٽڪ جا سارا پڪي،
هوريان هوريان ڪري آزاد ڪن ٿا،
روز هي رولاڪ جيون جا جتا،
جڻ تہ صحرا ۾ نگر آباد ڪن ٿا.
خانہ بدوش جيئن خدا کي ياد ڪن ٿا،
تيئن ڪڏهن مون ياد توکي آ ڪيو!

■

وفاداري دربدر ٿئي ٿي!

ڪُلي وچن ٿا جي راز ڪورا،
چريو زمانو چڙي پوي ٿو.
اُتي پون ٿا عذاب وحشي،
وري ڪو ماتم مچي پوي ٿو.
ڪسي وچن ٿا شباب ڪورا،
سڪي وڃن ٿيون اڪيون ڪنواريون،
رلي وڃن ٿا وچن سمورا،
سڙي وڃن ٿا ڪتاب ڪورا،
گهٽي گهٽي ڪا خبر ٿئي ٿي،
وفا وري دربدر ٿئي ٿي!
■



نصرپور!

نصرپور ناز آ توتي،
جو مصريءَ سان ملائين ٿي،
هن روح منهنجي کي،
خوشيءَ سان تون کلائين ٿي،
اگهم مان جي گهمي آيا،

گهتا جا گهڙي گذري سپ،
عقابن جا نہ آشيانا،
لنگهن ٿا لڪ اُڏري سپ،
حفظ حاصل هجي جن کي،
اُنهن جي آسري آهيان،
ضرورت زندگي ناهي،
لڳن سان پوءِ بہ لائين ٿي.
ابابيلن اچي منهنجي،
اندر ۾ ناهيا آکيرا،
گداگر گردشون آهن،
فڪر جا سئو طرف ڦيرا،
ڪڙي ڪج ڦرب ۾ قابو،
هيٺيءَ جو حال ڪونهي ڪو،
لڳي ٿي ڳالهہ ڳوٺن جي،
ڳنوارن ساڻ ڳائين ٿي،
مشائخ شاخ مان وهندڙ
سچو پاٹي لکي وڃان،
وڃي پٹي تند مون ۾،
تون سچي ساري سکي وڃان،
امانت عشق جي آئي،
تہ دلبر دادلو نڪتو
حسن هن پورڙي جي پُل کي،
تون چا تہ پائئين ٿي!
■

روحل، چيزل اکڙيون آگم!

دُنيا کي درگاهہ نہ ديکي،
دنيا ني درگاهہ کو ديکها!
درس حسن تو ايرا غيرا،
درس حسن تو ايسا ويسا،
ابن العربي عجب عجائب،
سهروردي سچ سجائج،
ذڪريا ويهي ناد وڄائج،
سئو سماع، ڏمالون ڏم ڏم،
رومي رقص ۾ چيريون چم چم،
سيوهن والا سائين سرگم،
جام قريشي[1] جام جم جم،
پنهنجو ٿيندو آهي هر ڪم،
نور نظر وہ، نور چشم وہ،
روحل،[2] چيزل[3] اکڙيون آگم،
دُنيا ليکي دُنيا آهيان،
ناهيان، آهيان، آهيان ناهيان،
عزت دولت، شهرت ڪيسي!
قادر تيري قدرت ڪيسي!
ڪا ڪي کو بختيار بنايا،
نجام الدين کو کس ني گايا؟

---

(1) قبلہ مُحترم سائين احمد علي قريشيؒ دؤر حاضر جا صاحبِ ولايت بُزرگ سندن مزار مبارڪ سيوهڻ شريف ۾ لال باغ لڳ آهي.
(2) روحل، شاعر حسن درس جا وڏا فرزند.
(3) چيزل، شاعر حسن درس جا ننڍا فرزند.

خسرو ڪو بي حال ٻڌايا،
مين بهي آيا، سرمد آيا،
اپني پيرون اور آنگن مين،
مولانا آزاد ٻڌايا،
مون جهڙو جي ڏيندين چا ڏيو؟
بيبي رابعہ بصري بن جا!
بسم الله شهنائي بن جا!
بلڙي ڪي تنهائي بن جا!
شاهہ لطيف ڪي وائي بن جا!
جي توکي ڪجهہ ڏيڻو آهي،
جام محبت پيڻو آهي،
مست بخاري ملڪہ بن جا!
بابا يہ رحمان هي بيٺها،
امبر اُس کي آنگن مين هي،
حسن حسين کا حلقہ بن جا!
پنهنجا صاحب پير سڃاڻج!
مهڪ مديني سي جو اُٿهتي هئي،
خوشبو سا هر هير سڃاڻج!
عشق امامت لاءِ ڪڙو آ،
منڪر، ناڪ، نڪير سڃاڻج!
پنهنجي پٺ آ پيرن واري،
پنهنجا اڳ امير سڃاڻج!
پيان لاگون اس پاگل کو
حسن درس فقير سڃاڻج!
■

جهرڪين کي خوار خراب نہ ڪريو!

جهرڪين کي خوار خراب نہ ڪريو!
پيار جون پرچيون ناهي،
ڪُٽا نہ ڪيو!
موسمن کي معافي ڏيو تہ،
هو ماڻهن جون ٿي رهن.
ڳُنن ۾ ڪاهي نہ پئو!
مس، قلم، پنن جو زيان نہ ڪريو!
پبلشر جي پُڇ مان هٿ ڪيو!
بڪ اسٽالن تي اجائي جاءِ نہ والاريو!
پڙهندڙن کي منهن مٿو پٽڻ تي،
مجبور نہ ڪريو!
اوهين جيڪي،
داستان گوئيءَ جو پٽڪو لاهي،
قديم جا ڳن ڳُتري،
هاڻ جديد جي نالي ۾ جڪ پيا هڻو،
اوهان جا ڪتاب اوهانجي ڏاڪڻ آهن،
جن تي پير ڏيئي،
اوهين صرف ڪنهن ڪمزور ڪُرسيءَ تي،
چڙهي سگهو ٿا!

ماڻهن جون سماعتون،
ساروٽيون،
حافظا،
۽ اوهانجا اسلوب،
انداز ۽ اُرهه زورايون،
وڃجي ته ڪيڏاهن وڃجي!
شل خدا هن ديس کي،
اوهانجي ڏمچڪر ڪان محفوظ رکي،
اوهين جيڪي شاعريءَ جي ،
شهرت جا شهسوار ٿيڻ ٿا چاهيو
گليون گمنام آهن ۽ اوهين،
مشهوريءَ جي منبر تي ويهڻ ٿا چاهيو
ديس جو نالو وٺي داقڻ بند ڪريو
وطن لاءِ ويڙهه ۾ قوڪٽا قاڙڻ ڇڏيو!
تلها تڪاءَ:
زوزاٽ،
زٽ هٽڻ ڇڏيو!
هيڊ، هريڙ، وڏا قوتا،
گوماندر قودنا،
او پنهنجي پساري واري پڙيءَ تي،
پلٽي هٽي ويٺل،
نيم حڪيم نادانو!
توهان جا تجويز ڪيل نسخا،
مريضن کي مارين پيا!!

■

اڄ وري آ آئيني ۾!

آئيني ۾ پاڻ کي بيٺي ڏٺم
شڪ پيم!
تنهن ڪري پيهر وري جانچي ڏٺم
پڪ ٿيم

هي اُهوئي شخص آهي،
دير سان هڪ رات جو
مون کي مليو اونداهہ ۾،
ماچيس جو مون کان پڇيئين،
هڪ عدد بيڙي گهريئين،
اوچتو خنجر ڪڍي،
منهنجي سيني تي رکيئين،
جو ڪجهہ هيو سو سڀ ڦريئين،
هڪ رواجي گار سان،
منهنجي وري تذليل ڪيئين،
حملو ڪري خنجر هنيئين،
هٿ کي هوا ۾ ڪنيئين،
پيٽ کي ڦاڙي ڇڏيئين،
پورو دل ڪڍيئين،
پنهنجي کيسي ۾ وڌئين،
آئون اُتي ئي پيو هيس،
هو اُتان هليو ويو،
اڄ وري آ آئيني ۾،
مون اڳيان سامهون ڪڙو،
۽ سندس شرٽ جي کيسي اندر،
منهنجي دل ڦٿڪي پئي،
ڪنهن بہ سيني کانسواءِ!
■

وقت گُلابي دروازو آ!

ٻار وڃن پيا اسڪولن ڏي،
وقت گلابي دروازو آ،
گيت لنگهن پيا جنهن مان ننڊڙا،
ٻاراٽا هي ٻول ٻچن جا،
ٿهڪ تہ آهن ٿول ٻچن جا،
ميزن تي هو ماٺ نہ ڪن ٿا،

ڪُرسين کي هو ڪيرائن ٿا،
راند ٻہ ڪن ٿا گڏجي سڏجي،
هڪٻئي کي جڻ ڦيرائن ٿا،
استاد جي اک تکي آ،
سهڻي مائي، نَڪُ ڊگهو آ،
آگر چاڪ ڪٽي آ اُپري،
بورڊ تي ڪا بات لکي آ،
ڪاپين تي هو ڪونئرا هتڙا،
پنچين وانگي ڦڙ ڦڙ ڪن ٿا،
سيڪو پنهنجي منهن تو سوچي،
سڀ ڪنهن پنهنجي سمجهہ سکي آ،
ٻارن جو ڪم ٻارن سان آ،
ٻاڻ وڙهن ۾ ٻاڻ ئي پرچن،
گهڙي رُسن ۾ ساڳيا سرچن،
گيت پڙهن ٿا گڏجي جڏهن،
ٻاڻ ٻہ گيت منجهان پيا گڏرن،
ٻاڻ ئي ٻاڻ گلن جا ٻوٽا،
ٻاڻ ئي مور تتر ۾ طوطا،
ٻاڻ ئي گاهہ ، هوا جا جهوٽا،
تارين تي پيا جهومن اُڏرن،
گيت نہ ڪنهن کان اهڙا وسرن،
ٻارو! هاڻ اوهان کي موڪل،
درس ڪتابن منجهہ پڙهيو ويو،
ٻار وچن پيا اسڪولن مان!

■

اڄ تہ چئون ڪونج کي!

اڄ تہ چئون چنڊ کي ڀيڻ[1] کي ياڪر ڀري،
۽ ستارن ۾ رڪي.
اڄ تہ چئون ڪونج کي،
ڀيڻ کي ياڪر ڀري ۽ ڪوهسارن ۾ رڪي.
اڄ تہ چئون منڊ کي،
ڀيڻ کي ياڪر ڀري ۽ نظارن ۾ رڪي.
اڄ تہ چئون درياءَ کي،
ڀيڻ کي ياڪر ڀري ۽ ڪنارن ۾ رڪي.
اڄ تہ چئون سنڌ کي،
ڀيڻ کي ياڪر ڀري ۽ سهارن ۾ رڪي.
■

شهيد بينظير ڀٽو لاءِ لکيل

(1) شهيد مُحترمہ بينظير ڀٽو.

تمنا تاڪ ۾ آهي!

تمنا تاڪ ۾ آهي،
لِڪي توکي ڏسڻ چاهي.
مصور اُس مان آخر،
تنهنجي تصوير ٺو ناهي.
ڦڙين کي جهڙ جهلي بيٺو،
چوين جنهن وقت برسائي.
هوا تنهنجي اچڻ تائين،
گلن تي ماڪ ترسائي.
اگر آهين حسن آهي،
سوا تنهنجي صفا ناهي.
■



هينسي ڪرونيي[1] لاءِ هڪ نظم!

بئٽ بنان آ بال اڌورو،
بال بنان آ بئٽ اڌوري،
تو سوا ڪرڪيٽ ڪيڏي پٺي وڃي،
زندگيءَ جي پچ کان آهين پري،
مئلبورن، سڊني
يا ويسٽ انڊيز جا ميدان،
تون تہ بائونڊري کان ٻاهر بہ بيٺل ناهين،



(1) هينسي ڪرونيي، ڏکڻ آفريڪا جي ڪرڪيٽ ٽيم جو ڪپتان جيڪو هڪ هوائي حادثي جو شڪار ٿيو.

راند تہ ٿيندي پئي،
شرطون پيون لڳنديون،
جوا ٿيندي پئي،
پر تنهنجو هٿ هوا ۾ وڃايل آ،
جيڪو راند وچ ۾،
تاڙي ملائيندو هو،
تنهنجون تيز گهوريندڙ اکيون،
بال کي بائونڊريءَ کان ڇڪي وٺنديون هيون،
۽ هاڻ بال ۽ بئٽ پئي ڪنڊ ۾ ويهي
ڪنجهي رهيا آهن،
ستارن جي ڊوڙ تہ الائي
ڪنهنجي اکين ۾ پوندي،
هڪڙي عورت جيڪا تولاءِ رُني،
ساوڪن کي الائي ڪيئن ڊسي ٿي،
ڏکڻ آفريقا ۾،
ڪارو سج،
يعني نيلسن منڊيلا،
اهڙو ماڻهو آهي،
جنهن جي دل کير جهڙي اڇي آهي،
اُنهي جنهن وقت توکي آٿت ڏني،
تڏهن تنهنجو درد گهٽ ٿيو
هوا ۾ ايڏو مٽي،
موت ٿي اهڙو رانديگر آ،
جنهن توکي آخري دفعو آئوٽ ڪيو!
■

احمد فراز[1] لاءِ هڪ نظم!

احمد فراز تنهنجو سامان ٿو اڇلجي،
ميزون گلاس شيشا،
نظمن جون عورتون ۽،
نثري ڪتاب اڇليا!
تو کي مليا هيا جي،
اعزاز ڪئين،
سي سڀ خطاب اڇليا!

(1) احمد فراز اردو جو انتهائي قدآور پيارڻ شاعر، جنهن کي حاڪم وقت گهر مان ڪڍڻ واسطي سندس سامان رستي تي ڦٽو ڪرايو هو.

ننڍون دريءَ دريءَ ۾،
پردن تي ڳهر تنهنجي جا،
جاڳيل گلاب اڇليا!
توجي گناهہ جهڙيون،
راتيون اتي گذاريون،
سارا ثواب اڇليا!
پيارا پٺاڻ شاعر،
اردو عجيب آهي،
پشتو ۾ چؤ پنڊيءَ کي،
دِلي قريب آهي!
غالب سان مئہ پيئڻ جي،
سهٽي سزا ملي ٿئي!
۽ ڳالهہ چٽي ڏيڻ جي،
سهٽي سزا ملي ٿئي!
ايوان هو سجايل،
ڪوٺيون نہ تنهن کي ڪوٺو
ڪوٺو تہ ڪنهن جو گهر آ!
رنڊي تہ مانواري،
رنڊي تہ معتبر آ!
گاريون نہ ڏيو هنن کي،
گاريون تہ پولين جون،
آهن شرير ڇوريون!
لبريز لفظ گاريون،
گاريون تہ ساحلن تي،
ننگيون حسين گوريون!

تون جو فراز خود کي،
روشن خيال سمجهين!
حاڪم حرام سمجهين!
مئہ کي حلال سمجهين!
پر هاڻ ڏس نوان هي،
روشن خيال جلوا،
مولانا مئہ پيئي ۽،
سالار کائي حلوا!
پنهنجو تہ يار آهي ،
سامان عيش عشرت،
سامان عشق بازي،
سامان دلنوازي،
سامان دل جي دنيا،
سامان سرمدي هي،
سامان دلربائي،
اُچلين ڇو انهن کي؟
هيءَ سونهن ۽ سچائي،
اُچلين ڇو انهن کي؟
شعرن جون خانقاهون،
ديدار جا دئارا،
دل جون نندين نگاهون،
۽ خيال جي خدائي،
ميلاپ ۽ جدائي،
هيءَ خيال جي خدائي!!
■

ميلا محبت جا

جهڙ جا ديو اُٿيا، ڪارا باغ لُڏيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!
تلوارن کي ويو ڪنوٽين مان ڻاهيو
عورت جي جلوي، قلعي تي ڪاهيو
منظر مان گذري، گهوڙا خوب ڪڏيا،
تنهن ڪانپوءِ ٿيا ميلا محبت جا!
مڇيون پيڙي ۾ بارن سٿيون پي،
پريون پاڻيءَ تي ننگيون لٿيون پي،
طلسم جي جر تان، بگها نيٺ اُڏيا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!
ٿٽل وڻن کي واڍن وڌيو پي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ کي ڏوبين ڏوتو پي،
درزين سبيا جو سڀ، ڪنهن جا ڪپڙا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!
تارن تان ترندي، غارن منجهه ويا،
صحرا مان ڊوڙي، پاڻيءَ منجهه پيا،
جبل چوٽيءَ تان، آخر هيٺ لٿا،
تنهن ڪان پوءِ ٿيا، ميلا محبت جا!
ساحل ساحل تي، سهڻا شهر اڏيا،
گهر گهر دعوت ۾، در در دوست گڏيا،
هنڌن ماڳن تي، شاعر عشق لکيا،
تنهن ڪانپوءِ ٿيا ميلا محبت جا!
■

اچانڪ هڏا سپ ڪڙڪڻ لڳا!

قبر ڪوٺيائين،
گهر کي ڪوٺيائين،
هن جي بيماريءَ جو
فائيل ڪوٺيائين،
هُن جي مرڻ جي،
خبر ڪوٺيائين،
آخر ماهر کي،
مثل موسيقار جا،
هڏا ملي ويا!
تحقيقاتي ٽيم کي،
ٽُرٽئون طلبيائين،
مٿو ڪُٽيائين،
پٿر پڳائين،
مٿي چنڊيائين،
ٽورو سوچيائين،

گھٽو لکيائين،
مقالي جي مچ کي،
ويٺي وٺيائين،
نڪو سر مليو ڪو
نڪو گُر مليو ڪو
نڪو راڳداري،
نڪو ساز سازندا،
اچانڪ هڏا سپ ڪڙڪڻ لڳا،
ٽيبل مٿان، ڪمري اندر،
اُڏامڻ لڳا،
هڏن پئي هڏن کي،
لوڏيو، وڃايو
هڏن سازندن کي ڪيا پئي اشارا،
اها ماتمي ڌن،
ڪمري جي اندر
لامارا ڏيندي گھمندي رهي،
اچانڪ هڏا سپ ٻاهر اُڏاٽا،
هوائن کان ڪھڙا هڏن جا پڇاٽا،
پنيان ماٺ ٿي وئي،
صفا سانت ٿي وئي،
مگر ميز تي جيڪو
ماهر آ ويٺو
اُنهيءَ جي ته جاڙي،
اجان پيئي ڪڙڪي!!
■

ماچس جي تيلي!

ماچس جي تيليِ اها،
گندرف جو ٽوپ پائي،
آ اچان تائين سُتي،
وڻ وڍيو
چيريو ويو
ڪاٺ ڪي ڪوريو ويو



کارخاني ۾ اچي،
هئي جڏهن تيلي ڄُڙي،
گندرف جو توپ پاتي،
ڪنهن دٻيءَ ۾ بند تي،
ماچس جي تيليءِ اها،
آهي ته هر ڪنهن هنڌ پئي،
پر آ دٻيءَ ۾ بند پئي،
جاڳندي تيلي جڏهن،
تي سگهي سگريٽ جو
چاهه مان ڇهرو ڇمي،
۽ خود وسامي وڃي!
چلهه کي ٻاري وڃي،
جنهن مٿان ڪاڏو پچي،
تي سگهي تو ڪا بتي روشن ڪري،
ڏيمي ڏيمي روشنيءَ ۾،
ٻارڙو ڪاپي لکي،
گهُگهه اونده ۾ اچانڪ پئي پري،
چور جو ڇهرو سڃاڻي ڪو وجهي،
تي سگهي تو شهر کي ساڙي ڇڏي،
مُلڪ ، دُنيا کي ،مٿان ٻاري وڃي!
ڪا خبر ناهي الائي ڇا ڪندي؟
ماچس جي تيليءِ اها!
گندرف جو توپ پاتي،
آ اڃان تائين سُتي!!
■



مُصورا!

اڄان برش کي هو وڏي ور ٻہ ٽيڙو
رنگن کي نڊيءَ ۾ هيو هيٺ وهٽو
ستاري کي تصوير ۾ هو اُڇلٽو
جبل کي هتان کان ڪٽي هت رکٽو
هيو چوڪريءَ کي انڌيري مان اڇٽو
هوا جي منڊيءَ لاءِ هيو ڏور ويڇٽو

[199]

ندي‌ءَ جو پکي‌ءَ سان سياڻي آ مگڻو
الائي ڀيو بہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو
چتر جي گهٽي‌ءَ ۾ مصور مري ويو!
شهر هڪ زمين آهي ڀڳهي وئي،
اُنهي‌ءَ جي بازار پڻ ڳولڻي هئي!
بازار پويان هو رنگريز جو گهر،
اتان ڪان تہ چنري وٺي اوڍڻي هئي!
ڏيئو پڻ پراڻو هيو هٿ ڪرڻو
صدين جي بہ صندوق پڻ کولڻي هئي!
تصوير آهي اڌوري پني‌ءَ جي،
انهي‌ءَ ۾ ڪا پوک پڻ پوکڻي هئي!
الائي ڀيو نہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو
چتر جي گهٽي‌ءَ ۾ مصور مري ويو!
پراڻن شرابن جي هئي جانچ ڪرڻي،
ويل منڊ واپس هئي هاڻ ورڻي،
واري‌ءَ دڙي کي هو هيٺ اچڻو
پري‌ءَ کي رنگن ۾ هيو هاڻ پچڻو
۽ ڪينواس کي هو ڪناري تي نچڻو
سُرن کي مهانڊن ۾ هو قيد ڪرڻو
درين کي هوا ۾ اجان کولڻو هو
اجان فطرتن کي هيو ڪوٺڻو
اجان زندگي‌ءَ کي گهڻو ڳولڻو هو
الائي ڀيو بہ ڪيڏو هيو ڪم ڪرڻو!
چتر جي گهٽي ۾ مصور مري ويو!!
■

اُگھاڙيون کھاٽيون!

ڪارونجهر جبل ۾
اونڌيون ليٽل اُگھاڙيون عورتون،
ڪجھ سڌيون تي ستل،
جن جو ڇاتيون،
آسمان سان مخاطب آهن!
هڪ اهڙي گفتگو
جيڪي ٻڌي نہ پر،
صرف ڏسي سگهجي ٿي!
ديوتائن جي کهرن شهوتي هٿن،
پٿرن کي عورتن ۾ تبديل ڪيو
يا عورتن کي پٿرن ۾ قيد ڪيو!
هي اُگھاڙيون کهاٽيون،
وقت جي هٿن مان ڇپٽين وانگي ڪري،
پهاڙن تي پيل آهن،
جابلو ٻڪريون،
هي ننگا جسم لتاڙين ٿيون،
۽ پکي پنهنجي چنهبن سان،
انهن عورتن کي ٺونگا هڻن ٿا!
ڪڏهن ڪڏهن ڪارونجهر جبل ۾
انهن عورتن جا روح،
ڪِنجهندي گجگوڙون ڪن ٿا،
ڏبيل آواز جيڪي ڌرتيءَ ۾ دفن آهن،
بس رڳو مينهوڳيءَ جي موسم ۾
اهي ليٽل اُگھاڙيون عورتون،
زارو قطار روئنديون آهن!!

■

لڳي ٿو لوڪ موسيقي!

لڳي ٿو لوڪ موسيقي،
وڻن کي ويڙهجي وئي آ،
هوا ۾ مينديءَ معنيٰ،
پن ۾ ڪِل جو ڪڙڪو
سُرن کي آسمانن مان،
جهپڻ جي جستجو آهي!
درن کي ڪير ڏڙڪائي،
ڪڙن کي ڪير ڪڙڪائي!
انڌيري کي ڏئي وينو
ڪوئي آلاپ جي تيلي!
سڏا سرڙاٽ تارن ۾،
مڙيا سپ مڄ تي آهن!
مگر آ واٽ تارن ۾،



ڊسمبر ويو ڊُڪي ڊوڙي،
جيئڻ هيءَ جنوري آهي!
ننڍن ٽيڙو مچن ميڙا،
ڪٽين جي ڪچهري آهي!
دکي پيو ساز جو سينو
اچي آواز پيو اوڏو
ڪٽي ڪو چنگ پيو چوڙي،
ڏئي ٿو واءَ کي لوڏو،
ٿو ٽنڊن ۾ ٽُران آئون!
۽ چيڙن ۾ چُران آئون!
ڪچان ٿو ساهه ۾ آئون!
نڪري آهه ۾ آئون!
وڃان ٿو ڏنڌ ۾ ڏوڪي،
هميشه ۾ هُران آئون!
ڏيان اوڏر حياتيءَ کي،
۽ گيتن کان گهران آئون!
اچڻ ۾ مان وڃان پنتي،
۽ موٽڻ مان اچان آئون!
لباسن ۽ لبادن تي،
اُگهاڙو ٿي نچان آئون!
اتان ٿي اک منهنجي پيار ڪي،
پهرين وچي پئي آ،
لڳي ٿو لوڪ موسيقي،
وٽن کي ويڙهجي وئي آ!
■

جر تي جواني!



شينهن جي گجگوڙ ويڙهي ٿو گهُمي،
جهنگ کي هُن جان ۾ آ پوڪيو
تنهن ڪري سڀ ڪجھ سهيڙي ٿو گهُمي،
وقت کي هو طاقتن مان ٿو ڏسي،
جر تي جواني پڳي هئي آرسي،

[204]

طلسمي آهٽ ھُن جو جُنھن وڙي،
ڏيڏرن کي تارن ۾ تبديل ڪيو
ڍنڍ گھڙي پوڻ لڳي ھئي آرسي!
خيال جو مضبوط خنجر ذھن ۾
عورتن جي آسمانن جو پکي،
عشق جي ڪاري وڇيري تي چڙھيل،
آزمائي ٿو ھوا جي ڪوڙڪي.
داستانن مان ڪنيل ھُن جو جسم
قافلن جون واھر ھن جون اکيون،
ھو سدا سرمست رھندڙ نغمگي،
دائرن ۾ لفظ ھُن جا تا لڏن،
ڏيان سان پڏنبدو رھي ٿو ماٺ کي،
خواب کي گھاتو ڪري ٿو اک ۾
ڍنڍ ھُن کي ماءُ وانگي آ مٺي،
واءُ ھُن کي پاءُ وانگي ٿو لڳي!
واچوڙن جا پارڙا ھُن جي پنيان،
پادلن جا رٿ ھُن جي ھٿ ۾
سانوڻيءَ جا مينھن ھُن جي سٿ ۾
دل زمين ۾ ٻج وانگي تي ڦٽي!
لفظ جو پوتو پري ٿو اُس ۾،
گيت لھوارو تري ٿو اُس ۾
فطرتن جي فرزندي ھُن جو نصيب،
ڪائناتن کي رھي ٿو ھو قريب،
ڪائناتن کي رھي ٿو ھو قريب!

■

"ارمر نما"[1] لطيف آباد ڇڏڻ تي هڪ نظم!

گُل نشتر جُون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
تون هاڻ اُنهيءَ گهر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
جو هميشه لاءِ پوئتي آ ويو
تون هاڻ ان در جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
ميڻ جهڙي هي دل مجي ٿي نٿي،
سنگ مرمر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
يار پنهنجا پکي پري ٿي ويا،
سانجهه جو سر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
آڳ آهي اڳي ٿي آهُن ۾،
ڇاٽندي ڇر جون ڳالهيون ڇو ڪرين؟
■



(1) لِساني فسادن ۾ ڇڏيل لطيف آباد واري گهر "ارمر نما" جي حوالي سان لکيل نظم.

ڪپئي گوليون، ڪپئي گل ڪڻ!

جو ڪيڙيندين سو ميڙيندين،
ڪپئي گوليون ڪپئي گل ڪڻ،
ٻٽيون، بارود جون پوڪون ،
نہ تنهنجي پوءِ لٽڻ جهڙيون،
ورن ۾ ٽانگ ڪئين ڪارا،
وجهي جي ميز تي ويهندين،
نہ ٻوليون پوءِ ٻڌڻ جهڙيون،
نہ ڳالهيون سي سٽڻ جهڙيون
■



توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو!

دور پهاڙن جي دنيا مان،
ڪالهوڪواڄ آيو آهين،
لهجي لهجي منجهه لچارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟
اوڏو ڪير اکين ۾ آهي،
پرتي ڪير پکين ۾ آهي،
ڪهڙي ڌرتي، ڪهڙو تارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟
لفظن جي هيءَ دنيا داري،
ڪڏهن پوري ڪڏهن ڪاري،
منڙو ڪهڙو ڪير ڪارو
توکي پنهنجو ڪير لڳي ٿو؟
■

نينهن نياپا اکيون!

سانجهہ جي ويلي سکيون،
توکي ٿي ساريندي ون رهيون،
ڏيک ۾ ڏيئا مٽيءَ جا،
پاٽ پاريندي ون رهيون،
لفظ جيڪي ٽڏ ۾.
ڪنهن ڪان بہ ڪوسا ڪين ٿيا،
نينهن نياپا اکيون.
آخري اچاريندي ون رهيون.
■

گهاوَ ڪندا ڇا خالي گهر کي!

ٻاڻ انڌيري ۾ منجهه ٻليءَ جي،
اک ڏسي ٿي جيئن پکيءَ کي،
تيئن تڪن ۾ تاڙن ٿا هو
هر پرديسي پاريهر کي،
آڳ نہ سمجهي ٻي ڪا ٻولي،
گفتگو پر کي ڪاٻہ نہ گولي،
ساڙڻ جي ساڙي ويندي،
جي آهي ڪا ٻيي ڄر کي.
ڪونڊيءَ جا گل لت لڳڻ سان،
ٻارن جيئن مرجهائي ويندا،
آٿت ڪانہ اڳڻ کي ايندي،
دل نہ ڏتاري سگهندي در کي.
ماٺهو آهي جيئرو مرڻو
ان کان پوءِ ٻيو ڪجهہ نہ ورڻو
مرڻو پرڻو ماڻهوءَ سان آ.
گهاوَ ڪندا ڇا خالي گهر کي.
■

مُسلسل مات ۾ ماڻڪ!

رڳو ٿي درد،
غم فراق جو فصل آهي،
لڳن ٿا لفظ جدائي،
چون وصل آهي،
اجان بہ لهر ۾ لڙهندڙ آ،
ڳهر ڳالهايو
مسلسل مات ۾ ماڻڪ[1]،
نئون نسل آهي.
اهو تہ زرد صبح،
سچ جو نقل آهي،
اداس شام ٿي بچيو
سندن اصل آهي!



(1) ماڻڪ، سنڌيءَ جو ناليوارو ڪهاڻيڪار جنهن آمر ضياءُالحق جي دؤر ۾ ”ساهہ مُٺ ۾“ جهڙو شاهڪار ڪتاب لکيو.



دنيا چاهي!

سر تي سانجهي،
دور پکيئڙا،
دنيا چا هي؟
ٺمر ٺمر تنهنجي،
پرندڙ ڏيئڙا،
دنيا چاهي؟
رستي ايندي ويندي،
ٿورو اوکي سوکي،
گونگي گرمي،
سرتا اوسيئڙا،
دنيا چاهي؟
جر تي تارا،
بر ۾ باهيون ۽ تنهنجا،
لمحي لمحي پويان ليئڙا،
دنيا چاهي؟
■

سموري سنڌ سرندو!

مَکي[1] ڪنهن هٿي چڪي چاڙهي،
ڏنو ڪنهن هو ڏياچن کي!
سموري سنڌ جون ويڙهيون،
حڪايت هر لڳي حُر جيئن،
گليون گرنار وانگي جي،
لڳيون پٽي ڪالهہ سانگهڙ جون،
سموري سنڌ سُرندو
۽ سورهيہ سر پٽيان سُر جيئن.
■

(1) مَکي= سانگهڙ جي ڍنڍ، جتي حُرن انگريزن سان وڏو معرڪو ڪيو.

سانگهڙ!

ڏنو سج 'سورهيہ'[1]،
صبح ساڻ سانگهڙ،
رڳي راهہ ڏرتيءَ،
ڪتا ڪاڻ سانگهڙ.
پڌڻ جهڙي پيڙي،
نہ ڏرتي مسافر،
نديءَ جو ڪنارو
پڳهہ پاڻ سانگهڙ.
نما شام جهڙيون،
نگاهون ڏسن پيون،
انڌيرو الائي ڇو
ٿيو هاڻ سانگهڙ.
■

(1) پير صبغت الله شاهہ راشدي المعروف "سورهيہ بادشاهہ" جنهن سنڌ جي آزاديءَ لاءِ وڙهندي، انگريزن هٿان جامِ شهادت نوش ڪيو.

هِن شهر جو ڇا ٿيندو!

پڇو سمنڊ کان،
هن شهر جو ڇا ٿيندو؟
گهٽين ۾ گهمر گاڏڙ هوا،
ڪڏهن گهلندي؟
اکيون اکين ۾ وجهي،
مرڪندي ملڻ ٿيندو!
دري دريءَ جي سامهون،
ڏسڻ ۽ کِلڻ ٿيندو
سگهوئي صبح سمو
موت کي مٽائيندو
ڇڏائي هٿ مان وري،
زندگي جڏهن ڇلندي،
اداس شام ڪڙي،
خوشگوار ٿي پوندي،
پراڻي پينگهه پيار جي،
وري جڏهن جهلندي.

■

گهُمان ساڻ گهوڙي!

گهُمان ساڻ گهوڙي، مان نَنڍڙو ڪِڪو
ڪڏهن ڪين ڪاوان ڪو ڊرتي ڏڪو.
وري سَنج سونا جڙائي اچان،
اکيون عشق ۾ ڪٿ اڙائي اچان؛
سنهي چوڪريءَ کي لڪڻ جيئن ڪٽان،
مگر ڪين گهوڙي کي هڪلي هٽان،
سڄو ڳوٺ مون کي پيو واهه واهه وٽي،
سڄي ڳوٺ کي آئون پيو پڻ وٽان!
صبح جو جڏهن سج چمڪي اُٿي،
گهٽين منجهه سنبن جا سٽڪا هجن،
گهُمان آئون گهوڙي تي نازن منجهان،
ڏسڻ وارا بوسڪيءَ جا پٽڪا هجن.
جڏهن شام جا پنج وڄندا پيا،
وڇيرا هوائن ۾ پڄندا پيا!
جڏهن سانجهه تارن کي سڏڙا ڪري،
گهُمي مان به گهر ڏانهن موٽي اچان!
■



مُحبت سانڍبي آهي!

ڪُتن کي پالبو آهي!
محبت سانڍ بي آهي!
شين کي رکبو آهي!
اکين سان ديد اٽڪائي،
چپن کي چمبو آهي!
بدن کي چکبو آهي!
سمورو مُلڪ گهمبو آ،
جسم کي جڪڙبو آهي!
ڳلن سان ڳل لائيندي،
هٿڙن کي پڪڙبو آهي!
■

رُڳو جيئري جُدائي آ!

هزارين عورتون آهن،
خدا جي هيءَ خدائي آ!
ملڻ آ موت ماڻهو جو
رڳو جيئري جدائي آ!

هزارين عورتن جي هو
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي،
عدد ۾ هڪ ڇٽو آهي،
الائي ڇو گهٽو آهي!
اگهاڙپ جي حوالي سان،
ٻين جي بادشاهي آ،
ننگين جي راڄڌانيءَ ۾
ڦندو عشق ڦاهيو آ،
جسم جي جستجو جانان،
حقيقت ڪي هلائي ٿي!
هزارين ياد ۾ قابو،
هزارن کي پلائي ٿي!
اِها هڪ ابتدا آهي،
اڳيان هڪ انتها آهي،
پرين جت پڪ ساڙي ٿو
سدرت المنتها آهي!
اِهي سپ پنڌ اوري جا،
ناري جا ۽ ڊوري جا،
اجان اڳتي، اجان پرتي،
حسينا هڪ حقيقت جي،
خاموشي ڪڙي آهي،
جتي سچ اُپرندو آهي،
جتي سانجهي لڙي آهي،
اُتي اُن جاءِ تي بيهي،
هزارين عورتن جي هو
ڪري ٿو سڏ سهڻين جي!
عدد ۾ هڪ ڇٽو آهي،

الائي ڇو گهٽو آهي.
ٽنگن جي وچ مان پيهر،
اچي سگهبو ويچي سگهبو
پُٺيءَ تي هٿ ڦرائي،
پروسو هر ڪو پيچي سگهبو
جڏهن سمجهي ٿو سڀ ڪجهه،
اِهو خالي پٽو آهي!
هزارين عورتن جي هو
ڪري ٿو سڌ سهٽين جي!
مٿي ماڪي به ٽيندي آ،
مٿو آ موهه ڇاتين جو
چمڙ آ ڪرت چيڙن جي،
ڪهڙ آ ڪم ڪاتين جو!
حسن آ محبتن ماريل،
اُپي نيزي اڳيان وڃبو
ته ڇاتي نوڪ تي پوندي،
نهارين دل منجهان جيڪر،
نظر پئي لوڪ تي پوندي،
انهن اڻ چاڻ اهچاٽن،
سوين پيرا ته سمجهايسِ،
هزارين عورتن جي
هو الائي ڇو نٿو سمجهي،
ڪري ٿو سڌ سهٽين جي،
اڪر ۾ هڪ چٽو آهي،
الائي ڇو گهٽو آهي!!
■

وڄي تن تاريڪتارو!

هوا جي لهر مان لڏندي،
جي لهنداسون تہ تون ملندين،
اُڇل ڏئي آبشارن مان،
جي وهنداسون تہ تون ملندين!
نديءَ جا ٻئي ڪنارا ڏئي،

وڃون پيا شهر جانان ڏي،
سنجها جو سج جي پرسان،
جي رهنداسون تہ تون ملندين!
ڪچي جي ڳوٺ ۾ پارن،
بلورن راند پي ڪئي،
پڪي جوانيءَ منجهان نسري،
ڇمي ڪهنداسون تہ تون ملندين!
پراٽي دور ۾ پيدا،
ٽيڻ جو پڻ مزو ورتو
وري نئين سر ڇمي ڇاپي،
جي نهنداسون تہ تون ملندين!
ندر کي سخت ڏي نيئي،
ڪري وٺ قرب ۾ قابو
گلابن سان پهاڙن ۾
جي گهمنداسون تہ تون ملندين!
وڃي تن تاريڪتارو
عليءَ جو حيدري نارو
سڪون ۾ سوز سيني ۾
جي سهنداسون تہ تون ملندين!
حسن جي گودڙيءَ ۾
گُل ، پکي، پهڻيون، وکر پيا ڪئين،
مٽيءَ ڇپڻي جيان تو ۾
الهنداسون تہ تون ملندين!
■

اسانجي ڏات ڏاڏاڻي!

اسانجي ڏات آ ظاهر،
اسانجي بات بيباڪي،
اسانجا نج ناناڻا،
اسانجي ڏات ڏاڏاڻي.
ڪنول جي ڪن ۾ ويٺي،
ڪيو سرباٽ ڪنهن پونئري،
اسانجي ڳالهہ ڳاراٽو
اسانجو عشق آڪاڻي.
جنگين ۾ جيت جو جلوو
اگر پسڻو اٿو پيارا،
اسانجي مياڻ ڪي تلوار
جرڪي ٿي جلائي ٿي،
ڪڏهن ڪنهن قوم تي ڪڙڪون،
تہ اُن جو بڻ رُلايون ٿا،
اسانجي ڏاڪ ۾ بي ڏار
جرڪي ٿي جلائي ٿي.

■

اُها ڇوڪري جا اکين مان لڙي!



اُها ڇوڪري جا اکين مان لڙي،
ڇپن جي ٿي ڇائنٽ تي ڀيھي رهي،
اُها ڇوڪري جيڪا ڀيٽل رهي،
وٺي ڪانہ ڪيڏهن بہ ڪنواري ڪهي،
اُ ها ڇوڪري جا تکي ڇنهب هئي،
گهڙيل پينسل جي ٿي گوري جيان،
اُها ڇوڪري جا جبل جي نہ هئي،

لڳي چو پٽي من کي ڪنهن موري جيان،
اُها چوڪري جا ڍڪيل شال هئي،
اوهانجي هٿن ۾ چو چادر پٽي،
وطن ليڙون ليڙون لباس جيان،
اُها چوڪري آخر ڪيڏهن وئي؟
اُها چوڪري جنهن پٽي رانديون ڪيون،
اسان کي گُڏين سان گڏائي وئي،
وري چيڪلي پير پائي نٽي،
سڄي شهر کي جڻ لڏائي وئي!
اُها چوڪري جا اکين مان لٿي،
چپن جي ٽِي چائنٽ تي بيهي رهي،
ڪناري تي ڪپڙا ها وکريا پيا،
اُها چوڪري جا نديءَ ۾ لٿي،
وري وقت پنتي هو پلٽو ڏنو
لڳي ٿو تہ سترهين صديءَ ۾ لٿي،
اُها چوڪري جا مزارن منجهان،
پني پيءُ ماءُ ورتي هئي،
سندس پاءُ پڙون جو پيچي هو
مگر هوءَ تہ سهڻين جي سرتي هئي،
اُها چوڪري جا رڳو اک هئي،
نهاري تہ پوتا جُهڪي ٿي پيا،
ازل جي مسافر خاني اندر
سوين قافلا جڻ رُڪي ٿي پيا،
اُها چوڪري جا رڳو نڪ هُئي،
اُها چوڪري جا رڳو هٿ هُئي،
وڏي ٿي تہ واتون ڪلي ٿي پيون!
سيئي موسمون ميڙ آيون وٽس،

هوائون هٽن ۾ گهلي ٿي پيون!
اُها ڇوڪري جا رڳو پير هئي،
هلڻ ساڻ حرڪت پذيري هئي!
اميرن جون عمريون سڪل گاهہ وانگي،
انهي ڇوڪري وٽ فقيري هئي!
اُها ڇوڪري جا رڳو وار هئي،
سڄي تيل سرمي سان واسيل هئي،
ملي شال محبوب مون کي مٺو
سندس باس سيوهڻ تي باسيل هئي،
اُها ڇوڪري جا رڳو دل هئي،
جا ڌڙڪي تہ دنيا بہ ڌڙڪي هئي،
انڌيري ۾ روشن رهي ڇوڪري،
تکي واءَ سامهون بہ ڦڙڪي هئي،
اُها ڇوڪري جا رڳو پيار هئي.
محبت کي کيتن ۾ ماپيون نٿا،
اصل نام آهي رڳو عشق جو
سندس نام اخبار ۾ ڇاپيون نٿا،
اُها ڇوڪري جا قتل ٿي ويئي.
رڳو رات ڪاريءَ کي ڇو پيا پٽيو؟
رسم کي قسم ساڻ ڪريو قتل،
مٺي هُن ماري کي ڇو پيا پٽيو؟
اُها ڇوڪري جا اُگهاڙي نہ هئي،
اسان ڪيس ويڙهي رکيو آ وطن!
مٽيءَ ۾ تہ آهن مٺا پوربا،
اسان ڪيس دل ۾ ڪيو آ دفن!
■

مان ويراڳي!

راتيون ڪاٽي نيٽن ۾،
ٿو واٽون نهاريان جاڳي،
منهنجي من جي ڪنهن مهراڻ،
پير نہ پائي جهاڳي،
سونهن ڏسڻ سان سمجهہ نہ،
ڪابہ سُرت رهي ساڳي،
گيت وڇوڙن جا ٽاهيان،
پاڻ ٿي تن جو راڳي،
مان ويراڳي.

■

صليب مقتل کي نئون نيا پو!



صليب مقتل کي نئون نيا پو
قديم دُنيا جديد ٿي وئي.
اسانجي راڻي تہ هٿ لوڏي،
وڏي وقارين شهيد ٿي وئي.
اِهائي پڙ جي پُڪار آهي،
تہ سر ڏيڻ جي رسم ادا ٿئي.

اهوئي سرمد جو فلسفو آ،
تہ فڪر پنهنجي ڪو فدا ٿئي،
هي سِرَ کي گهورڻ ڏياچ وانگي،
سِين جي خواهش شديد ٿي وئي.
اسانجي راڻي تہ هٿ لوڏي،
وڏي وقارين شهيد ٿي وئي!
اُهي ئي قاسيءَ جا جهولا جُهليا،
اُنهن ئي بت تي سجايون گوليون،
اُهوئي هڪڙو آ گهر، ڪروڙين،
اُنهن جون ڳالهيون اُنهن جون ٻوليون،
اُها قلندر سا مست ملنگي،
نئين صُبح جي نويد ٿي وئي،
اسانجي راڻي تہ هٿ لوڏي،
وڏي وقارين شهيد ٿي وئي!
حسن حُسين جي هيءَ حڪايت،
هيءَ ڪربلا جي لڪيل ڪهاڻي،
هي بيبي زينب جي پاڪ پوتي،
هي رت اجرڪ ۾ سنڌ راڻي،
يزيد توسان آ جنگ جاري،
۽ ويڙهہ ويتر شديد ٿي وئي!
اسانجي راڻي تہ هٿ لوڏي
وڏي وقارين شهيد ٿي وئي!
■

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!

ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!
ٿڌ وسي ٿي واريءَ تي،
ٿوهر ٿوهر ننڊ ڪري ٿو!
هڪڙو خواب سهانو جيڪو
روز اکين ۾ ڪيپ پري ٿو!
ڪارو نانگ مٿان چانڊوڪي،
ڪارونجهر تي مور نچي ٿو!
مونکي هڪڙو خيال اچي ٿو
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
هوڏانهن لاڙ لڪئي جو ليڪو

[230]

ساريِن منجهہ سهائي آهي،
مون ۾ پاڻ اُها ئي آهي!
دل جي ڪيٽي بندر تي ڪا،
تنهنجي ٻيڙي لنگر ٽيندي،
ٺٽي منجهہ اگهاڙو ٽيندين،
مون نہ ائين ڪو چاتو هو
سيہ سجاول جون بازارون،
تنهنجي خوشبوءَ ۾ ڪلنديون،
ماڇر ساري مهڪي پوندي،
مون نہ ائين ڪو چاتو هو!
مڪلي روز پوي ٿي مرڪي،
ڪنهنجي ڪاڻ ڪتاب جلايون؟
اوجاڳي جا خواب جلايون!
فاتح سيہ ستا پيا آهن،
سيہ مجاور چرس پيئن پيا!
ڏور مهاڻو پنهنجي پٽ کي،
اوچي ڪمر تي گاريون ڏئي ٿو
پاڻيءَ ۾ ڪو شپڪو ٿئي ٿو
آڙي نيٽ اڏامي پئي ٿي،
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!
هوڏانهن لڪ جبل جو ڏاڪو
شام پهاڙن منجهہ رڙهي ٿي،
پنهنجي خود سان پاڻ وڙهي ٿي،
پٿر پٿر تنها آهي،

هر نئن ننڍڙي نانگڻ آهي،
واسينگن جو پنڌ پري آ،
جت ڏرتيءَ جي سختي آهي،
ڪيئن چئجي بدبختي آهي!
ماٺھو ماٺھوءَ ساڻ ملي ٿو
پٽر منجھہ گلاب کلي ٿو!
لڪيءَ شاھہ صدر تي سانجھي،
ڏيئي مان هڪ ڏيک ڏسان ٿو
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو
ڳهندي نيٺ ڪچيندي ڪاچو
پنهنجو پاڻ لتاڙي پاڇو
تو ڪان دور ٿياسين چا ٿيو!
چٽندڙ پور ٿياسين چا ٿيو!
پيلا گل ٻٽياسين چا ٿيو!
سڪر سون سريڪو آهي،
روھڙي روح لتاڙي اينديئنءَ،
جي دريا تي پلجي اينديئنءَ،
پنهنجي پاڻ کي خود تڪيندئن،
تنهنجي ذات ئي توسان ملندي،
تو مان روئي سامهون کلندي،
سچل عشق پيدا نہ ٿيوي،
ساري سنڌ پرينءَ جو پاڇو!
جيڪو جر تي جاڳي ٿو!
■

ملاح!

هن جي اندر ۾ ڪئين،
ڦٽڪن مڇيون پيون،
هو جو ملاح ويٺو گهوري زمين کي،
هن جڙ اندر ۾ پنهنجو ڪورچ آ هنيو
ڪوٺي زمين کي ۽ پوري زمين کي،
۽ دور هوءَ مهاڻي گاريون بڪي پئي،
هوءَ جنهن ڪالهه هڪڙو پار آ چٽيو!
هوءَ جا هنن ڏينهن ۾ ماري نٽي مڇيون،
ها پر هن مڇين لاءِ هڪ چار آ چٽيو!
پوڙهو اڪيلو ويٺو بيڙي ڇڪي پيو
دونهين سان گڏ ڪا ئي،
هن کي دعا اچي ٽي،
درياءَ شاهه تون ئي آهين سندم ڏٽي،
هيءَ زندگي به آهي جادوگريءَ جيان،
جنهن کي به ڇا ملي وئي،
منهن تي وٽي وئي.
■



اڙي يار تنهنجا هي ڪهڙا تماشا!

وصل ڪي جو ويڙهي وڇوڙو وڃايئون،
تڏهن ياد آيم ته هي به ملڻ آ.
اڙي يار تنهنجا هي ڪهڙا تماشا!
اِهو روڄ راڙو به ڪڙ ڪڙ ڪلڻ آ.
تونگر اسان جيئن نه بي نياز ٿيندو
ڪڏهن ڪين وڄندو نڪو ساز ٿيندو
ٻاهر جي ته ٻچڪار ٻڌبي پئي پر،
اندر مان رڳو آهي آواز ٿيندو.
اُهي ساز سِرَ تي اوهين پنڌ پيارا،
اُنهن جو ته هر هر هوا تي ٽلڻ آ،
اِهو ڪم جيڪو ڪرڻ سان نه ٿيندو
نڪو جيءَ جيئري مرڻ سان نه ٿيندو!
اُجهامڻ ٻرڻ جي ته ابجد آ اونڌي،
نڪو ڪو ٻڏڻ ۾ ترڻ سان به ٿيندو
اِهو نه جي نگريءَ ۾ بي نام بابو،
ڪٽي خيال ڪاتي خلاء ڪي چلڻ آ،
وصل ڪي جو ويڙهي وِڇوڙو وڃايئون،
تڏهن ياد آيم ته هي به ملڻ آ!
■

آئون فجر ويلي ايندس!

منهنجي ماءُ چيٽيو هو مون کي،
ٻلي وانگي مون ٻوڪا ريو
مون تي گهوڙيءَ هو ڦونگاريو
منهنجو ناڙو ترت وڍيو ويو
مون کي مون مان ٻاهر ڪڍيو ويو
آئون اڱڻ ۾ ڪيڏيس ويٺي،
منهنجي ماءُ ولوڙو ڪيو پئي،
منهنجي ٻاءُ الاٽي ڇو تہ!
ياد ٻڪي جو ڪوڙو ڪيو پئي.
منهنجو جسم جوانيءَ ڏانهن هو
مون کي ڇورين ڇاٽيو ويٺي،
منهنجا گيت جڏهن ها هٽڪيا،
واقف ڪنهن واڪاٽيو ويٺي.
منهنجو پيءُ هليو ويو مون ڪان!
منهنجو جيءُ هليو ويو مون ڪان!
منهنجي سائيڪل تنها تنها،
بسڪوٽن جون برنيون خالي،
نم جي وڻ کي پاڪر پائي،
راڇن وانگي مون نہ رنو هوا
مون وٽ هڪڙي خاموشي هئي،
جيڪا مون سان گڏجي بيٺي،
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾،

ماٺھو ڪجھہ نہ سکندو آهي،
مون بہ هوا ۾ پنڌ ڪيا پئي،
وڻ وڻ سان گفتار ڪئي مون،
دور ڏڙن کي ديداريو مون،
ٻارو چي کي ٻاڪاريو مون،
نيٺ هجومن پاڻ پسايو
مون کي ماٺهن شهر رسايو
ڏيل ڏڪڻ تي مور مڙي پيو
مون مان هڪڙو ڳل ٽڙي پيو!
منهنجي ماءُ مري وئي آخر،
جيڪا جلدي آئي واپس،
آخر ۾ آ چيزل آيو
جيڪو مون کان آهي سوايو!
منهنجي معنيٰ منهنجو لهجو
هن آ مون کان اڳتي ڳايو
لايو ٽيندو نيٺ سجايو
هاءِ هجومن منجھہ اڪيلو!
تنهائيءَ جو پنهنجو ميلو
وڻ تي ڪانگ نہ وينا هوندا،
نيٺ وڇينءَ جو ٽيندو ويلو
هر ڪنهن جو هٿ خير هجي،
آئون سچ لٺي جو ويندس،
مون سان گڏ هزارين هوندا،
آئون پوءِ بہ اڪيلو ويندس!
■

ڪتابن جون ڳالهيون!

اڃين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين،
وڇڙي وڃي پوءِ وٽن ۾ ڦُٽاسين،
ڪنارا بہ ڪيئي ندين جا ڏٺاسين،
گهٽا مينهن ٻنجي پٽن تي وٺاسين،
اڃين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين،
تمنا جي آڱر نہ پڪڙي سگهياسين،
سڄين ڪي اکين سان نہ جڪڙي سگهياسين،
رڳو گنبذن تان نهاري سگهياسين،
رڳو ڏاڪڻين تي چڙهياسين لٿاسين،
اڃين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين!
هوا گهر اسانجو ٻهاري ڪٽي وئي،
رڳو بس وحشت سهاروُ تي ويٺي،
نديءَ ڪي دلي ۾ وجهي ڪو ڪٽي ويو
اڪيلائي پنهنجو ڪنارو تي ويٺي،
صفا سڄ ۾ پٽي چوليون ڇلياسين،
اڃين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين!
ڪتابن جون ڳالهيون ڪتابن ۾ آهن،
مگر موسمون تہ گلابن ۾ آهن،
سوالن نہ ساهي کٽڻ ڪا ڏني،
جوانيون تہ جملن جوابن ۾ آهن،
سوال جواب نہ سمجهي سگهياسين
اڃين بس ملياسين جو وڇڙي وياسين،
■

جاڳ جي نِصاب ۾!

جاڳ جي نِصاب ۾
سِٽ سِٽ باب ۾
تون لکيل پرين،
رات جو ٻين وڳي،
دريءَ دريءَ منجهان لڳي،
تنهنجي سار جِي هوا،
تنهنجي پار جي هوا،
روشنيون ۽ رونقون،
ڊرڪنديون ٿيون رهن،
۽ اُنڌيري جون نديُون،
هرِ فِليٽ ۾ وَهَن!.
ننڊ جون چريون پريون،
ٿيون اکين ۾ لهن!.
مان بہ بالڪني چڙهي،
ننڊ ۾ توکي سڏي،
ٿو اکيون اُجهايان،
پاڻ ٿو وِساريان،
رات جوٽين وڳي،
ننڊ جي ڪِتاب ۾
هر صفحي جي خواب ۾
تون لکيل پرين.
■

جيون پنهنجو رستو موڙيو!

ڪوپ ڪري پيو هٽ مان،
محمد شاهہ مري ويو.
گرم جسم ويو ماٺو ٿي،
صفا سُڪي ويو پاٺو ٿي،
نبضن ۾ ويو خون ڄمي،
هڪڙو شخص ٺري ويو.
مُني صديءَ مٿو ڪوڙيو
جيون پنهنجو رستو موڙيو
آيو پٽي جو ساهہ پساهہ،
واپس ڄڻ تہ وري ويو
ڳوٺ مشائخ منجهہ مرڻ،
۽ پيو ڪجهہ بہ ڪين ڪرڻ،
عزرائيل جي آمد ٿيندي،
پُرزو پاڻ ڪري ويو.
حسن هر ڪنهن هلڻو آهي،
ڪنهن جو گهوڙو جهلڻو آهي،
موت حياتي هر ملڻو آهي،
وار وٺيءَ تان ٺري ويو
پُرزو خاص ڪري ويو.
■



مشائخ ۾ محمد شاهہ جي مرتئي تي لکيل نظم!

ڪائنات ڪيڏي وڏي آ!

جا اسان سيني سڏي آ،
سا تہ چڻ ڪا آرزو آ،
سا تہ چڻ ڪائي اڏي آ.
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

رات پوئين پهر ۾
هن ڪاري قهر ۾
جندڙي ڪمزور آهي،
جندڙي هيڪل جڏي آ.
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

جنهن بہ ديس ۾ وياسين،
جنهن بہ ويس ۾ وياسين،
ٿهڪ تنهنجا ئي ٻڌاسين،
گفتگو تنهنجي گڏي آ.
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

چنڊ تارن جي خدائي،
هيءَ ملڻ جهڙي جدائي،
جيترو ويجها ٿياسين،
اوتري پرتي ڇڏي آ.
ڪائنات ڪيڏي وڏي آ.

■

ننڊ جهڙي چوڪري!

ننڊ جهڙي نينگري،
ٿي اچي مون ۾ لهي،
ڳاڙهه تنهنجي ڳَهر جِي،
تون سمندر جي سَڪِي،
تنهنجي انگن ۾ ارڏائي،
چڻ ته سونهري مڇي.
لوڇ اندر لَهر جي،
چڻ ته صحرا ۾ گلاب،
زندگيءَ جي سُڄ ۾،
عرب جي خِيمي جيان،
شام تنهنجي شهر جي،
دير تائين تون دريءَ تي،
ننڊ شيشي جي مَٿان،
مينهن وانگي ٿي وسين،
مُرڪ تنهنجي مَهر جي.
روز رات جو جانان،
تو جڏهن هيڪل ٿيان،
ياد لوڏيندي رهي ٿي،
پِينگهه پوئين پهر جِي.

■

رُوح منهنجي ۾ رهين ٿي!

تون نہ ڄاڻان ٿي لڳين جوڳڻ جيان،
هو سنڌ يُونيورسٽي،
روز تنهنجو گهر ڏسان،
دور جُهولي مان سدائين،
ڏُنڌ جَهڙو در ڏسان،
ٿو جڏهن گهنٽي وڄايان،
ڦُوڪ ڏئي نڪري اچين ٿي ڦڻ جيان.
مان پهاڙن تي پري،
تون وٽن کي ويجهڙي،
پوءِ بہ تون ناهين پري!
مون اکيان آهين ٿڙي،
رُوح منهنجي ۾ رهين ٿي،
اصيل جي مٽي ۾ مڻ جيان.
■



الوداعي رسم!

مون هن کي آخري ڀيرو ڏٺو
هوءَ ٽِماڙ بلڊنگ جي ٻاجي ۾ بيٺل هئي،
هن نہ هٿ لوڏيو
نہ ڪائي الوداعي رسم ادا ڪئي،

هوءَ نہ رُنِي نہ کِلي،
هوءَ بس ويٺي رهي،
مون سمجهيو تہ وڇڙي وڃڻ جو ڏک،
هن کي ميڻ بتي جيان ٻاري ڳاري ڇڏيندو
يا هوءَ ڪنهن گمنام ستاري جيان ڪِرڻ پوندي،
يا پيلي پن وانگي ڇڻي پوندي،
مگر هوءَ چُپ چاپ ويٺي رهي!
هوءَ آسمان تائين رڙ بہ ڪري سگهي ٿي،
منهنجي سيني ۾،
ڪنهن گولي وانگي لڳي بہ سگهي ٿي.
ڪنوڻ وانگي مون تي ڪري بہ سگهي ٿي.
مگر هوءَ چپ چاپ ويٺي رهي،
مون مرڪڻ چاهيو
منهنجي مرڪ اڏوا ڏ تي پيئي!
مون روئڻ چاهيو
تہ اوچنگار منهنجي ڇهري ۾ ٽنگجي پيئي!
۽ منهنجي پيرن هيٺان،
جدائين جو جنڊ اٿلي پيو.
واپسي ۾ مون محسوس ڪيو تہ،
منهنجا پير منهنجي سيني ۾ لٽل آهن.
۽ ڪجھ تائيم،
آئون پنهنجي ساهہ جي ڳلي لتاڙيندو
هن کان دور ٿي ويس.
■

هل تہ دوزخ ۾ هلئون!

منهنجي من مان پيار جا،
گرم چشما ٽا ڦٽن!
هيل ڪيڏي ٿڌ آهي،
۽ اڳي ڪان وڌ آهي!
پاري پوڻ ڪانپوءِ بہ،

منهنجي من ۾ پيار جا
گرمِ چشما ٿا ڦُٽن.
سرد ملڪن جي پکين جهڙي،
حسين ڇوڪري،
منهنجون ڏهه ٿي آڱريون،
ميڻ بتين وانگر ٻرن!
پوءِ به تنهنجي روح جون،
سڀ ڳليون سنسان ڇو.
موت وانگي پيون ٺرن.
تنهنجي بدن سان جا به آهي،
منهنجي هٿن جي گفتگو،
سا سموري آڳ آهي،
پوءِ ڇو چپ چاپ آهين؟
هيل ڪوئي گيت ناهين،
۽ نه ڪو آلاپ آهين،
۽ انهيءَ کان اڳ جو
تون سيئي خنقيون کُلين.
برف جي ڪنهن مجسمي وانگي،
وڃين گهر ۾ ڄمي،
هل ته دوزخ ۾ هلون،
هل ته دوزخ ۾ هلون.
■

گِرين اِسپاٽ هوٽل!

گِرين* اِسپاٽ هوٽل،
محبُوبا جي پاڪر وانگي،
جنهن ۾ اسانجي ساهہ جا اڌندڙ ڏاڳا،
ايترا سوڙها ٿيندا پيا وڃن،
جڻ وليُون پاڻ ۾
وِچڙنديُون ٿيون وڃن!
۽ اسين سڀ هيڪلا ڇوڪرا،
پنهنجي پنهنجي پيار جي،
قِصن ڪهاڻين ۾
چانهہ جي هر ڪوپ ۾
چپُ ٻوڙڻ کان اڳي،
ڪيترا پيرا،
پنهنجو پاڻ ٻوڙڻ جي،
تمنا ٿا ڪريون!
درد جيڪو
روز ٿو ڦوڪڻون اسان کي ڏئي،
اُجهاڻ ٿو گهري،
۽ اسين ٽيبلن جي مٿان،
وِکرندا ٿا رهون،
محبوبا جي پاڪر ۾
پنهنجو پاڻ کان وسرندا ٿا رهون.

■

---

* هي هوٽل حيدرآباد جي تلڪ چاڙهيءَ جي هيٺان هوندي هئي، جتي ڪنهن دؤر ۾ نؤجوانڙا ويهي پنهنجا فراق ڦلهوريندا هُئا، هاڻي هوٽل ناهي رهي!

روز ٿو ڦا

روز ٿي ڏانو
روز ٿو ڦاسي
ٻانهن تنهنجي
لچڪندڙ ٽاري
روز لالائي لنوان،
روز ٿو ڦاسي پوان!
روز تنهنجو روپ نئون آ،
روز مون کي ٿا لڳن،
نينهن تنهنجا ڇڳ نوان،
روز ٿو ڦاسي پوان!
سمنڊ ٿو مون کي سڏي،
مان هليو ويندس هتان،
روز ٿو سوچي چوان،
روز ٿو ڦاسي پوان!!
■

ڳلن تي ڳوڙها جوڙن جا!

تون وري نئين رُت سَندو
نئون نام بنجي ٿو اچين،
جو ستل اکڙين ۾ مستي موج آڻي،
۽ ڪجل جهڙين ڪنوارين راتين ۾،
ڏئي اسانکي اڻ ميا ڪيئي خُمار،
۽ نيڻن مان اسانجي ننڊ چاڻي،
جو اسانجو هوش ۽ مدهوشي چاڻي،
تون اهوئي جام بنجي ٿو اچين،
نئين رُت سندو
نئون نام بنجي ٿو اچين.
تون اسانجي يادگيرين جي ڪتاب ۾
ڪجھ صفحن تي،
پيار جي وچڙي وڇڻ جهڙو لکيل آهين،
ڪالهہ بہ ڪيئي اسان مان،
جبل تان رڙجيان،
هيٺ لهندا ٿي ويا،
۽ وٽن ۾
درد جا پاڇا بنجي پيا ڊهي،
۽ تنهنجي سخت زخمي سج تان،
سڏ ۾ سڏ ڏيندا،
ڳلن تي جوڙا ڳوڙهن جا سجائي،
هيٺ اونهائين ۾ ڍرڪي ويا.

ٻہ اڪيلي ٻار جي مارجڻ جهڙا،
اسانجا ڏک،
دل جي پينگهہ توڙي،
ٻہ منهن ڀر ڪلهہ پيا ڪري،
تنهنجي صحن جا سُريلا سُر سيئي،
نڙي ۾ نوڙي وجهي گهُٽيا ويا،
تنهنجي ڏينهن جو سمورو رقص جو
وچ رستي تي هيو ماريو ويو
ٻہ ٻنپهرن جي ڪليل ڇاتيءَ مٿان
وٽن جا ڏار ڪيرائي،
وچين ويلي واپسي جا،
سڀ رستا روڪيا ويا،
پوءِ بہ اسين،
تنهنجي سار،
ٻہ يار جي يادگيري جو رڪندي پيرم،
اُلجهندي اُلجهندي بہ،
سُلجهائيندا ٿا وتُون،
سِتمر خاني جا رستا،
شام جي هر ڪا دري،
تي لِکي ليٽا اسان ڏي اڄ اماڻي،
ٻہ سانجهہ جي بالڪني مان،
اسانجي موهہ جا مَنظر اُهي،
جن بہ ڏٺا،
سي اسانجي عشق تي ٿي پيا فدا،
ڇو تہ اسين پنهنجي پيار جو انجام رکون ٿا،
عشق توسان عشق سرعام رکون ٿا.
■



تصور!

مون چيو تہ تون ناهين،
تو جهڙي نظر ناهيان.
اوچتو تصور ۾
تو چيو قلم کي رک،
مان اچي وئي آهيان.
■

شاعريءَ جي ديس ۾!

زندگي جي ساز تي،
موت جي گنڀير ڌن،
سڀ سڻندا ٿا رهن،
۽ ازل کاني منجهان،
موهه ۽ ماٽا مڙيئي،
درد جا پيالا پکي،
چاهه چڻندا ٿا رهن،
شاعري جي ديس ۾،
وارتا جي ويس ۾،
سارجا ساوا پکي،
عِشق اڏندا ٿا رهن.
■

تُنهنجي ڳليءَ!

هي ڳلِي
ڪنهن پيرسن جي عمر جيڏي ڊگهي،
ڪنهن سنياسيءَ جي يوگ جيڏي،
زندگيءَ ۾ عاشقي جيڏي وڏي،
هيءَ ڳلي!
هيءَ ڳلي!
منهنجي من ۾ سدائين،
ڪنهن سنهي تار جيئن،
وڄندي رهي آهي،
ڪنهن نظم جي سِٽ وانگي،
ڪنهن چتر ڪنهن چٽ وانگي،
مون کي سدائين ٿي لڳي،
هي ڳلِي،
۽ ڪنهن ستاري جي،
پري کان ڏيک وانگي،
منهنجي اک ۾ پوري لهي ٿي،
هي ڳلِي!
تنهنجي ڳلِي!
■

ننڍا ڪڙي سڪي!

ننڍا ڪڙي سڪي،
پيرُ پيرُ ۾ ڏئي،
پئي هلي رکي رکي،
اڳڻ مٿان اباڻڪو،
چنڊ ڀِرڪندو وڃي،
ڏور ماٺ جون گهٽيون،

سُڄ ۾ پيون ٽرن،
نم جي وڻ منجهان،
هيڪلائي جي هوا،
پئي لڳي رکي رکي!.
ننڊا ڪڙي سکي،
ڦول جي هيا ڳُتيل،
وار وار ۾ سٽل،
پنکڙيون پنکڙيون،
ٽي ويا اڱڻ ۾ اڏامندا،
پُور پُور ۾ پريل،
انتظار جا نشا،
بيقرار رات جي،
آخري پهر ۾،
لڙڪ لڙڪ ٿي ويا،
ماڪ جو ٽيو سمو
هو نہ بيوفا وريو!
۽ ننڊ جي پاڪرن،
آخر اچي ہکي،
ننڊا ڪڙي سکي!
۽ انتظار جي سرهاڻ،
اڱڻ مان چنڊ جيئن وئي اُلهي،
۽ پير جي چير ہہ،
نيٺ هئي سمهي پئي!
نيٺ هئي سمهي پئي!
■

شانتي نڪيتن جي هڪ شام!

شام جو شانتي نڪيتن ڇپ،
ڇڻ تہ ٽئگور گهري سوچ ۾،
روڊ تي سائيڪل سوار ڇوڪري،
هر گهڙي گهنٽي وڄائي،
سهڪندي پوءِ ٻيءِ مسلسل ٽي ڪلي،
هوءَ ڪلي ٽي،
ها مگر هن جون اکيون،
ٻار وانگي صرف مرڪڻ ٽيون لڳن،
ريل تائين هن جو رستو ٿيو ختم،
الوداع ڪانپوءِ جي ساري سفر،
ڪلڪتي ڪي سنڌ ۾ آٽي وڌو
بانورو بنگالي بابو چُپ آ،
پر سندس هيءَ شاعري،
شانتي نڪيتن جي هڪ شام!

■



ڪير بہ رستن کي ويڙهي نہ سگهيو!

هو اڄ واپس اچي رهيو آهي،
چانڊني سمنڊ جي ڇولين ۾ اٿلي پيئي،
۽ جهوني جبل جي پاڙ ۾،
مٿل گاهہ جي مُٿ،
پيهر ساهہ کڻي رهي آهي،

[257]

هو سوال جي نشاني جيان،
هر قطار جي آخر ۾ بيٺو رهيو.
پهرين پهرين هن کان جواني واپس ورتي وئي،
مگر عورت جي شبيهه هن وٽ سانديل رهي!
هن کي وچ رستي تي لٽيو ويو.
مگر ڏرتي کيڙڻ جو هنر هن وٽ محفوظ رهيو!
هن ستارا ڏٺا تہ سندس اکيون ڪڍيون ويون،
هُن گلاب پوکيو تہ سندس هٿ وڍيا ويا،
۽ پوءِ بہ هن جڏهن پنڌ ڪيو تہ،
ڪير بہ رستن کي ويڙهي نہ سگهيو!
۽ هن جڏهن سوچڻ شروع ڪيو تہ،
ڪير بہ اوندهہ ۾ هن جو پيڇو نہ ڪري سگهيو!
هن جي جسم ۾ تلوار،
۽ تلوار جي رهڻ جي جاءِ ڳولي لڌي وئي،
هن جي شراب ۾،
زهر ملائڻ کي ممڪن بنايو ويو!
۽ هن جي گهر کي،
قبر کان بہ اونهون کوٽيو ويو.
آخري دفعو،
هو جڏهن آسمان ڏانهن اڏاڻو هو تہ سيني،
هن جي پاڇي تي حملو ڪيو هو.
■

هن عشق جي عجائب گهر ۾!

ايڏا پراڻا آهيون،
جيڏي هوا پراڻي،
نئين سر وري جميا سون،
ڪنهن ساڻ پيار خاطر!

[259]

هر ڪنهن جي گهر ۾ آهي،
قسمت سندو ستارو
دنيا رُليا پليا سين،
دلدار يار خاطر!
اڪروٽ جي وٽن مان،
ڪارڪ پٽي نہ سگهبي،
پٽ تي ڪريل بازي،
اُپ مان جهٽي نہ سگهبي،
پر عشق آهي اُلٽو اُبتا ٿو ورڻ لڳائي،
ورڻ ٽڙ لڳي ٽڙي پيا،
ڪنهن ڪوهسار خاطر!
زلفن زنجيرون ٿاهي،
سوگهو ڪيو صدين کان،
تنهنجا پئي پڇيا سين،
نالا ڍنڍن ندين کان،
هي وهڪرن وڏن کان،
چولين کان ڪيئن ڇڏايون،
مسحور ماٺ ٿيا سين،
هر وار وار خاطر!
دُنيا تہ حسن آهي سچ چنڊ جي نقالي،
دُنيا تہ ڏوڙ آهي پر پيار آهي پالي،
هن عشق جي عجائب گهر ۾،
وڃي رکيا سون،
هن نينهن نيٹ نانگو ڪيو نار خاطر!
■

اُها عورت اُها ناهي!

اُها عورت اُها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
نگاهون نار جون ناسي،
وئين تون جنهن اندر ڦاسي،
اکين کي ٿو اکيون اربين،
چپن لاءِ چپ چاهين ٿو
مصور ٿي حسينا جي،
پني تي شڪل ٺاهين ٿو.
ڪڏهن ڪارو ڪجل ليڪين،
ڪڏهن لالي لڳائين ٿو.
ڪرين ٿو پيار خود سان ٿي،

لڳيئي توبئي کي پانيئن تي.
اُها هڪ آرزو آهي،
ازل کان جا اڌوري آ،
اُها عورت اُها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
سيئي ساحل پني آئين،
اُگهاڙيون عورتون تڪيئي،
گهڻين جي دل ڇني آئين،
مگر هن سندريءَ جي سڪ،
هنيو توکي درد آ چڪ،
ٽُٽينءَ ڪنهن تار وانگي تون،
وهاڻن تي وڇوڙي جو
مٿو ٽيڪي پيو آهين،
پتين سان پيو ڪرين پڙڪا،
هيڏانهن هوڏانهن ٿيو آهين.
چوين پيو هوءَ هتي ناهي،
اُها عورت اُها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
پلي وجهه چڪ چائنٽ ۾،
دريون در پور پيو ڪر تون،
رُلي وڃ راج پنهنجي ۾،
وري پر گهور پيو ڪر تون،
ڪڏهن مل هڪ حسينا سان،
ڪڏهن مل ٻي حسينا سان،
ڪڏهن مل ٽانيءَ سان تون،

ڪڏهن مل تون شڪيلا سان،
مگر سڀ ڳالهه ساڳي آ،
اُها عورت اُها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
وڇوڙو وڏ وجهندو آ،
جدائي جهير ڏيندي آ،
سمورو پيار پاڳل پڻ،
چريائي چير ڏيندي آ،
ڪٿي تنهنجا نوان ڪپڙا،
ڪٿي سڀ ڪوٽ ۽ ٽايون،
سچو آهين پُريو پيو تون،
وري توکي ڪٿان ناهيون،
عجب آ عورتن جو پيي،
مٿا سڀ مرد مارن ٿيون،
وڃائين ٿيون وجودن کان،
وڏي ڪا باهه ٻارن ٿيون،
حسن تنهنجيِ اها دلڙي،
صفا ننڍڙي هئي ٻلڙي،
ڪپي وئي ڪاڄ ٿي ويئي،
ڪوئن جو ڪاڄ ٿي ويئي،
صفا اُبتي وهي جدول،
هتان ڪان هاڻ جلدي هل،
اُها عورت اُها ناهي،
اُها جا تو هئي سمجهي!
■

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي!

ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
فردن جا اڄ درد هزارين،
هڪبئي سان گڏ، گڏجن پيا،
ڌرتي ڦاٽي ڌوڙ اُڏاڻي،

[264]

ڪير هوا ۾ سڏجن پيا؟
ڳوڙهن ڳنڍ چڏي جن ڏيئي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
ساهه سسيءَ مان نڪتو يا نه،
چُپ چوي پئي اچڻا آهن،
رت جي ليڪ لڪل جي پرسان،
بيٺا آهن بچڻا آهن،
ڳوڙهن ڳالهه آ ڪيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
موتيا ناهن جيڪي ماڻهو،
پنهنجي گهر ۾ گهاٽ وٺان،
واپس ناهن ٿيڻا جيڪي،
وقت وصل ۾ واٽ وٺان،
پڙڪيل آڳ اڳيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
ماڻهو جيڪي پنهنجي من جي،
مٽيءَ ۾ مدفون ٿيا،
جاڳ به جن جي جيئري ناهي،
خواب به جن جا خون ٿيا،
پريت قندي ۾ پيئي جن جي،
تن سان توکي هلڻو پوندو!
ننڊ قتل ٿي ويئي جن جي!
■

عشق حقيقت درد گلابي !

عشق حقيقت درد گلابي،
هاءِ هجر تي هر هر پانيان.
حق حڪومت نينهن نوابي،
شمس قمر تي هر هر پانيان.
عشق حقيقت درد گلابي،
پل ۾ پيچ پيو جو ڪن ۾
ملڪ ڏٺو مون پنهنجي من ۾

ويڙهيچن سان گڏ وطن ۾،
نيڻ ۾ نقشا عين ترابي،
شاخ شجر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي !
بن ۾ تي بازاري آيا،
وجد منجهان واپاري آيا،
آزي ۾ نيزاري آيا،
ساٿ سوالي جام جوابي،
سُج سفر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي!
طعام طلب ۾ آب نہ آچن،
ڪاڳر ڪوئي ڪتاب نہ آچن،
تجلو ڪوئي تاب نہ آچن،
شرڪت شيشو شوق شرابي،
ڪيئي قصر تي هر هر پانيان!
عشق حقيقت درد گلابي!
بندر تي جي لهندا آهن،
ڪوهہ ۾ سي ئي ڪهندا آهن،
نيڪ حسن تي ٿهندا آهن،
شرم حيا ۾ حُسن حجابي،
ناز نظر تي هر هر پانيان،
عشق حقيقت درد گلابي!
■

عبادت عشق ئي آهي!

ٻکي ٿو ٻُور ٻيرن کي،
وڻن کي تون ٻه ڀاڪر وجهه،
چُميون ڀاڪر حياتي آ،
اهائي زندگي آهي.
حسن! محبوب ماڻهن جي،
سدائين يار ڪر سيوا،
عبادت عشق ئي آهي،
اهائي بندگي آهي.
■

چئو تہ تنهنجي چور کي سو گهو ڪريان!

روح کي هن روڳ جو رنبو هنيو
تنهن خيالن کي لڳي ويل ڪاٽ جو،
تون اڃان تائين پيو پيرو ڪٽين،
وڻن تي ويٺل پکين جي واٽ ۾
اُس جي آهوڙ ساري ٿي ختم،
سج لٿي جو سرنگون سورج مکي،
او ورهاڱي ڪان وڃايل واهرو
ٽڪ کي آخر ٽميندين ڪيترو
عشق جي گهوڙي سواري گهُر ڪٽي،
مان جتي اوڏاهين اڳتي چُر ڪٽي،
آئون جيڪو ڪنهن سگهڙ جي سٽ جي،
سوجهري ۾ تو ڪريان سوگهيون گهڙيون،
چئو تہ تو لاءِ واٽ هيءَ ويڙهي اڃان،
سڀ رستا تو اڳيان ريڙهي اڃان،
آئون جيڪو هن انڌيري ۾ اُتي،
روز تو تارن مٿان ڪارا وڃهان،
چئو تہ تنهنجي چور کي سوگهو ڪريان.
■

تالِهي!

چانوَ ڇپر آ تنهنجي والي،
وڻ تہ وسيلو تنهنجي تالهي
باغ بہ تنهنجو تنهنجي خوشبو
تون ئي گل ۽ تون ئي مالهي
درس حسن هڪ پن جيان آ،
ڇڪ ڏيڻ سان پنجي پوندو
توئي محبت من ۾ پوکي،
پاڻ ئي پريت آ پنهنجي پالي!
■

نِم!

نم جي وڻ کي ناچ نچائي،
رنگ رهاڻيون، روح رچائي،
من ۾ محفل مچ مچائي،
مست قلندر ڇير وڄائي،
مدنيءَ کي تي دُنيا ڳائي،
درس حسن کي ڪٽو ڏجان تون،
فقرائن کي گهٽو ڏجان تون،
هاءِ حسن پيو هڏ وڄائي،
تند تپائي تن کي تٽجان تون!

■

چمپا!

چئو مان تولاءِ چمپا ٻڻجان،
منهنجا گل پڌر مان ڪڻجان.
مسرورن سان پيار ڪبو آ،
ور ور ڏئي پيو مون کي وڻجان.
منهنجي ٻولي، جهولي آهي،
ڳالهہ انهيءَ کي ڳوٺ ۾ ڳڻجان.
شاهہ پنجي ۾ شاعر آيو
قول نڇاور ڇم ڇم ڇڻجان.

■

آئون فقير پنڻ جو پيالو!

پهرين پهرين پاڻ آ هوندو
آخر ۾ پڻ ايندو آهي،
آئون فقير پنڻ جو پيالو
ڏيهہ سڄي هُو ڏيندو آهي.
هر ڪو پيٽ منجهان ٿي پڌرو
دلبر ٿو ديدار ڪرائي،
هر ڪو هر ڏئي ڪيڙي،
ڪائي واپس ويندو آهي.
آئون اڇان ٿو ڇيريون پائي،
جهمريون هٽندي ڳائي وڄائي،
ناز منجهاران نڪري ناظر،
نئين پاسي ڏي نيندو آهي.
ٻڙجي هيڻان عشق ازل ڪان،
بيٺو آهي ويٺو آهي،
درس حسن آ ڪمتر ڪوجهو
هي ڇا آخر ٿيندو آهي.
■

وري هن عشق مون کي آ!

ٻريس پٽي ٻاٽ ٻر ٻر ٻر،
اُجهايو عورتن مون کي،
وري هن عشق مون کي آ،
دکايو دوڳ منهنجي مان!
کيم پٽي من اندر ماتم،
نہ ڪوئي ڪم، رڳو غم غم،
ڪري سينگار سهٽي جيئن،
سنواريو سوڳ منهنجي مان!
■

ادب سان چوڪريون گهُرجان!

ادب سان چوڪريون گهرجان،
غضب سان چوڪريون گهرجان،
نظر سان چوڪريون گهرجان،
پلر ڪان چوڪريون گهرجان،
ولر ڪان چوڪريون گهرجان،
گُلن ڪان چوڪريون گهرجان،
ولين ڪان چوڪريون گهرجان،
ڳلين ڪان چوڪريون گهرجان،

پکين کان چوڪريون گهرجان،
تتر کان چوڪريون گهرجان،
پتر کان چوڪريون گهرجان،
بندي کان چوڪريون گهرجان،
خُدا کان چوڪريون گهرجان،
دريءَ مان چوڪريون ڏسجان،
ڪپر تي چوڪريون ڏسجان،
گهٽيءَ ۾ چوڪريون ڏسجان،
چمر ۾ چوڪريون ڏسجان،
سفر ۾ چوڪريون ڏسجان،
نچن تيون چوڪريون ڏسجان،
اچن تيون چوڪريون ڏسجان،
وڃن تيون چوڪريون ڏسجان،
ٻڪن تيون چوڪريون ڏسجان،
ٻيهن تيون چوڪريون ڏسجان،
ويهن تيون چوڪريون ڏسجان،
لڪن تيون چوڪريون ڏسجان،
پڙهن تيون چوڪريون ڏسجان،
تڙن تيون چوڪريون ڏسجان،
ٽڙن تيون چوڪريون ڏسجان،
مُڙن تيون چوڪريون ڏسجان،
وڙهن تيون چوڪريون ڏسجان،
ڏنين تيون چوڪريون ڏسجان،

كلن تيون چوڪريون ڏسجان،
ملن تيون چوڪريون ڏسجان،
ٿلن تيون چوڪريون ڏسجان،
سبن تيون چوڪريون ڏسجان،
چنن تيون چوڪريون ڏسجان،
ڏين تيون چوڪريون ڏسجان،
پرن تيون چوڪريون ڏسجان،
هجن تيون چوڪريون ڏسجان،
ٿين تيون چوڪريون ڏسجان،
مرن تيون چوڪريون ڏسجان،
جيئن تيون چوڪريون ڏسجان،
ڏسن تيون چوڪريون ڏسجان
هوائون چوڪريون آهن،
گهٽائون چوڪريون آهن،
فضائون چوڪريون آهن،
نگاهون چوڪريون آهن،
ادائون چوڪريون آهن،
صدائون چوڪريون آهن،
ڪٿائون چوڪريون آهن،
سزائون چوڪريون آهن،
جزائون چوڪريون آهن،
اجان ڪيئن چوڪريون آهن!
■

چانڊيوڪين جا چورا!



رُنا مڙئي مور،
ڪالهہ بہ ڪارونجهر ڏي.
اونداهين ۾ اُسري آيا، چانڊوڪين جا چور،
ڇرڪي پيو ڇاڇرو، ڇرڪي پئي ڇور،
توڙي تڪرا ڏهہ ڪيائون ڏالون ڇالون پور،
اڄ بہ منهنجي آزاديءَ تي دنيا تنهنجا زور،
اڄ بہ تنهنجي اک آ اُگري مٿان ڪينجهر ڪور،
ڪالهہ بہ ڪارونجهر ڏي.
■

نگري نيٽ نچي وئي!

قاسيءَ جي جھولي ۾
هن ڪي ننڊ اچي وئي.
شوخ هوا جي شُوڪارن ۾،
ڪنھن تہ مروڙيو گل ڳچيءَ جو
خوشبو ڪا تہ رچي وئي.
اُس سمورا ڦِٽا ڪيا،
سجُ قتل ٿي ويو سنڌوءَ تي،
ڪاريٰ رات بچي وئي.
موسم پنھنجو ماٽو ماٽيو
هن بہ ڪائي معنيٰ پاتي،
نگري نيٽ نچي وئي.
■

ڪورٽ سان ڪر ڪچهري!

هن مُلڪ جي رندين کي،
بدنام ڪين ڪر تون.
ڪو حال هاڻ ڪونهي،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري.
ڪورٽ صفا آ سَستي،
هڪ رات لاءِ سهي پر،
وٺ پاڻ وٽ گهرائي،
ڪورٽ جا جام پيئندي،
بدنام عام پيئندي،
تنهنجي اڳيان پئي نچندي،
مدهوش ٿي پئي ٽڙندي،
بدمستي ۾ تورو وڙهندي،
توسان سمهي جو پوندي،
پوءِ ڪو نه ڪجهه به چوندي،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري.
ڪورٽ صفا آ سَستي.
منهنجي صحت لاءِ ظالم،
جو آهي اهو ضروري،
آهي ته صفا اهڙي،
سڏجي مگر سگوري،
پڙوو نه ڪوئي گهر جي،
ناهي ڪُنڻ ضروري،
خود پاڻ ڏر ڏيڃاڻي،



اُن سان ملڻ ضروري،
نمبر پتو نہ ڪوئي،
توکان لڪائيندو هي،
هر ڪو نئيو وڏو پيو
توکي بڌائيندو هي،
ڪردار ۾ بہ قاتل،
گفتار ۾ بہ گهري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،
ڪورٽ صفا آ سستي.
لاتل لبن تي لالي،
اک ۾ ڪجل جي ڪاني،
تي انگ الڳ وڪٽي،
ڀرپور هيءَ جواني،
قانون جنهن جا انگڙا،
آئين جنهنجو پسند،
ڇهندين تہ وهي هلندئي،
پاٽيءَ جيان پسينو
هن ملڪ جي رنڊين جو
ڪو حال هاڻ ڪونهي،
پنهنجي صحت لاءِ ظالم،
جو آهي اِهو ضروري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،
ڪورٽ صفا آ سستي!
ڇڪلن جي ڏاڪٽين تي،
حيرانگيون ڏسان ٿو

تهجد گذارن جي در تي،
حيرانگيون ڏسان ٿو
وئشيائن جي وطن ۾،
هيءَ جا نئين ساماڻي،
ڪوٺا اُجاڙ آهن،
پڙوا اُداس آهن،
پر توکي يار چاهي،
تنهنجو ته ڪم پيو هلندو
هن ساڻ دل لڳيءَ جي،
ڪوشش نه ڪا ڪجان تون،
هڪ رات جي ملڻ ڪي،
جيون نه سوچجان تون،
آهي اصل کان ظالم،
پنهنجي ته پرورش ۾،
پنهنجي نسل کان ظالم،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،
ڪورٽ صفا آ سَستي!
عاشق جا اصل اهڙا،
ڪنڌا ڪٽيو ڇڏي ٿي،
هر حڪمران جي آ،
سهٽي سدا سهاڳڻ،
آهي ته صفا اهڙي،
سڌجي مگر سگوري،
ڪورٽ سان ڪر ڪچهري،
ڪورٽ صفا آ سَستي!
■

گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون!

آدرشي انجام بہ آهي،
پنهنجي سونهن سيپيتا صورت،
اکڙيون ۾ آرام بہ آهي،
جيڪو آهي اهڙو سهڻو
تنهن، سنڌوءَ کي سپ ساراهيون،
گيت ڏٽيءَ جا گڏجي ڳايون،
منهنجو درد بہ تون درمان بہ تون،
منهنجو عشق بہ تون ارمان بہ تون،



منهنجي ٻاروتڻ جي مُرڪ بہ تون،
منهنجو سمنڊ بہ تون، منهنجي سُرڪ بہ تون،
منهنجو سوڻ ساٽ ۽ گيت بہ تون،
منهنجي رسم رواج ۽ ريت بہ تون،
منهنجو دوست تون دلدار بہ تون،
منهنجو من موهن ۽ ميت بہ تون،
منهنجي جذبن جو اظهار بہ تون،
منهنجو پيار بہ تون، منهنجي پريت بہ تون،
منهنجي ننڊ بہ تون، منهنجي جاڳ بہ تون،
منهنجي خوابن جي تعبير بہ تون،
منهنجو مک مهانڊو شڪل بہ تون،
منهنجي تاريخي تصوير بہ تون،
منهنجي ساوڪ ۽ سرسبزي تون،
منهنجو ڪوٽ برج تعمير بہ تون،
منهنجو لمحو لمحو ساعت بہ تون،
منهنجو روڳ بہ تون، منهنجي راحت بہ تون،
منهنجو فن فڪر فنون بہ تون،
منهنجو جوش جلال جنون بہ تون،
منهنجو ٿانءُ بہ تون منهنجو ٻُڪ بہ تون،
منهنجو دريا هڪڙو ڍُڪ بہ تون،
منهنجو قطرو قطرو جُز بہ تون،
منهنجي بوند بہ تون، منهنجو ڪُل بہ تون،
منهنجي مجبوري، منهنجي ماٽ بہ تون،
منهنجي ڪاوڙ غُصو هُل بہ تون،
منهنجو آئين ۽ اختيار بہ تون،

منهنجي وڏڙن جو دستور بہ تون،
منهنجو قلم، ڪتاب ۽ علم بہ تون،
منهنجي نظر بہ تون، منهنجو نور بہ تون،
منهنجو دولهہ، عنايت ۽ پٽو
منهنجو شعر بہ تون ۽ شعور بہ تون،
منهنجي لاءِ چمڻ جو چاهہ بہ تون،
منهنجو موتيو مُگرو ۽ چمپا،
منهنجو ٻير پيلو ٻور بہ تون،
منهنجا لفظ لکت ۽ مس بہ تون!
جيڪو جل ٿل چال وهي ٿو
عشق ايامن ڪان تہ اچي پيو
سهڪي صديون سال وهي ٿو
ڍيل جيان هو ٿِلندو ٿِلندو
ڪيڏي چنچل چال وهي ٿو
ڳڌ جيان هو ڊوڙي ڊوڙي،
چرڪي ڏيندو چال وهي ٿو
شينهن جيان گجگوڙ ڪندو
لاڪيٽو لچپال وهي ٿو
ڦهڻ پٽر ڪئين لتائيندو
موتي مالا مال وهي ٿو
تنهنجو منهنجو ماضي آهي،
حال ۽ استقبال وهي ٿو
مست قلندر اوجون موجون،
ڏڪ ڏڪ ڏُوڪ ڏمال وهي ٿو
سيوهڻ سائين سج جيان آ،

جڳ مڳ جاڳ جلال وهي ٿو
شاهه ڀٽائيءَ جي پاڻي تان،
جهرمر جوت جمال وهي ٿو
ڏيئا ليئا ڏيک ڏسان ٿو
موجن منجهه مشال وهي ٿو
پنهنجي تيغ ترار به آهي،
آڏو تي هوڏال وهي ٿو
ڪيڏا قرب ڪچهريون ڪندو
پورن لاءِ تي پال وهي ٿو
تنهن سنڌوءَ کي سپ ساراهيون،
گيت ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايون!
دنيا ۾ هي خاص به آهي،
۽ آدم لاءِ عام به آهي،
پنهنجو ننگ ناموس به آهي،
پنهنجي ذات ۽ نام به آهي،
پنهنجي پريت پراڻو قصو
پنهنجو هي پيغام به آهي،
ويرين تي هي وار به آهي،
دشمن جي لاءِ دام به آهي،
پنهنجو سارو ديس به آهي،
هڪڙو ننڍڙو ڳام به آهي،
ميخاني جو مچ به آهي،
چلڪي پوندڙ جام به آهي،
پاڻ ڪريون ٿا پوڄا جنهن جي،
پنهنجي لاءِ پرنام به آهي،

پنهنجو هي آغاز الستي،
پنهنجو هي انجام بہ آهي!
منهنجي گفتگو تون، منهنجو گس بہ تون،
منهنجي مُرلي، بين ۾ بوڙيندو،
منهنجو راڳ بہ تون منهنجو رس بہ تون،
منهنجي موسيقيءَ جو مام بہ تون،
منهنجو سُر، سرهاڻ ۾ چسُ بہ تون،
منهنجو لڪ جبل کان ڏيک بہ تون،
منهنجو ڪارونجهر ۾ ڪسُ بہ تون،
منهنجو رت بہ تون، منهنجو ست بہ تون،
منهنجي نبض بہ تون، منهنجي نس بہ تون،
منهنجو پني عاقل ۾ پهر بہ تون،
منهنجو ماتيلي وٽ مهر بہ تون،
منهنجو ڪوٽڙيءَ وٽ ڪڙڪاٽ بہ تون،
منهنجي شاهہ پنجي وٽ لهر بہ تون،
منهنجي ٻولي تون منهنجي چولي بہ تون،
منهنجي عيد بہ تون، منهنجي هولي بہ تون،
منهنجي ڪچي ۾ لس ليٽ بہ تون،
منهنجي ٻيٽاري ۾ ٻيٽ بہ تون،
منهنجو فصل بہ تون، منهنجو نسل بہ تون،
ڪنهنجي ڪتي تون، منهنجو چيٽ بہ تون،
منهنجي ڪيڙي تون، منهنجو ڪيٽ بہ تون،
منهنجي مستيءَ جو منشور بہ تون،
منهنجي روهڙي سکر زور بہ تون،
منهنجي سن مانجهند ۾ موج بہ تون،

منهنجو شاهہ بندر ۾ شور بہ تون،
منهنجو خفت ۽ اڙل وچيرو بہ تون،
منهنجي ڳوٺ مشائخ جو مور بہ تون،
منهنجو طوطو مينا، پاريهر،
منهنجو سيوهڻ بحري باز بہ تون،
منهنجو روحاني ڪوراز بہ تون،
منهنجو روحل، ردم، چيزل تون،
منهنجي ڪاشي، جنڊي ڪير بہ تون،
منهنجو ڪُڙم، قبيلو قوم بہ تون،
منهنجي ماکي، مکڻ، نير بہ تون،
منهنجو پٽ بہ تون منهنجو پيءُ بہ تون،
منهنجي واهر بہ تون، منهنجو وير بہ تون،
منهنجو تخت بہ تون، منهنجو بخت بہ تون،
منهنجو مرشد منهنجو پير بہ تون،
منهنجي چڪ تانگهہ ۽ تنئوس بہ تون،
منهنجي سڪ جو سوز سفير بہ تون،
منهنجي عشق جو اڳ امام بہ تون،
منهنجو حاڪم ۽ امير بہ تون،
منهنجو ذلفي بينظير بہ تون،
منهنجو ”حسن درس فقير“ بہ تون،
جُڳ جُڳ اهڙو جاني آهين،
لاشڪ تون لاثاني آهين،
تنهن سنڌو کي سپ ساراهيون،
گيت ڏٺيءَ جا گڏجي ڳايون.
■

علي قاضي جي سڏ تي 2009ع ۾ درياهہ ڊي تي لکيل!

ڪيڏارڻ!

منهنجي قدمن جا خاموش آواز
جيڪي صرف تون ٻڌي سگهين ٿي،
جڏهن ٻڌين،
منهنجي بدن جو اڻ ڏٺو پاڇو
جيڪو صرف تون ڏسي سگهين ٿي،
جڏهن ڏسين،
منهنجي گهر جي پرسان جڏهن لنگهين،
جيڪو تنهنجي وچڙ ڪان پوءِ اُجڙيل آ،
مون کي ياد ضرور ڪجان،
توسان محبت ۽ ديوانگيءَ کي،
پاڪ چاهت کي،
منهنجي دل جي حسرتن کي،
جيڪي لفظن جو روپ ڌاري،
ڳاڙهي مس ۾ وهنجي،
ڪنهن ڪنواريءَ ڇوريءَ وانگي،
ڪاغذ جي بستري تي،
پاسا پيون بدلائين،
آرس پيون ڀڃن،



راهون پيون ڏسن،
چتڪتائيءَ وارا چال ڏئي،
تنهنجي پيار
جو بيڊ رومن جي زينت بنجي،
ڪلبن جي انڌيءَ روشنيءَ ۾،
نوٽن کي ياڏائي،
هاءِ! هاءِ!
مان چا چوان تنهنجي پيار کي،
تنهنجو پيار
چونڪن تي چڙهيو
وڏي واڪ وڪامي،
چڱي اگهه اگهامي،
۽ جڏهن رات وهامي،
تڏهن تون چور چور،
گهر کان ٿورو دور،
گهٽيءَ جي اونداهه ۾،
ڪار جي اڳينءَ سيٽ تان،
اهليو لهين،
وڃيو گهر ڪرين،
مٿل منهن سان منجي تي،
تنهنجي بدن تي نيرا نشان،
ڪنهن ظالم زهر پريل ڏندن سان،
توکي چيٿاڙيو چباڙيو
۽ تون پاروٿو گوشت،
ڪپڙن ۾ ڍڪيل،

گذري ويل فيشن،
پراڻو ميڪ اپ،
سينيما هال جي،
ٿرڊ ڪلاس ٽڪيٽ پٺي لڳين،
تنهنجي جوانيءَ جا،
تنهنجي عزت جا،
تنهنجن پنهنجن هٿن جي لٽيرن وٽ لٽيل،
ڪير ڪهڙو فرياد ڪري؟
يا ڪٿي داد ڪري،
مان جو سچي سنسار جو رهواسي،
هن تنهنجي ڪوڙي دنيا ۾،
تنهنجي ديدن جي دولابن ۾،
ڏاڍو دربدر ٿيس،
هر ڳالهه کان ويس،
۽ جڏهن هوش سنڀاليم،
توکي نہ اُتي پاتم،
تڏهن سڀ سمجهي ويس،
تون تہ هڪ ڪيڏارڻ هئينءَ،
جو پنهنجو کيل ڪيڏي وئينءَ،
چند منٽن جو
چئن ساعتن جو سين،
ڪنهن ڊرامي جو هئينءَ،
جو ڊراپ ٿي وئينءَ،
مان ڇا چوان تنهنجي پيار کي.
■

امن جو نعرو!

جپ چڪي تارونءَ منجهان،
ٻاهر ڪڍي اڇلي ڇڏيو
خيال تي ڪي خواب آور،
گوريون ڇٽڪي ڇڏيو
سوچ ڪي سنگسار ٻه،
لوچِ ڪي ڦاهي ڏئي،
بيت جون ٻانهون ڀڃي،
گيت ڪي گوليون هڻو
مون ڪويءَ جي ڪنڌ ڪي،
ڪاٽ سان ڪوري ڇڏيو
رت منهنجي رنگ مان،
آڱريون ٻوڙي وچي،
گڏيل قومن جي اداري،

جي اُوچي عمارت مٿان،
امن جو نعرو لکو
سوپ جو سهرو ڪچو
ڳالهہ پر هڪڙي پڌو
جيپ تہ ڪنجي وجي،
هٿ تہ وڏجي وڃن،
سوچ جا ساوا پکي،
موت جي آغوش ۾،
چٽڪي چڳي سمهي پون،
مون ڪويءَ جي ڪنڌ تي،
انت جا پاڇا لڙن،
پر پلا هي بيت باهيون،
شعر جي ۾ شعلا آهن،
ڪيئن ٿا ماٺهو مڙئي،
ذهن تان پلجي سگهن،
ڪنهن اداسي رات جو
ڪو ڪٽي چاهہ مان،
پول بہ تي ڳائيندو
چڙ موت جي آغوش مان،
مون ڪي پيو جا ڳائيندو
وائيءَ جي هن واڪي ڪي،
وقت ٿي ورجائيندو
ڪڏهن ڪويءَ جي ڪنڌ جو
رت بہ رنگ لائيندو.

■

فقيرياڻي!

ڪنهن فقيرياڻيءَ جي ٽنل چتين لڳل،
چولي جي ڦاٽل حصي منجهان،
نڪتل اُرهہ ڪي ڇهنيل ٻار،
هڪ دفعو چرڪ ڀري تو ڏي نهاري،
وري ڪنڌ واري، ڇهتي وجي ٿو
ڄڻ پنهنجي مالڪيءَ جو حق جتائي ٿو
ڇا مان پنهنجو حق نہ جتايان،
ڪنهن نماڻي نار جا، هٿ ٻئي اڳيان ٻڌل،
فاتح جتي جي، گهوڙن جي ٽاپولين ۾
سڏڪا ۽ ٻڙڪون ٻڌل،
ڪنهن نمرود ۽ مردود جي دربار ۾،
هيسيل ۽ ڏاڍو ڊنل،
ڳلن جي ڳاڙهاڻ تي، لڙڪن جون لارون اجهل،
پر ازل جي اک ۾ ڏوڙ وجهي،
موهہ سان بہ ڊوهہ ڏيئي،
ڳوهہ ڳهندڙ قوم جي، هڪ فرد ڪي،
جنهن سندن دل جي،
درد جو سامان ٿاهيو هو
ڪل ۾ ڪرڙيون هٽائي،
خاموش ڪرائي،
پنهنجي عزت نفس جو قرض چڪايو،
ڇا مان پنهنجو قرض نہ چڪايان؟
■

لکنؤ!

لکنؤ جي تهذيب،
جنهن ۾ نوابن جون وڏهر ڏيئون،
وهيءَ کان هٽيل ککون،
نوڪرن ۽ ڪوچوا،
سان وچي ڪوٺن تي،
تبلي جي تانن تي،
بي ڊولن جسمن جا،
پول هيون ٽڙڪائيندڙيون،
نوٽن تي نچائيندڙيون هيون،
ننگ و ناموس کي،
عزت کي بازار ۾،
آدابن جي آڙ ۾،
خاڪ در خاڪ،
ڏوڙ ڏوڙ ڏوڙ
ساڳي متي پوٽ ۾

اگهاڙي هٿ ۾ رومال،
اهو حال!
پر هتي ويجهي وڏي،
اڃان بہ انهيءَ گند کي،
پنهنجي پٺيان چنبڙائي،
پنهنجي پاڻ کي لڪنوي سڏائين ٿا،
ڇا مان سنڌي نہ سڏايان؟
ڇا مان ڪنهن پيڙ جي پتر جيئن،
بي موسمي ڪڪر جيئن،
ڏور کان اُڏري آيل،
پرڏيهي پکين جي ولر جيئن،
انڌيءَ اک جي نظر جيئن،
گم ٿي وڃان!
ڇا مان،
ڪنهن تنبوري جي ٽٽل تار جيئن،
ڪوڙهہ ورتل ڪلاڪار جيئن،
مڙدي جي مانار جيئن،
گونگي جي گفتار جيئن،
چپ ٿي وڃان!
نہ اِهين نٿو ٿي سگهي،
مان تہ،
وڇوڙي جي سڪل نوٽ پوني ۾،
اسري ۽ اپري آيل،
وصل جي وٽڪار آهيان،
مان تہ،

امیدن جي اک ۾
پهچ جو پاٿي ترپل،
آزادي اظهار آهيان،
مان تہ،
پٺاڻيءَ جي بيتن ۾
شيخ اياز جي شعرن ۾
سنڌ جي لوڪ گيتن،
ميلاپ جي سهرن ۾
ساميءَ جي سلوڪن پويان،
سچل سان سهڪار آهيان،
مان تہ،
دهليءَ جي دروازي تي،
سرمد جي سنسار ۾
ڪنهن دارا جو ديدار آهيان،
مان تہ،
برهہ جي بازارين ۾
سر جي سوداين لئہ،
وقتائتو واپار آهيان،
مان چينڪي آهيان،
جو بہ آهيان،
اڻ مٽ آهيان،
اڻ ڪُٽ آهيان،
جنم جنم جو جياپو ڪو
نئون نڪور نياپو آهيان.
■

مُنهنجي اندر جي اڱڻ تي!

تون ڪيئن آهين، ڪير آهين،
ڪٿي آهين!
ڪجهه به ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ،
پوءِ به دل جي وسيل گهر ۾،
روز اچين ٿي،
سوچن جي سرهاڻين ۾،
خيالن جي خم ڪاڻين ۾،

هيرن موتين وانگي چمڪين،
منهنجي اندر جي اجري اڱڻ تي،
نتهڻ اس يا اونداهين ۾،
چوڏهين جي چانڊوڪين ۾
ننگن پيرن ساڻ نچين تي،
ڪيئن اچين تي، ڪيئن وڃين تي،
ڪجهہ بہ ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ،
تنهنجو ڏس پتو بہ نہ هڪڙو
روز ملي ٿو نئون نڪور
ڪڏهن ڪڪر ۾ بوند ابر ۾
ڪڏهن گلن جي سونهن نگر ۾
ڪڏهن تہ ڪونجن جي بہ ولر ۾
نيري اُڀ ۾ اُڏندڙ پنڇي،
ڪڏهن ستارن چنڊ چڪر ۾
نينهن اسانجو نستو نستو
نگر نگر ۾ پٽڪي پٽڪي،
اڻ ڄاتل سان اٽڪي اٽڪي،
ٿڪجي پيو آ،
هر رستو هر راهہ رلي،
پنهنجي مون دلجاءِ ڪئي،
هاڻ تون ئي ٻڌاءِ تنهنجو رستو
توسان ملڻ لئہ سولو سستو
چو تہ آئون،
ڪجهہ بہ ڪين ٿو ڄاڻان سائڻ.

■

ڪارو ڪاري!

ڏور لڪن ۾ سج لٿو ٿي،
ڏينهن ڪاري چادر ويڙهي،
ساجهر سک سان سيج ستو ٿي،

[300]

پيچ پٽن تان ڦرڙا ٻوڙي،
واڙن آيا ورچي ورچي،
ٻار رُئل جي ماءُ کان خرچيءَ،
ڏوڏي ڏِگڙي پيڙا پرچي،
تڪ لڳن ۾ ڪليل ٽلها،
ننڊ وڪاٽا چور هاري،
مست محبت نڪتي ناري،
آس اندر ۾ هيءَ اُپائي،
شال ملي اڄ موج بهاري،
ڏور وٽن جي جهڳٽن پرساڻ،
ٻہ پاڇولا، ڳل ڳراٽي،
وقت ورڻ جي ويل اُساٽي،
ٻاٽ ۾ گهاٽ گهڙيل هو گهٽ تي،
ڦاٻسي پئي هئي هرڻي اُجاري،
هاءِ ويچاري وچ وڏن ۾،
ڏرتيءَ دانهن ڪين پڪاري،
ڳاڙهي رت جي ڏور ڏگن تي،
ڏڪجي وئي هئي پياسي واري،
صبح وات ڪليا واچوڙا،
اخبارن جون اٽيپيون سرخيون،
ڪاروڪاري، ڪاروڪاري،
ڪاروڪاري، ڪارو ڪاري.

■

مغرور ستم جون انگڙايون!

توبنان اوپرين،
مئه جي ڍڪ ڍڪ جو قسم،
پيئڻ بہ پيئڻ ڪونهي،
جيئڻ بہ جيئڻ ڪونهي،
تنهنجي هٿ جو جام،
اک جي اوٽ، چپن جو مڌ،
تنهنجي جوانيءَ جو
چلڪندڙ رنگين شراب،
مغرور ستم جون انگڙايون،
جنهن ۾ شامل سؤ ادائون،
جڳ جڳ جياريو ڇڏين،
اڻ پيتو پيار يو ڇڏين،
هونئن تہ پيئندا پيا اچون،
هن مئڪدي جي ڇت هيٺان،
وقت کان،
اڪيلائيءَ جي غم کان،
تنهائيءَ جي پوست کان،
منهن موڙيو بہ،
جيئندا پيا اچون،
نہ جيئندي بہ،
پر توسان جيئڻ ئي جيئڻ آهي،
توسان پيئڻ ئي پيئڻ آهي.
■

وجودي اشتهار!

اُنهن جي دل ڪٿي آهي؟
اُنهن جي ديد ڪا ٿي آ!
اُنهن جو سفر ڪٿي آهي؟
اُنهن جي عيد ڪاٿي آ!
هجڻ جي نہ هجڻ جي،
ها هيءَ کهڙي ڪٿا آهي!
حسن هيءَ شاعري تن جو
وجوُدي اشتهار آهي!
■



ڏسان ڪوهه ڏيڻو!

ڪچان مان ڳچاڙو؟
اُگھاڙو اُگھاڙو
دريا پار ديدون،
لڪن ڏانهن لاڙو
ڏسان ڪوهه ڏيڻو
ٻڌان ڪوهه ٻاڙو!
هوا تي سفر جو
ٻريان روز ٻاڙو
مٿي مور سان ئي،
پکين سان ئي پاڙو
ڦريل ۾ ڦٽيل سو
هتان ڏوڙ ڏاڙو
رڳو درد دانهون،
رڳو روڄ راڙو!
■

توکي ياد ٻڌايان وينو!

توکي ياد ٻڌايان وينو
توکي ياد سُڻايان وينو.
تون ئي لکي وٺ منهنجو لهجو
توکي ياد لکايان وينو.
تون ئي ٻُڌي وٺ منهنجون ڳالهيون،
توکي ياد ٻڌايان وينو.
■

تو بن آئون ناهيان!



توکي تہ آئون پايان،
توکي تہ آئون لاهيان.
توسان پيو وڙهان ۽،
توکي آئون چاهيان.
توکي ئي ويڻو ڏاهيان،
توکي ئي ويڻو ناهيان.
تُنهنجي ئي هوندي آهيان،
توبن آئون ناهيان!
■

ملڪ ترنم[1] نور جهان!

ڪو نٿو سمجهي،
ڪو نٿو ڄاڻي،
هوءَ ڪٿي آهي؟
ڏُڏڙ جي ديس ۾ دونهين سامهون،
هُن اندر آئينو اُجاري رکيو.
گُرن سان گفتگو هن جي هئي ڄمار سڄي،
سُرن سان روز پرپائين پئي سندو سينو
ڏڏڙ جي ديس ۾، دونهين سامهون،
ڪلا جي جر سان اُجارئين پئي رڳو آئينو.
حاڪمن حڪم ڪيا، بيهودي بڪواس ڪئي،
انڌن ٻوڙن پئي عجيب انگ اُجاڙي ڏنا،
قدرتن ڪيئن تہ سُرن سان سلهاڙي ڏنا،

(1) قصور ڄائي پنجاب جي عظيم گلوڪاره، جنهن دؤر حاظر ۾ ساز ۽ آواز جي دنيا تي حڪمراني ڪئي.

نور جي چانوڻ چپر هيٺان،
جسم هوا ۾ آواز ۽ ٿو جڙي هن جو.
هوءَ جا پنهنجي ئي آواز ۾ ويڙهي وئي،
زندگي هٿ جهلي هلي اڳتي،
واٽ پياري پلي هلي اڳتي،
آئون تنهنجو ئي ٿو رهڻ چاهيان،
دُنيا مون کان پلي هلي اڳتي،
ڳالهه تنهنجي سچي سُٺان وينو
بات تنهنجي پلي هلي اڳتي،
مهانڊي مهڪ جي، شعر جي شڪل وانگي،
سرن جي صورت ڏئي پٽ تي پکيڙي وئي،
هُن نهاريو جو نون نغمن ڏي،
گيت جي گود چڙ ته سائي ٿي،
هُن جو آواز پئي ڏڪيو هُن ۾،
هُن جو آواز پئي پُسيو هُن ۾،
هُن جو آواز پئي پُريو هُن ۾،
هُن جو آواز پئي ترِيو هُن ۾،
هُن جو آواز هو وُنو ڪيڏو!
هن جي آواز هو ڳُنو ڪيڏو!
هوءَ جا آواز مان ئي جوڙي ويئي،
هوءَ جا آواز ۾ پکيڙي وئي،
هوءَ جا آواز مان ئي ميڙي وئي،
هوءَ جا آواز ۾ ئي ويڙهي وئي،
اجاريو هن پئي اکين سان،
تارۭ ڦوڪ کي ترنم سان،
ٽاپ کي ڇا ته هُن ڏني ٽڦڪي!

پنهنجي ڀرپور جوانيءَ جا هن ڏينهن پاريا،
هوءَ هجومن اڳيان نہ هُئي ڪڏهن هبڪي،
ڏڏڙ جي ديس ۾ دونهين سامهون،
ڪلا جي جَر سان اُجاريئين پئي،
رڳو آئينو اُجاري رکيائين،
گُرن سان گفتگو هن جي هئي جمار سڄي،
سُرن سان روز ڀريائين پئي سندو سينو
هن نهاري جو نون نغمن ڏانهن ڏٺو
گيت جي گود ڇڻ تہ سائي ٿي ويئي!
بي شڪل کي بہ هن بخشيو چهرو
هن سوا موسيقي تنها ٿي ويئي،
وقت فرهاد هيو يا الائي پٿر هو
ڪئين نديون پنهنجي هٿن منجهہ ڪٺي بيٺي هئي،
ربط ۽ ضبط کي رکي دل ۾
هوءَ تہ ڪومل ۽ تيور جي هٿان تاتي ويئي،
هن جو ڳايون پئي زماني جون ڳالهيون،
هوءَ جا پاڻ زماني ۾ ڳا تي ويئي،
بادشاهہ ايندا ۽ گذري ويندا،
هن جي حڪمراني تہ هميشہ قائم آهي،
دشمنيون رسين جون ڏبجي ونديون،
دلبري دوست سدائين لئہ دائم آ،
اُم ڪلثوم[1] ٻڌوسون تہ ڪٿي هوندي هئي!
هن بہ صحرا جي سڄي سيج سجائي سُر سان!
محل تخليق ٿي ۽ نوان سينگار جُڙيا،

(1) فلسطين جي انقلابي گائڪا، جنهن فلسطين جي آزادي لاءِ بي مثال قربانيون ڏنيون.

ڪلا جي ڪنوار ازل مان پئي آئي سُر سان،
هوءَ تہ شيرين يقينن بہ ٻٽي بيٺي هئي،
نديءَ کي پنهنجي بدن منجهہ ڪٽي بيٺي هئي،
اڄ بہ آلاپ مان جسم ٿو جڙي هُن جو
هن جي مستي جو نئون موڙ نئين منزل هئي،
هن جي ڇاتيءَ جي اڇل هاءِ خدا تو ڇاتو!
هوءَ جا مهڪي پئي سدا صندل جي ڪاٺي وانگي،
گونجندڙ هن جو غزل هاءِ خدا تو ڇاتو!
ٻج تي ٻاجهہ ٻٽي موسيقيءَ هن کي ماٺيو
وقت ويران هيو آوازن آباد ڪيو
دردخوشبو کي اڇي نيٺ ڳراٽي پاتي،
شعلي شبنم کي اڇي شوق ڏنو پيار ڪيو
هاڻ آواز سندس آهي ۽ اسين آهيون،
راڳ کي روپ ڏئي ها هتان گذري ويئي،
زندگيءَ پڙڪو هو ڪاڏو اچي غنبذ تان،
پنهنجي آواز مان پرواز ڪري اُڏري ويئي،
سدا ملوڪ سدائين حسين هيءَ عورت،
مُلن جي گوڙ تي گونجي تہ سج تي اُڀري،
مجاز مينهن پڇائي متي محبت جي،
نيار نينهن ۾ نسري ۽ نج تي اُڀري،
جڏهن جوانيءَ جي جهولي ۾ هن جهونگاريو
فجر اذان ڏني هير هئي گهلي آخر،
گل نهار وجهن، نيڻ هن سان ٽڪرايا،
ننڊ مکڙي جي وچي کُلي آخر.

■

منهنجي محبوبا!

آڏي رات اُٿي، توکي دُعا ٿو ڪريان،
توکي دعا ٿو ڪريان، پنهنجي موت مرين.
طبعي موت مرين، منهنجي محبوبا،
ساري رات ٻرين، منهنجي محبوبا.
۽ پو ٽپ ٽرين، منهنجي محبوبا،
ايندڙ ماڻهن کان وقت وصول ڪرين،
ٻيو ڪجهه ڪين ڪرين، منهنجي محبوبا.
لڙڪن کان بہ لڪي سارو شهر گهمين،
ٿهڪن کان بہ ٽرين، منهنجي محبوبا.
توکي ايندو هي آخر ياد حسن،
ڳالهين منجهہ ڳرين، منهنجي محبوبا.
آخر هڪڙي ڏينهن ٿيندئي خاتمو
اوندهہ منجهہ ڍرين، منهنجي محبوبا.
■

ڇڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن!



اڪين جي تہ ڏاڪڻ آ،
جتان چڙھندو متي ماڻھو
انڌي ديد تنھنجي آ عادت اِھا،
سدائين ڏسڻ جي تي ڪوشش ڪرين،
ڇڏي ڏي تہ ماڻھو مزي سان مرن،
ڇڏي ڏي ھوا ۾ انھن کي ترن،
ڪڏھن قافلن کي تون روڪيو ڇڏين،
ڪڏھن تون ھوائن کي ٽوڪيو ڇڏين!
■

هي ڏرتي آ ڏڪاٽن جي!

ڏکن جون ڏاڪڻيون آهن،
چون ٿا آسمانن ۾،
ستارن مٿي ويڇڙ وارا،
هي ڏرتي آ ڏڪاٽن جي،
هي لڙڪن جون رسيون آهن،
گهڻئي مضبوط مون پڪڙيون،
مگر مون کان ڇڏائي ويون،
نڪو سر پير منهنجو آ،
خبر ناهي تہ ڇا پيو ٿئي،
ڪران پيو ڇو پلا آئون،
اُلٽو آسمانن ۾!

■



غالبؔ چو تہ ٿيان ٿو آئون!

اهڙا شعر لِکان ٿو پوءِ بہ،
مون کي گاريون روز پون ٿيون،
روز ملن ٿا پوندا مون کي،
چڙين جا ڪيئن ڪوندا مون کي،
روز شراب پيان ٿو آئون،
غالب چو تہ ٿيان ٿو آئون،
مون کي ننڍڙا ٻار آهن،
مون کي هڪڙي زال بہ آهي،
ٻ ٻيا ڪيئي يار بہ آهن!
هوءَ جا منهنجي سنگتياڻي آ،
پڙي کي ڦيرائي ويٺي،
آئون هن تي آهيان هري ويو
هوءَ مون کي هيرائي ويٺي!

■

ميلو!

ميلي جي نہ اڳياڙي آهي،
ميلي جي نہ پڇاڙي آهي،
ميلو هردم هوندو آهي،
ميلو پل پل ٿيندو آهي،
ميلي ۾ ئي مست ملن ٿا،
ميلو ڏاتر ڏيندو آهي!
■

يار اوڏهن هلو!

زندگي ۾ ضروري، جيت جي وات ۾ آسرو
ٿي مٿي جو ذرو جيئن ٻج اُن مان ڦٽي،
سو تہ ٿيندو سلو خوشي آهي جتي ۽ وڏو ولولو
يار اوڏهن هلو يار اوڏهن هلو!
سانجهي سامهون سا تہ ناهي پري،
شام دونهون، مهاڻي جي گهر ۾ ٻري،
ٿاپچائن پکي، ٿا پچائن پلو
يار اوڏهن هلو يار اوڏهن هلو!
پيار ٿئي ٿو جتي، ڇوڪرن جو ڇپر،
دل ٿئي ٿي جتي ڇوڪرين جو ڇلو
يار اوڏهن هلو يار اوڏهن هلو!
هو حسين عورتون، جي نديءَ تي گهمن،
رات جون جت چڳون، ٿيون ستارن کي چُمن،
۽ مهاڻيون ٿيون مُرڪي پچائن پلو
يار اوڏهن هلو يار اوڏهن هلو!
ماءُ جنهنجي کلي پئي ٿوپا ڏئي،
جت سدائين حسن پيو جوان ٿئي،
سا تہ ساهيڙي پلي، پاءُ جنهنجو پلو
يار اوڏهن هلو يار اوڏهن هلو!

■



حرم!

خليفو تہ ميلاپ جو متقي،
حسين عورتن جون نرم نازڪيون پئي،
باريڪ ڪپڙي جي پردي جي پويان،
اُجهاٽيون ٻريون،
قطارن ۾ رقصان ، هوا جون پريون هي،
لڏيون ۽ لميون پئي،
ننڍن دائرن ۾ ڪندي ناچ ڪيئي،

خليفي جي سامهون،
جهڪيون ۽ نميون پئي،
پنيان دف بيني غلامن وڄايا،
سيئي ساز آواز سان پئي ملايا،
حسين عورتن جون حسين ٽوليون هي،
خليفي دنيا ۾ ڪئي ڳوليون هي،
فارس جي شهرن جون مدهوش مڪڙيون،
ترڪيءَ جي تامي جي رنگت جيان،
پرندڙا ڪين سان الهڙ اپسرائون،
مصر جي بازار مان ڪئين خريديل قدآور
خليفو جو تاريخ جي،
گهگهه تاريڪ سرنگن منجهان،
مذهب جا موتي ٿو ميڙي سهيڙي،
۽ لبنان جي ڪنهن واري مان آندل،
هٿ جي هنر جيئن اٽيل تابڪاري،
۽ جهنگلي گلن جي خوشبو سان واسيل،
حبشي حسينا جون بي باڪ لوڏون،
خليفو خدا جو هي نائب نمازي،
حورون به جنهن سان آهن صحبت ۾،
ملائڪ به جنهن سان هتي هيٺ راضي،
خليفي جنهن پنهنجي خدائي هتي خلقي،
جيئري ئي جنت جنهن منجهه وڃايل،
بلوري پيالن ۾ مئه ارغواني،
سدائين پئي سجدا ڪيا آدميءَ کي،
هوائن پئي پر اُن کي هوريان جُهلايو

خليفي ڳڏريل ڳهڙين کي ڀلايو
نئين سر جوانيءَ جي جُڳن کي کوليو
نئين سر بدن جي ٻهارن کي ڳوليو
هوائن پئي پردن کي هورياڻ جهلايو
نوان ليما جيڪي نپوڙيا نہ آهن،
سدا مست صوفن جون سونيون قطارون،
انگوري ولين جيئن چڙهندڙ جوانيون،
خليفي خزاني جون چاٻيون گهمايون،
سيئي بند تالا کن ۾ کلي ويا،
سڳي کي سُئي مان ٽپائي ڏٺائين،
بدن ڪئين اُڏيڙي سبائي ڏٺائين،
خليفو تہ ميلاپ جو متقي هو
جبل تي پري ڪِٿ چلي پئي جدائي،
حرم ۾ تہ موسم هلڻ جي گرم هئي،
رعيت سان گهٽين ۾ هلي پئي جدائي،
سڄي رات فانوس روشن رهيا،
سڄي رات بيٺي حرم گنگنايو
نشي ۾ خليفو سمهي نيٺ پيو آهي،
حرم پر سجايل اڃان تائين آهي،
خليفي جي خوابن جي تاريخ گهري،
صفا گهگهہ تاريڪ سرنگن منجهان،
مذهب جا موتي ٿو ميڙي سهيڙي،
خليفو جو خوابن سان جاڳي نٿو
خليفو خدا سان پيو جنگ جهيڙي!!
■

ڪُجهه به نہ ڪجهه به نہ!

ونڻ وڏا ايڏا وڏا،
هٿ ڪٺي توکان گهرن ٿا ڇا خدا؟
ڪجهه به نہ ڪجهه به نہ!
هي پکي ايڏا پکي،
اُڏرن سدائين ٿا متي،
ايڏو متي توکان گهرن ٿا ڇا خدا؟
ڪجهه به نہ ڪجهه به نہ!
هيءَ هوا، تکڙي هوا،
نچڻي سدا، ڊوڙي ڊُکي،
هيڏهن پڇي، هوڏهن پڇي،
توکان گهري ٿي ڇا خدا؟
ڪجهه به نہ ڪجهه به نہ!
اي خدا توکي سدائين مون ڀڏو
اڄ ڪٺي مون کي ڀڏاءِ،
ڇا تہ آهين تون خدا!
ڪجهه به نہ ڪجهه به نہ!

هِڪ ديس ويو دفن ٿي!

هڪ ديس ويو دفن ٿي،
اُن جون ڳليون ته ڳوليون،
در جو ڪڙو وڃايون،
دل جون دريون ته ڪوليون،
هڪ قوم وٺي زمين ۾،
جيڪا نه ڪڏهن موٽي،
تو زندگي دفن ڪئي،
تو پنهنجي قبر کوٽي،
ماڻهو پلي مري پئي،
تلوار آهي جيئري،
تلوار جي تڪائي،
۽ ڏار آهي جيئري،
سوارن جي آسري تي
گهوڙا ٿي گهائجن ٿا،
ماڻهو ماري وڃن ٿا،
نغما ٿي ڳائجن ٿا،
پنهنجي ته سچي طاقت،
دل ۾ ٿي دفن آهي،
جيئري به مثل ماڻهو
ڪپڙو به ڪفن آهي،

هن ڍال جي ڍڪڻ ۾،
ڪو ڏڪ ئي پريون اڄ،
بي شرم ڪڙم سارو
پوءِ خود ڪشي ڪريون اڄ،
دنيا ڪٿي آ پهتي!
تو مون وطن وڃايو
جوتن جو هار تاهيو
۽ ڌوڙ منهن ۾ پايو
ڪاوڙ ته جانور کي،
ڪيڏي آ جلد ايندي،
توکي نه شرم ايندو
غيرت به ڪا ٿي ٿيندي!
هڪڙو به ڪوئي ڪونهي،
جيڪو خيال ڪوٿي،
هڪڙو به موتي ڪونهي،
جنهن لاءِ قوم موٿي،
ماني ته مان به ڦاتان،
ماني ته تون به ڦاٽين،
پنهنجو ئي گهر جلائين،
پنهنجا ئي پير ڪاٽين،
اُٿندين ڪڏهن اندا،
سڌين تڏهن سهائي،
هر پار ۾ پچو تو
آ قوم تو ڪهائي!!
■



مُون کي الٽيون ٽيون اچن!

حڪومتي داٻي جي لانگ هيٺان ليٽل،
جنرلن جي جوتن ڪي چنبڙيل ۽ چھٽيل،
ننڍي وڏي ملھ ۾ وڏي واڪ وِڪل،

[323]

پوڙهي وڻشيا وانگيان ڪاڏل ۽ پيتل،
ڏارين اڳيان ڏوڙ ۾ پائين ليٽڙيون،
پنهنجن متان پر رهين سدائين سِيتيل،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٿيون اچن!
ڪهڙي گندي ناليءَ مان پئدا ٿيو آهين،
مسڪين جي قوم کي ڳچي پيو آهين،
ماٺهن لاءِ مصيبت جهنجهٽ ٿيو آهين،
دشمنن جي پر وٺي بيهين ٿو پاڙيا!
دشمنن سان ٺي تون گڏجي ويو آهين،
تنهنجو تہ وير هوئي سچو ويرين سان واڳيل،
ڏهين ڏينهن ڪانپوءِ تون ستل اُٿيو آهين،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٿيون اچن!
نديءَ جي نيلاميءَ ۾ بيٺي چپ چٽيئي،
جنهن ڌرتي جو پاڻي پيين سو پاڻي وڪٽين،
جرڳن ۾ تو جڪ هٽين ۽ نياڻي وڪٽين،
وطن جي تون ٿو واڙي واڙي وڪٽين،
شهر وڪٽين، ڳوٺ وڪٽين در جي خاڪ،
وڻ ٽڻ بوٽو پکي پکڻ ڌرتي پاڪ وڪٽين،
سنڌي وڏيرا توتي سوچيندي،
مون کي اُلٽيون ٿيون اچن!!
■

پاچا ڪن پيچو!

ماڻهن جو ماڪ ۾
پاچا ڪن پيچو
پيچو ڪندڙ پاڇي جو
ڪهڙو نالو آ؟
پاڇو ماڻهوءَ مان گذري وڃي ٿو
پاڇو ماڻهو کي اڳيان ڌري ٿو
ماڻهو پنهنجي ڪمن ڪارين ۾ آهن،
ماڻهو مصيبت ۾ خوارين ۾ آهن،
پتن وانگي هٿن ۾
ماڻهو جهليل ڇڻ جوارين ۾ آهن.

■



دِل وجي ٿي ڦاسندي!

حُسن جون حڪايتون،
عشق جون شڪايتون،
زندگي گهڙي گهڙي،
دل ٻُڪي جون عادتون.
حُسن جون وڪالتون،
دل وجي ٿي ڦاسندي،
ڏوم ڏوم ڏڙڪندي!
■



سنڌ ساز مان نڪتي!

سنڌ آواز مان آئي،
سنڌ ساز مان نڪتي،
مٽيءَ جو هي ٻوڙيندو
ڪائنات پوليندو!
راز ڪيئي کوليندو!
سنڌ ساز مان نڪتي،
سنڌ راز مان نڪتي،
سنڌ تي سلو اُپري،
ڪيترو پلو اُپري!
■

جهرڪيءَ جي چُهنب ۾ ديس هِڪڙو ڏاڍو ٿيو!

جهرڪيءَ جي چُهنب ۾،
ديس هڪڙو ڏاڍو ٿيو
راڻن کي هارنگ ڪئين،
موملن کي ماڻو ٿيو.
وڻي سسئي سهڪندي،
پنهل کان پڇاڻو ٿيو
موملن جي مهڪ ۾،
نيٺ راڻو راڻو ٿيو.
■

درد جي هُجومن ۾!

هيءُ کهاڻيءَ ناهي سا،
جا ڪتابن آ لکي،
هيءَ ڪٿا اُها آهي،
جا مٽيءَ آهي سکي،
درد جي هجومن ۾،
دل اڳيان اڳيان آهي،
عشق جي مسيحا تي،
وقت ڇو پيو ڪاهي؟
يار ٿو وڃي پڻتي،
مان مگر اِتي آهيان!
■



ڏُنڌ جي هُن ڳوٺ ۾!

ڏنڌ جي هُن ڳوٺ ۾،
وقت مقرر آ،
هُن سان ملڻ جو.
هو گهوڙن ساڻ پٽي گڏجي گهڙيو
چيچ ۾ تارو بہ پائي ٿو سگهي!
سمنڊ جو پيانو وڄائي ٿو واهہ جو
هو هوائن کي بہ ڳائي ٿو سگهي!
سج جا ڪرٽا بہ پاٽيءَ ۾ پيا،
چنڊ جو چوٿو بہ مانيءَ ۾ مليو
جيڪو هن ڏاڏيءَ ۾ ڏٺو
ديس جيڪو هن کي نانيءَ ۾ مليو!
■



نار جي نِسر ۾ چانديءَ جو چلو!

وقت جي رفتار ۾ آ زندگي،
گڏ هوندي ڏار ۾ آ زندگي.
هو اُڏامي ٿو پکيئڙن کان پڇي،
هيٺ ڇو تہ ڄار ۾ آ زندگي،
ڪنڊرن ۾ هوا ڇي بيٺو جڏهن،
جهنگ جا پئي جانور خوش ٿي ڪليا،
رات جو هُن گِدڙنِ سان ڪئي ڪچهري.
ڏينهن جو ڪئين شينهن پئي هن سان مليا،
باغ ۾ هُن گُل سان ڪئي گفتگو
مڪ ماڪي جي مگر مصروف هئي،
پوئنر پنهنجي منهن پئي پٽڪيو
ڏيڏرين پئي پاڻ ۾ سُس پس ڪئي،
لڳ جي موسم وڻن کي ويڙهيو.
بادلن جا ديو ڪاوڙجي ويا،
ماڪوڙيون ٿي ميڙ آيون نم ڏي،
مينهن پوڻ گهاٽا پهاڙن تي پيا،
رُڃ جو تجلو پيالي ۾ پيو
پٽ واريءَ جي وني پرتي پڳي،
وڻن هلڪي ننڊ ڪئي رات تي،
وقت جي ورهين پڄاڻان اک لڳي،
نار جي نيسر ۾ چانديءَ جو چلو
مُشڪ جي خوشبو هرڻ جي دُن ۾،
ڏاند گاڏيءَ تي چڙهي پئي زندگي،
هڻ ڄاتو نيٺ خود کي هُن ۾!

■

گيت آهي ديس وٽ هِڪ جيت جو!

ٻاهه ۾ اوزار پئي گرم ٿيا،
ويڙهه ۾ ڪارا ڪنارا ٿي ويا،
ماڻهو ماڻهوءَ سان ڪئي پئي دشمني،
ماڻهو ماڻهن جا سهارا ٿي ويا،
ديس ۾ ڪوڪو ڪري ڪاشيگري،
خواب ۾ رنگين رليون ٿو ڏسي،
اجرڪن جي پٽ تي ٿاڦڙجي،
جاڳ ۾ ويران ڳليون ٿو ڏسي،
ڪوريئڙي جي ڪرت وانگي،
ديس پنهنجي ڪي پيو اُڻندو رهي،
گيت آهي ديس وٽ هڪ جيت جو
ٿئي شهپارو ڪو اگر سُڻندو رهي.

■

گذرگاهہ هُنجي پُراڻي گهٽي!

هوا مان لهي ٿو زمين تي اچي،
گذر گاهہ هُن جي پراڻي گهٽي.
هوا تيل کي باهہ ڏيندي ڏٺو
پراڻي قلف ۾ پئي چابي گهمي،
قلعي جي فصيلن تي لڙڪيل رسي،
قديمي ڪتابن جي هڪ اڳڪٿي.
صبح سان ڪنهن جي لهندڙ سسي،
جيڪا رات ڪمري ۾ بيٺي ڏڪي،
بلوري پيالي ۾ نڪتل اکيون،
پڏل ڏنڊ ۾ انڊ جو آئينو
اندر منجهہ ويران خانو وڏيل،
رڳو جاءِ تلوار جي هئي بچي.
اجان جسم هڪڙو خالي رکيل!
انڌيري ۾ تاريخ بيٺي بڪيو
ڪتن ۾ پلن وقت کي پئي چڪيو
مگر هوا چانڪ اچي ٿو وچي،
مدد گار ماڻهن جون ٽوليون اٿيون،
ڏسجن سمنڊ ڇا ڇا نہ ڇوليون رڙيون،
اتان ڪان کهاڻي شروع پئي ٿئي،
هوا مان لهي ٿو زمين تي اچي،
گذر گاهہ هُن جي پراڻي گهٽي!
■

سِڪي ٿو منهنجو موڳو من!

ڪُراڙو سُمنڊ هي ڪيڏو
ڇِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
ڪراچي تون پري ٿاهين،
گِهميل تنهنجي هوائن ۾
ڪِياماڙي ڪِناري تي،
لِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
سِرائڪي شاعري جهڙي،
هوءَ ٻَجا چوڪري هئي سا،
هلي ويئي ديس پنهنجي ڏي،
سِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
سوين ڦيرن ۽ گهيرن مان،
ٿُتي ٻانهن منجهان آخر،
سدا سار هنجيءَ تي،
ٽِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
ڪراڙو سمنڊ هي ڪيڏو
ڇِڪي ٿو منهنجو موڳو من.
■



مان چانڊوڪي ٿو لڪان!

چمپا جي وڻ هيٺيان،
مان چانڊوڪي ٿو لڪان!
هن دکياري ديس جون،
هُو هوائن جون پريُون،
ڏُور ڪنهن پرديس جي،
لوڪ موسيقيءَ جي ڌُن تي،
پيون نچن،
ڊوڙيو هَر هَر اچن،
مان بہ ٿِن سان گڏ نچان،
ءِ گِيت ڪيئي ٿو رچيان،
ءِ ڦُول چِٽيل ٿو چِٽيان،
هن دکياري ديس جي،
پيلي پيلي ويس تي،
پيلي پيلي ويس تي!
■



ڏکي ديس جي هڪ ڳوٺ ۾!

اُس ۾ عاشقي،
مون ڪيتري آهي اُٺي،
هن ديس جي در در اڳيان،
آئون وائڻ تي جڏهن وکري ويس،
سار تنهنجي جا سوين ساوا پکي،
اوچتو آيا اُڏامي،
۽ اچي مونکي چُڳيا،
۽ عاشقي جي اگهاڙي اُپ ۾،
ڦڙ ڦڙ ڪندا ويا ڦهلجي،

دور تائين هو پنيان پيچو ڪري،
هوا جا پر ڪتن ٿا،
زندگي نوچن پٽن ٿا.
۽ منهنجي هڪجيڏن جي جوانين کي،
۽ انهن جي محبوبائن جي نشانين کي،
شامُن جي ڳلن تي.
ڦُٽي پونڊڙ چپن کي،
هُو اُجاڙيندا اچن پيا.
مُک مُهاندا،
پوسٽرن وانگي ڦاڙِيندا اچن پيا،
۽ منهنجي نئين نسل جون،
مور جي رنگ جهڙيون،
سڀ اميدون،
۽ ٻهر جي ٻُور جهڙيون آهسنائون،
ٺهڪ ڏئي ٻارن پيا،
وڻ، پکي، ماڻهو گڏي مارن پيا،
۽ منهنجو ديس نڌيڙو ٻار بڻجي،
روح منهنجي ۾ ڪري ٿو روج راڙو
۽ آئون،
پنهنجي پيڙهيءَ جي نِرڙ جو ڀڳهر بڻجي،
در مٿان ٽپڪان پيو
۽ پنهنجو پاڻ کي پيو پوکيان،
هن ديس جي در در اڳيان،
هن ديس جي گهر گهر اڳيان!

اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ!

اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ،
هزارين قصا هئي، هزارين ڪهاڻيون،
رات سنڌو ڪنارو ٻه هئي،
ڪنهن ڪن ڦاڙ جوڳيءَ،
ڪنهن ساميءَ سنڌو.
اُچليل ادا سان ڊارو ٻه هئي،
۽ اِشارو ٻه هُئي،
رات رانجهو ٻه هُئي،



رات راڻو بہ هُئي،
رات مومل بہ هئي،
رات بينسر بہ هُئِي،
رات بولو بہ هُئي،
تون هوا ۾ لڏئينءَ،
رات جهولو بہ هُئِي،
اها رات جانان جو
تنهنجي وڳي جون،
زريون ۽ ستارا بنيا چنڊ تارا،
۽ تنهنجي اکين جي خمارن پنيان،
گلاب ٽڙيا ۽ ٻريون مشعلون،
انهيءَ رات منجهہ،
تنهنجي جسم جي ڏيمن سُرن،
جواني آلاپي،
ڪنول گُنگُنايا،
وڻن جي تنبُورن سمورن هيا،
نوان راڳ ڇيڙيا نيون ڪافيون،
نيون بي ڪسيون ۽ نيون عاشقيون،
اها رات جا ڪنهن شرابي جِيان،
لڙڪڙائي ٿَڪي ٿيڙ ڪائي جڏهن،
تنهنجي وارن جي ڪارين گهٽائن منجهہ،
گُم سُم ٿِي ويئي،
رِل مِل ٿِي ويئي،
اها رات توسان گذاريم جا سنگ سنگ!!
■

ننڊ جي پرديس ۾!

جاڳندي جانان سدائين،
ڦول ٿو چاٽيان سنڌءِ!
دلبري جي ديس ۾،
ڳهر ايندي ڏِي لڳو هو
جڙ جلاوطن ٿيس.
ننڊ جي پرديس ۾.
■

عمر هونئن تہ اجائي آ!

سنجها جو هو سيئي ڪولهي،
ٺري جا مٺ ڪولن ٿا،
عمر هُونئن اَجائِي آ،
مگر سُرڪي سَجائِي آ،
سيئي لمحا لُٽائي هُو
گهڙين جا گهٽ ڪولن ٿا،
سڄو ڏينهن هو ٻنيون ٻارا،
وڏيرن جا ڦريل تارا،
مگر ٻهچي پيالن وٽ،
ڳچين مان ڳٽ ڪولن ٿا،
صدين جا درد ڳائن ٿا،
نشي ۾ سڀ ٻڏائين ٿا،
پراٺا عشق اوري هو
فراقيل ڦٽ ڪولن ٿا،
۽ آڏيءَ جو سيئي سُرندا،
وڃي پنهنجي ڪکن ڪرندا.
■

آئيني ۾ سُور جاڳي!

رات جي راڻي دريءَ ۾.
درد خوشبو کي سُجاڻي،
آئيني ۾ سور جاڳي،
۽ وڻن ۾ ٻور جاڳي،
درد جي ڪاشيگريءَ ۾،
مون ۾ توکي پاڻ ماڻي.

■

درد جا پيلا پکي!

زندگي جي ساز تي،
موت جي گنيير ڏن،
سپ سڻندا ٿا رهن،
ڇ ازل خاني منجهان،
موهہ ڇ ماڻا مڙيئي،
درد جا پيلا پکي،
چاهہ چڻندا ٿا رهن،
شاعري جي ڏيس ۾،
وارتا جي ويس ۾،
سارجا ساوا پکي،
عِشق اڏندا ٿا رهن.
■



حواري[1] بومدين!

باغ جا درخت سمورا،
ٽاري ٽاري بومدين،
ڪير آهي ڪالهه جهڙو!
ڪير آ ڊيگال[2] جهڙو!

(1) الجزائر جو سابق صدر.
(2) فرانس جو سابق صدر.

اج تہ پئرس جي گھٽين ۾،
سارتر[1] پيي ڪونہ آ،
ڪير جو ساکي ٿئي،
۽ زهر ۾ ماکي ٿئي،
الجزائر ايترو ناهي پري،
جيترو ٿون دور آهين ديس کان،
موت جي هن آسماني ديس،
۽ سموري عرب ۾،
ياسر[2] عرفات کي ڇا ٿا چون،
وچ ۾ ڪنهنجي پون،
هر ڪنهن کي،
پنهنجي پنهنجي درد جي نبوت ملي!
ڪير ٿو خالي وري خيما ڪري!
ڪير ٿو درويش[3] جون نظمون پڙهي!
هُن قذافيءَ جون اکيون آهن پنل،
سچي تاريخ جي ڇاتي ڇل،
ڇا انهيءَ جو جوڙ آهي؟
او حواري بومدين!
او حواري بومدين!
■

(1) فرانس جو مشهور اديب.
(2) فلسطين جو انقلابي اڳواڻ.
(3) فلسطين جو مشهور شاعر.

محبوبا!

تون ڪنهن لوڪ گيت جي سٽ جيئن،
منهنجي چپن تي آئينءَ،
مون ۾ وئينءَ گهلي،
تون ڪنهن آبشار جيئن،
مون ۾ روز تي ڪرندين رهين،
رات جا تارا ڳڻيندي،
مون موسم جا پير پڪڙيا،
۽ ان کي روڪيو،
اوچتو آئينءَ ڪٿان تون،
مون ۾ پاڻ کي پوکي وئينءَ!
آئون اڌ سڪل وڻ تي،
اڪيلي آکيري وانگي،
۽ سمورو ديس آهي،
شام جهڙو غم،
تون جهنگلي پکيءَ جهڙي،
مون ۾ وئينءَ لڪي،
تون زندگي جهڙي،
مون کي ويجهڙي آهين،
۽ مون تي،
موت جيان ڇانيل تي رهين.
■

اسانجو عشق!

اسانجو عشق هي آخر،
غُلامي کي ٽڏي وجهندو،
اسان کي چونڊ آ ڪرڻي ته،
پنهنجو پيار ڪيئن هوندو؟

اسانجي محبتن جو
مُک مهاندو ڪيئن هجڻ گهرجي،
اسان کي هن هوا تي،
پير ڏئي ۽ ڪيئن هلڻ گهرجي،
اسانجو سور ڇا آهي،
انهي کي ڪيئن سلڻ گهرجي،
اسين پنهنجي وڇوڙن جي به،
ڪريون وارثي ويهي،
اسين پنهنجي ملڻ جي،
مالڪي به خود ڪريون ٻيهي،
اِها مرضي اسانجي آ،
اسين ڪيئن ٿا ملڻ چاهيون،
رُسڻ تي ڪيئن ٿا روئون،
۽ خوش ٿي ڪيئن کلڻ چاهيون،
اسين پنهنجي محبت جي،
سدا نرمل نشانين کي،
پلئي مهنگو ڪري پائيون،
پلي سستو ڪري سمجهون،
اسين پنهنجي حياتين جا،
ڪريون ته فيصلا ڪهڙا،
اسين پنهنجي ستارن جون،
اکيون ڪيئن ٿا ڏکڻ چاهيون،
اسين پنهنجي اُداسين جون،
ڳليون ڪيئن ٿا گهمڻ چاهيون.
■

خانم گگوش[1]

خانم گگوش جي تصوير جي فريم ۾
هڪ ملڪ بند آهي!
جتي جي سرحدن ۾
جواني منع آهي.
تاريخ جي سگريٽ کي،
تيليءَ چميو تہ،
وقت ڏکي پيو!
۽ هڪ ڍگهي ڪش ۾

(1) ايراني رقاصہ

درد جو سرمئي دونهون،
هوا ۾ اُڏرندو ويو
۽ تون هڪ قلبي وانگي،
پنهنجي قبر جي ايش تري ۾
بي معنيٰ تي چٽي پوندين!
گگوش جي اکين ۾
هڪ ڪربلا چرڪ کائي جاڳي اٿي،
۽ خوابن جا حُسين،
پنهنجي قتل جي بي واجبيءَ تي،
هر يزيد جو ابدي موت اورانگهي،
من جي نين موسمن جا،
نوان عنوان بنجي ويا!
درد جي هن پراڻي ڊنڊ تي،
ڏيهي ۽ پرڏيهي پکي،
جڏهن گڏجي اُڏرندا،
۽ چٽي اُس ۾ ٻه،
پکين جو هڪ ڪڪر،
ڊنڊ تي چانورو ٿيندو
تہ ڪروڙين ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون،
جوانيءَ جي ٽاريءَ تي،
زندگيءَ جي چيلهہ ۾ ٻانهون وجهي،
مسلسل ٺهڪ ڏيندا،
۽ انهن ٺهڪن ۾
گگوش سدائين جوان رهندي.
■

چئو پلا رات جي روبرو ٿيندينءَ!

شام جو تارو عروج تي آهي،
ٿُون اڃان ڪنهن سان گفتگو ٿيندينءَ،
سانجهه جو ڪڏهن سرنگون ٿيندينءَ،
چئو پلا رات جي روبرو ٿيندئينءَ!
زندگيءَ ۾ زوال هوندو آ،
سامهون هر هر سوال هوندو آ،
جاڳنديئنءَ، جيئندئينءَ ۽ جواب ٿيندينءَ،
گفتگو هن جي، تون گلاب ٿيندينءَ.
■

مرٽو پرٽو ماٺھوءَ سان آ!

ٻاٽ انڌيري منجھہ ٻليءَ جي،
اک ڏسي ٿي جيئن ٻڪيءَ کي،
تيئن تڪن ۾ تاڙن ٿا هو،
هر پرديسي پاريھر کي،
آڳ نہ سمجھي ٻي ڪا ٻولي،
گفتگو پرکي ڪابہ نہ گولي،
ساڙڻ جي ساڙي ويندي،
جي آهي ڪا ٻيي ڄر کي.
ڪونڊيءَ جا گُل لت لڳڻ سان،
ٻارن جيئن ءَ مرجھائي ويندا،
آئت ڪانہ اگھڻ کي ايندي،
دل نہ ڏتاري سگھندي در کي،
ماٺھو آهي جيئرو مرٽو
ان کان پوءِ پيو ڪجھہ نہ ورٽو
مرٽو پرٽو ماٺھوءَ سان آ،
گھاءُ ڪندا ڇا خالي گھر کي!
■

مسلسل مات ۾ ”ماٺڪ“!

رڳو ٿي درد غم فراق جو فصل آهي،
لڳن ٿا لفظ جدائي، ڇون وصل آهي،
اڃان بہ لهر ۾ لڙهندڙ آ، ڳهر ڳالهايو
مسلسل مات ۾ ” ماٺڪ“[1] ، نئون نسل آهي.
اهو تہ زرد صبح سج جو نقل آهي
اداس شام ٿي بچي، سندن اصل آهي!
■

(1) سنڌي جو نالي وارو ڪهاڻيڪار ڪتاب ”ساهہ مُٺ ۾“ جو خالق.

هِن شهر جو ڇا ٿيندو؟

پڇو سمنڊ کان، هن شهر جو ڇا ٿيندو
گهٽين ۾ گهمر گاڏڙ هوا ڪڏهن گهلندي؟
اکيون اکين ۾ وجهي، مرڪندي ملڻ ٿيندو!
دري دريءَ جي سامهون کُلي ڪڏهن کِلڻ ٿيندو،
سگهوئي صبح سمو موت کي مٿائيندو
ڇڏائي هٿ مان ويل زندگي جڏهن چلندي،
اداس شامڙي خوشگوار سا ٿي پوندي،
پراٽي پينگهه وري پيار جي جڏهن جهلندي.
■

ڪراچي!

مڇيءَ جي پيٽ مان ماڻهو
جتي جيئرو ٻچي نڪتو
اتي ان شهر ۾ اڄ مورڙو
رستي مٿان مئو آ،
ڪلاچيءَ ڳوٺ تنهنجي ۾
ڪڏهن نہ سنڌ سوچيو هو
اڪيلو آدمي تنهنجو
هجومن ڄي هٿان مئو آ.
■

تو سِواءِ آهي اجائي شاعري!

جهنگلن مان شهر ۾ اينديون اکيون،
قيامتون هر قوم تان گذري ويون،
توکي لفظن ۾ گهڙي مون قيد ڪيو،
وقت کان ڪيئن عورتون وسري ويون!
ڪنڊرن مان مون ڪنئي هئي زندگي،
تون اُگهاڙي ٿيئن ۽ تہ مون دنيا ڏٺي،
چاهتن جا باغ پيئي جهوميا لُڏيا،
مون جڏهن توکي ڏٺي پهرين مٺي!
تہ سچو آ تڪي مون ۾ ستو
مون پهاڙن تي سجائي شاعري،
گيت پئي تنهنجي گليءَ ۾ ڪئين رُنا،
تو سوا آهي اجائي شاعري.

■

اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان!

ڊنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهمان،
ديوتا چوريون پڄائي ٿو وڃي!
نم جا پاوا تہ ها ٽڙڪي پيا،
ڪٿ تي تنها حياتي هئي ستي،
مون چيو مون ساڻ هوءَ ملندي اچي،
اڪ جي ماڪي نٿو لاهي سگهان،
ڊنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهُمان،
ديوتا چوريون پڄائي ٿو وڃي!
طلسمي زندان ۾ جي قيد ٿيون،
جهنگلن مان ڊوڙنديون آيون ننگيون،
ڏور شهرن ۾ وڃي آباد ٿيون،
هاڻ مان ڏيئي آسرو ڪنهن لاءِ اُٿان
ڊنڊ تي آئون اڪيلو پيو گهمان.

■

جڏي هي جواني!

نہ ڪو رڪوع آ نڪو ڪوئي سجدو،
اوهين بس پڙهو وجي جنازي نمازون!
ملان پنهنجي ماني آ تنهنجي ڳچيءَ ۾،
جڏي هيءَ جواني آ تنهنجي ڳچيءَ ۾،
مدرسي ۾ ويهي وڏا ڪيڏ ڪيڏين،
۽ ريالن رواني آ تنهنجي ڳچيءَ ۾.
■

هي ديس مُون لاءِ آهي دُوربيني!

شاعر! هي ديس آهي مون لاءِ دوربيني،
جنهن مان ڏسي سگهان ٿو دنيا سڄي سموري،
ڪنهن جهنگ ۾ هرڻ جي پويان ڏڪي پيو چيتو
۽ ورڻ مٿان پکيءَ جي خاموش آ خدائي،
پئرس جي ڪنهن گهر ۾ ماڻهو ستو پيو آ،
۽ پراگ جي گهٽيءَ ۾ جاڳي پئي جدائي،
جوئا گهرن ۾ جوئاري غمناڪ بي سبب ها،
بحري جهاز هاٽي پر تي هليو ويو هو
تصوير کي برش سان تڪميل ڪنهن ڏني پئي،
وائلن وڄي وڄي ۽ پاڻهي سمهي پيو هو
هڪ ڇوڪري صوفن جي باغ ۾ گهمي پئي،
هڪ شخص ٻار سان گڏ گرجا گهر ويو پئي،
هڪ هنڌ مينهن گهاٽو جبلن مٿان وُٺو پئي.
■



مُحبت!

محبت، جانورن ۾ لڳ جي موسم جيان،
انسان ۾ وحشي ايامن جا،
سيئي اُڏما اُٿاري ٿي،
تو ڪئي مون سان محبت،
مون ڪئي توسان محبت،
پاڻ سان ڪئي ڪنهن محبت،
پاڻ ڪئي ڪنهن سان محبت،
اوپر جي سامهون ٿو اولهه اچي،

ڏڪڻ جي سامهون آهي اُتر،
اِهائي محبت،
باهه جي گولي جيان،
چئني طرف گهمندي رهي ٿي،
چپ ڪارا،
چاڪ دل ڇمندي رهي ٿي.
مرد جي مرد سان،
عورتن جي عورتن سان،
۽ عورت سان مرد جي،
جبل جي غار کي ننگا جسم روشن رکن ٿا،
جهنگ گهاٽي ۾، وڻن هيٺان محبت، نسل انساني،
۽ پگهر ۾ شرم ڪنهن مرد جيئن،
محسوس ٿيندڙ هيءَ محبت،
ڊارون ۽ فرائيڊ جي فڪر جي روشنيءَ ۾،
تنترا ۽ ڪاما سوترا جي ڪهاڻين ۽ قصن ۾،
محبت حسن جي گهري سمندر ۾ تري،
آخر ڪناري تي مزي سان آ سُتي،
محبت ساحلن تي آ ڪڙي عورت جيان،
اجنتا ۽ الورا جي مورتين ۾،
مندرن جي مجسمن ۾،
ڌرمي ڪتابن ۾،
حور ۽ غلمان جي خود سپردگي،
نانگ جي چپ تي رکيل،
ڪٽڪ جي ڏاٽي جيان،
آدم ۽ حوا جي دلپذيري،

گم ٿيل جنتن جي تلاش ۾،
گهمن ٿا اڄ به جوڙا،
۽ چراغن جو ڏکوئيندڙ هڪ سلسلو پرندو رهي ٿو
محبت ٿامي جي اک مان ڳوڙهي جيان،
ڳل تي اچي ڳالهيون ڪري ٿي،
محبت تنهائيءَ جي ميز تي،
ميڻ بتيءَ جيئن ٻري ٿي،
چراغن جو ڏکوئيندڙ لوڪ سلسلو پرندو رهي ٿو.
ڪا ڪٿا ناهي مقدس،
هيءَ ڪٿا پڻ عام آهي،
زندگيءَ جي ذهن ۾،
پارڙي جي خيال جهڙي،
سادڙي سولي صفا،
شهر جي ڪنهن چوڪ تي،
ساحلن جي رش ۾،
ڪنهن پري بازار ۾،
يا ڪنهن اڪيلي ڪنڊ ۾،
چئي ٿا سگهون،
تو ڪئي مون سان محبت،
مون ڪئي تو سان محبت،
ڪنهن ڪئي ڪنهن سان محبت،
جنهن ڪئي جنهن سان محبت،
تنهن ڪئي تنهن سان محبت!
■

جي تون منهنجي ڳالهه سمجهين!

هڪ ڪلو ماکيءَ لاءِ،
چاليهه لک گلن کي،
ماکيءَ جون مکيون،
چمن چوسن ٿيون!
هڪ ڪلو ماکيءَ لاءِ،
ماکيءَ جون مکيون،
ايڏو اُڏامن ٿيون جو
چار چڪر دُنيا جا،

ڏئي ٿا سگهجن!
محنت محبت کي،
چمي ۽ جر ڪي،
سورج مکڙين جون،
اکڙيون ٿو کولي،
واڍو ڪنولي کي،
ٽڪي ۽ ٺاهي،
رازو سڌي پٽ تي،
پٿيون بيهاري،
عورت هڪڙي مرد سان،
ويٺي عشق ڪري،
ٽيبل تي ڪا ميڻ بتي،
ٻارن لاءِ ٻري،
دنيا سهڻي دنيا آ،
جنهن ۾ هرڪو جيو ٿو
رهيل خال ڀري،
هرڪو پنهنجي ڪرت ۽
ڪوشش ۾ آهي،
هرڪو پنهنجي چرپر ۾،
چانڊوڪي آهي،
جي تون منهنجي سولي هيءَ،
ڳالهه سچي سمجهين،
مون سان پيار ڪرين،
مون کي پيار ڪرين!
■

صحرا جي دل ۾ آخر ڇا هي!

صحرا جو سينو
صحرا جو ڏڙڪو
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا هي!
وڇايل قطارون،
پراڻيون صندوقون،
شيشي جو ڪپڙو
ماڻهو جي ڇاڙي،
لالچ جو موتي،
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا آهي.
هڪڙو زمانو
اڳتي ۽ پٺتي،
ڏينهن جو ڇورو
راتين جون پوريون،
لمحن جا سڙيل،
سُڪي ويل ڳترا،
خشڪيءَ جي ڪاوڙ
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا آهي!
هوا جون گهنڊڻيون،

سرگوشيون، سيٽون،
طلسم جو پاٽي،
ڳجهن جون ڇُنهبون،
ڪارو لامارو
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا آهي!
عورتن جون سارون،
پارن جي چنتا،
باغن جون سوچون،
پگهر جون نهرون،
تتل تمنا،
پيرن جو ورثو
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا آهي!
صحرا تجلي جو پريل پيالو آ،
صحرا سرابن جي هڪ حقيقت آ،
صحرا گرم رت کي چوسيندو آهي،
صحرا هڏن کي تحفظ ڏيندو آ،
صحرا صبح ويلي سوچنيدو آهي،
صحرا پنهپرن جو خدا جي اک آ،
صحرا سچي رات هڪ عورت مِثل هوندو آ،
صحرا چوي ٿو مون کي ڪو سمجهي،
صحرا جي دل ۾
آخر ڇا آهي؟
■

سوين پيادا سپاهي قافيا!

پني جي پاٽي پٽ ميدان تي،
تون پيو وڙهين،
لفظن جو وڏو لشڪر لٺل آهي،
سٽن ۾ صف بندي جن جي،
سوين پيادا سپاهي قافيا،
رت تي آهن رديف سپ ڪڙا،
تصور جون تلوارون ڪٽين،
خيالن جا خنجر جن وٽ،
قلم ۾ مس هيءَ آهي،
مثل ڪنهن خون جي!
■

دل تان چٽر ناهي ڇڳي!

ويڙهي لفافي ۾ وري،
اڄ پان جوپن موڪليئي،
دل تان چٽر ناهي ڇڳي،
او سنگدل تنهنجي ڳلي،
موتيي گلابن جي ڪلي،
وسندي پٽر ناهي ڇڳي،
سورج مکي ڇهرو هجي،
۽ سج وانگي ماڻ هجان،
۽ تو مٿان پهرو هجي،

اهڙي گهڙيءَ کي ڇا ڪجي؟
هن زهر کي ڪيئن اوتجي؟
هن وهه ڳڙيءَ کي ڇا ڪجي؟
تنهنجيون ڪڪوريل ڪارڙيون،
اکڙيون سجاتيون ساحلن،
سي گهنڊ گهورون ڪاوڙيل،
ڪلهه رات ڳائيون ساحلن،
سائي ٻير کي ٻک پئي،
آئون وجهي دانهون ڪريان،
پيلي ٻير جي ٻور مان،
پيو ٻڪ مان هاريان پريان،
هي شور ڇا جو آ ٿيو
تون ئي تہ پئي مون ۾ ڇُپين،
دل جي ڪليسا گهنڊ ۾،
اڌ رات جو ۽ اوچتو
اي درد ڪجهه هيڪي اچو
منڙي سُتي آ ننڊ ۾،
اڄ بہ ڪٺي هن راهہ تي،
ڏي لت منهنجي لڙڪ تي،
رک پير منهنجي آهہ تي،
هيئن ڪونہ شل مرجهائجي،
جيئن دل وچي ڪومائجي،
ٽڪرا هزارين ٿي بہ پئي،
تنهنجي ڳليءَ ۾ ڳائجي.
■



عشق آ پکي وانگي!

سانوري اونهاري جو،
رات جو قدم تنهنجا،
لان ۾ لٿا آهن،
سرنگون گلابن ۾،
ٽيڪيا اڳيان تنهنجي،
موتين مٿا آهن!
آسمان اُجرو آ،
رات جو ستارن جي،
پاڻ ۾ ڪچهري آ،
هيٺ هوءَ ستي آهي،
جاڳندڙ جوانيءَ کي،
ننڊ ڇا ته گهري آ،
تون ڏڪڻ ڏي ڏس ڪٽي،
سامهون اچي ٽي پٽي،
لاڙڪان لڙي آهي،
واءَ جو ٽڏيرو آ،



گهم مان گهمي آيو
هوءَ اُتي ڪڙي آهي،
عشق آ پکيءَ وانگي،
تو مٿان لٿو آهي!
جسم لام وانگر آ.
عشق پياڪ وانگر آ.
پيار مئہ پراٽي چڙ،
جسم جام وانگر آ.
تون ڪلي رهي آهين،
ڇُگهہ ڳل تنهنجي ۾،
مرڪندي پوي ٿو پيو
تون ملي رهي آهين،
تون تہ مانڪي آهين،
ڇُگهہ ڇا چوي ٿو پيو؟
سونهن جي تہ معنيٰ ڇا،
سونهن جو تہ مطلب ڇا،
سونهن ڪين مقصد آ.
سونهن نہ مقامي آهي،
سونهن عالمي آهي،
عشق سونهن جو ڪم آ،
عشق سونهن جو مطلب،
عشق ئي مترجم آ.
وِلهہ آ در تي ڪڙي،
زور سان سهڪي پئي،
پاڻ پئي سهڪون پيا،

صندل جون ڪاٺيون،
باھ ۾ ٻرن پيون،
پاڻ ٻئي مھڪون پيا.
هيل ڇا پوي پارو
هيل تنهنجي پاڪرن،
۽ ٻڪن جي دُنيا آ.
هيل ڇا ڳڙو وسندو
گرمي گذارڻ جي،
دوزخن جي دُنيا آ.
رات آ ڊسمبر جي،
۽ گلاس ۾ ووڊڪا،
آگ آ بخاري ۾،
جسم تنهنجي جو ڪمبل،
ڪيترو نہ ڪوسو آ،
سخت هن سياري ۾،
چاندني ڊسمبر جي،
باغ ۾ ڏڪي ٿي پئي،
تون مگر ڏڪي ناهين،
رات جا ٺري ٿي پئي،
مان اڃان ٻران ٿو پيو
تون اڃان ٿڪي ناهين،
تون اڱار سگريءَ ۾،
جي نہ جسم ٻاريندينءَ،
ٺپ مان ٺري ويندس،
آگ ئي حياتي آ،

آڳ ڪان سوا جا نان،
مفت مان مري ويندس!
شام جو لڙي پاڇا،
اي ٹُلسي وچن ٽا پيا.
رات جو ستارن کي،
مون ڏڪيو تڪيو آهي،
ننڊ ڪانہ آئي آ،
آر جو تکو آواز
سُئيءَ جيئن چُڀيو آهي،
سانت ٽي سوائي آ.
ساڳئي هنڌان جانان،
هڪ مگ ڪافيءَ جو،
پاڻ ٻئي پيئون گڏجي،
سيءَ ۾ ستل پرسان،
ننڊ ۾ الڳ آهيون،
جاڳندي جيئون گڏجي،
حُسن ۾ وجهي ليمون،
پاڻ ٻئي پيون ٽا پيا،
زندگي ڪئي آهي،
تون پلي اُها ناهين،
مان پلي اُهو ناهيان،
زندگي تہ ساڳي آ،
رنگ جي بدلجي ويو
روپ جي ويو متجي،
آرسي تہ ساڳي آ.

عشق ۾ ٿڪو ناهيان،
واپسي بہ ممڪن هئي،
پيار پر پليو ناهي،
مان اڃان اُتي آهيان،
سج ڪي نہ گرهڻ آ،
چنڊ بہ جهيڙو ناهي،
مون چيو "سڄاڻين ٿي"؟
هن چيو "مليل آهين".
مون چيو " پلي آهين"!
چا اِها حقيقت آ،
مون چيو "مجازن ۾
تون رڳو رُلي آهين"
سامهون آهيون ويٺا،
فاصلو نٿو ڪٽجي،
فاصلو ڪٿي آهي.
جسم ۾ جواني آ،
مان سڄو ڏسان ٿو پيو،
زلزلو ڪٿي آهي،
باغ ۾ ڏسي پوپٽ،
مون چيو مجازن ۾،
پيار کي وٺان پڪڙي،
مهڪ آ وڏو ماري،
گفتگو گلابن جي،
جيءَ آ وڏو جڪڙي.
■

عاشق ناهي نڪمو غالب!

عاشق ناهي نڪمو غالب!
عشق نڪمو ناهي ڪندو.
نمڪ حرام نڪما ڪيئي،
سرڪاري هٿ نوڪر آهن،
ڪوڙا جيڪي تاش جا پتا،
جوتا آهن جوڪر آهن،
جُوتي جي هر نوڪ اڳيان،
هو نوڪر ٿيندا نوڪر آهن،
عشق نہ آيو تن جي واڙي،
واڙي ڇا نہ اوڙي پاڙي،
هڪڙا مهيني دار نڪما،
هڪڙا ڏوڪڙ ڪٽن ڏهاڙي،
سي سڀ غالب عاشق ناهن،
ها پر سڀ نڪما آهن!
■



دريا جي ڪپر تي ڪوئي!

دريا جي ڪپر تي ڪوئي،
ڪري ڪو دل لڳي،
ڪٿي ڪنهن باغ ۾،
ڪنهن بئنچ تي ويهي،
ملائي هٿ تو ٻئي،
پريان بازار مان،
محبوب کي ڀاڪر ۾ پيري نڪري،
ڪناري سمنڊ جي،
پنهنجي سڄڻ جو رئو سلجهائي،
نڪو قانون ڪارو،
اچي تو آڏو ادائن کي.
■



اسانجي ننڊ قتل ٿي!

اسانجي ننڊ قتل ٿي جنهن نموني وري،
اسانجا خواب وري خون خون ٿيا آهن،
وري سمهي نہ سگهياسين صديون ٿيون آهن،
اسانجا پيار مُئا اڌ ۾ پيا آهن،
ڀڳا ويا هڏ متان ڪو اُٿي نچي جهومي،
ڪپي زبان وئي جيئن نہ ڪو ڪنجهي ڪُرڪي،
زخم زخم جو بدن تي سهارو آهي ٻنيل،
ٻڪن جا ٻُڪ متان، لوڻ ڪو پيو ٻرُڪي،
وڍيا ويا چپ متان، چاهہ ڪي چمي نہ وٺون
ٻنان چپن جي ڏسون ڪير ڪيئن تہ ٿو مرُڪي!
رڳو سزا جي هن سموري سفرنامي ۾،
اسان سان آهي عقوبت ۽ ٻي سختي آهي،
ذلالتن جي هن زندان جي اسيرن ڪي،
ملي جي ورثي ۾ تہ بس رڳو بد بختي آهي.
اسانجا لاش لڪي جبل ۾ ڳجهون کائن،
پلي غسل نہ مليو قيمتي ڪفن نہ ٿئي،
پلي نہ آخري ديدار لاءِ اچي ڪوئي،
۽ اعزاز سان دُنيا ۾ پلي دفن نہ ٿئي.

■



عشق جو نچي نڪتو!

نامراد دُنيا جي،
هن ڪنور رڻ پٽ مان،
عشق ٿي ٻچي نڪتو
عشق جنهن ٻڌا گهنگهرو
عشق جنهن ٻڌيون ڇيريون،
عشق جو نچي نڪتو
ماٺ جي مينهوڳيءَ ۾،
زندگي پُسي،
آخر لفظ ڪي ڪيو سجدو
هن زمين خاليءَ تي،
وقت بيٺل جي مٿان،
آدمي اچي نڪتو
شام جو شرابي دل،
شام جي خرابي دل،
شام جو بي تابي دل،
سج پيالي ۾ لٿو
جوٺ ڪنهجيءَ تي مٿو
ڪونه ڪو آهي نڪتو!
■



منهنجي دُنيا آ تنهنجون ٻئي اکڙيون!

منهنجي دنيا آ تنهنجي دل تائين،
منهنجي دُنيا آ تنهنجون ٻئي اکڙيون،
تنهنجي اکڙين ۾ جي نهاريان ٿو
سمنڊ ساري تي آئون سوچيان ٿو
هرندي سمنڊ ۾ پوي ٿي پئي،

منهنجي پرِيان اچي پولي تي پئي،
تون تہ صحرا منجهان ڊڪيو آهين،
چنڊ واريءَ اندر سُتو هوندو
تون تہ واريءَ مٿان جهڪيو آهين،
هي جو شيراز ٿو اچي آڏو
عشق ترڪي منجهان مٿيو آهي،
روس جتي سخت برفبازيءَ ۾،
مون ڪٿي وقت ڪيئن ڪٽيو آهي،
ڏينهن جو شينهن ڪيئن ستو هوندو!
شور لنڊن جو ٿيو جهڪو هوندو
آئون پئرس جي ڪنهن ڪمري ۾،
گگهہ اوندهہ ڪري سُتو هوندس،
ننڊ جي نيٺ ايفل ٽاور ٽان،
مان ستارن ڏي اُڏرندو ويندس،
جت خدا خيال ٿو رکي پنهنجا،
۽ ازل جي سرد تهہ خاني ۾،
ساري ڪائنات جون پيل چابيون.
تنهنجي دل جو بہ بند تالو هي،
خواب پنهنجي سان نيٺ کوليان ٿو
تنهنجيون اکڙيون بڻي سڄي دُنيا،
منهنجي دُنيا آ تنهنجون بڻي اکڙيون،
منهنجي دُنيا آ تنهنجي دل تائين.
■

مُقدر!

رات ساري کو
تنهنجي ڳُلهي مٿان،
پنهنجو سرڙو رکي،
رات ڪاري ڪٽي،
پوءِ مقدر ڪٽي!
■



قبائلي تصور ۾!

قبائلي تصور ۾
هُن کي ڪنهن گهر ۾
سموري عمر لاءِ
لڪائي پيو سگهجي،
قبائلي تصور ۾.

[382]

ڪيئي قبيلا،
وٺي نانءُ هُن جو،
وڙهي پيا سگهن،
قبائلي تصور ۾،
هن جي حسن جي،
بياني ڪتابن جا،
سڀ سلسلا هُوند،
ساڙيا وڃن ها،
اُهو ئي تصور،
جو عورت کي پردي جي پويان بيهاري،
دليري شجاعت جي،
ڪاري ڪهاڻي،
لکڻ لاءِ اُٿي ٿو!
مگر هوءَ حسينا،
سيئي سخت رستا،
ڇڏي جوءِ جرڳا،
پشاور ۾ پهتي ته،
ازل جي ڪنهن آزاد سهڻي تصور،
پهاڙي حسن کي،
حقيقت ملي وئي.
اسان هن کي سمجهڻ گهريو
ءِ تصور ۾،
اسانجي اڳيان هوءَ،
چشمي ۾ تبديل ٿيندي وئي،

اسان پٺيءِ ڏٺو ته،
رڳو مُرڪ هڪڙيءَ جي ننڍڙيءَ وٿي سان،
وري ڇيل جي وڻ ۾ تبديل ٿي وئي،
ڪڏهن صبح ٿي وئي،
ڪڏهن شام ٿي وئي،
ڪڏهن خاص ٿي وئي،
ڪڏهن عام ٿي وئي!
ڪڏهن هُن هوائن جون خشڪيون پٺي آنديون،
ڪڏهن هن پهاڙن ۾ رستو پٺي ڳاهيو
ڪڏهن هن نديءَ کي وهڻ ۾ مدد ڪئي،
ڪڏهن ٿڪ ڏئي هن پٺي تاريون نمايون،
ڪڏهن هُن پٺي بادام جو وڻ جهڪايو.
اُهائي حيسنا پهاڙي پناٽي،
اُنهيءَ جي ڪهاٽي،
نڪو ڇيهه جنهن جو
نه جنهن جي پڇاٽي،
اُنهيءَ ڪان به اڳتي اسانجي تصور
پٺي پوڇيو ٻُتن کي،
انهيءَ ڪان به اڳتي اسان کي حقيقت ۾
هُن جي اکين جو سچو موهه گهرجي،
جبل سپ جهاڳي پهاڙن ۾ پهچون،
هن جي حُسن جو سچو روهه گهرجي!
■



سچو سچ لهندي لڱن ۾ لڏيو هو!

اُهو جنهن کي اڌڙوٽ عورت اڳيئي،
ليمي جيان ڇڻ نپوڙي وڌو هو
وڏيل صوف وانگي بدن کي ورهائي،
ڇئون ڪيئن تہ سُهڻين سان سُنڌو هو
مگر اُس مان هئي جُڙيل جا جواني،
سچو سچ لهندي لڱن ۾ لڏيو هو
ڪٽي پيار جا ڪيئي پيرا فضا ۾،
پکيءَ جيئن هو ساندهہ هوا ۾ اُڏيو هو

رڳو عورتن کي به ڇاتيون ته ناهن،
رڳو عورتن جي ڳچي ناهي گوري،
هجرڻ لاءِ ته محبت وري پوءِ به ٿوري،
اِها ڳالهه جيڪا آ ساري حقيقت،
تصور ۾ آئي ته طوفان ٿي وئي،
جتي زندگيءَ خود به مهمان ٿي وئي،
اُتي جت ها ڳالهين، ڳليون ڳوٺ ناهيا،
وچي اُت وصالن جدائين سان جوٽيو
محبت جي گيتن جي سوڙهين گهٽين ۾
وچي هو جي نڪتو ته واپس نه موٽيو.
چون ٿا ته اُن رات برسات پئي هئي،
ڪنوڻ جا به گهوڙا پئي هڻڪيا هوا ۾،
ستل بار بستر ۾ پيشاب ڪيو پئي،
انڌيرو گهٽيءَ ۾ کِلبو ويو پئي،
اُنهيءَ رات هن کي سوير هو سمهڻو،
هوائن جي ڏاڪڻ مٿان پير ڏيئي،
ستارن کي اوڏو ٿيڻ منجهه چاهي،
اُهو جنهن کي ساحل به منزل لڳو هو
ڪنارن تي بيهي پري ڏڪ پُر ٿي،
سڄو سمنڊ آخر پيئڻ منجهه چاهي،
جسم جي ڪشش کي آ پنهنجو فسانو
۽ جنسي مزي جي آ پنهنجي ڪهاڻي،
سوين لذتن جي سين سلسلن جو
نڪو ڇيهه آهي، نه ڪائي پڇاڻي.
■

پکين کي شڪاري نہ سگهندو ڪُٺائي!

دوناليون بندوقون پري ڇا سگهي ٿو
پکين کي شڪاري ڪري ڇا سگهي ٿو
پلي هي وڏيرا ڪري چاپلوسي،
شڪارن بهاني چٽن بوٽ ڪارا،
هي پنهنجن پيارن پکين لاءِ،
پين ساڻ گڏجي ٿين مفت مارا،
پر هي پکين کي اُجهائي سگهن ٿا،
تتر ڪيترن کي وسائي سگهن ٿا،
مگر هي وطن جا پيا وڻ وڍائن،
هوائن ۾ ڪيئن ڪو اڏي آشيانا!
پکي پنهنجا آنا، نسل ڪيئن بچائن!
پکين کي شڪاري نہ سگهندو ڪُٺائي،
مگر وڻن جي اڻ هوند ماري سگهي ٿي.

■



پُراڻو عشق پوڙهو هو!

محبت مال چاريندي،
وچي ويٺي وڻن هيٺان،
حقيقت خواب جي پرسان،
سمهي پئي گيت ميڙيندي،
دلين جي خشڪ پتن تي،
رکي ٿي پير خاموشي،
اسانجي زندگي گذري آ،
خود سان پاڻ جهيڙيندي،
اُداسي اڳ ڇائي پيئڻ آهي،
هر جوانيءَ جي،
ڇڻن ٿا پن ڇاتين تي،
مٿي ۽ مائٽي ڪهڙي!
پراڻو عشق پوڙهو هو
سين جو ڇڻ تہ ترڙ ڏاڏو
اسانجو پاءُ پيو ڪهڙو
اسانجي پائٽي ڪهڙي!
■

عشق امامت لاءِ ڪڙو آ!

خوشبو سا هر هير سڄاڻج،
عشق امامت لاءِ ڪڙو آ،
منڪر، ناڪ، نڪير سڄاڻج،
پنهنجي پٽ آ پيرن واري،
پنهنجا اڳ امير سڄاڻج،
پيان لاڳون اس پاڳل کو
حسن درس فقير سڄاڻج.
■

دِل ۾ دولت!

جيءَ جو جوڀن، جيءَ جي جواني،
پيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟
ڳاڙهي ڳالهه ٻه ويڙهيل سيڙهيل،
نيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟
عشق سندي آزادي ايڏي،
اسيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟
درس حسن وٽ دل ۾ دولت،
فقيريءَ ۾ ڇو ايندي آهي؟



تُنهنجي صُورت صاحب سُهڻي!

ويرانن ۾ وجهه وصل جو
جاني ڇو ته جدائي جاني!
همدم هي غم دل ۾ دهڪي،
منهنجي سُر ۾ ساهه ۾ سهڪي،
منهنجو من پيو مهڪي ڇهڪي،
هاءِ هجر جي ڪٽڪ لٽي آ،
حد حساب نه فيض فصل جو
تنهنجي خاص خدائي جاني.
امرت ڏارا عشق الاهي،
هڪڙو سهڪو ۽ بي ساهي،
من مندر ۾ مورت ٿاهي،
تنهنجي صورت صاحب سهڻي،
منهنجو عشق ته آهي اصل جو
توئي ڳالهه ٻڌائي جاني.
■

وهيءَ کي وِهاڻو ڪپي عشق جو!

وهيءَ کي وهاڻو ڪپي عشق جو
چڙهي چڻ جبل جي مان چوٽي اچان،
پيان ڪير تازو ڏڌل مينهن جو
ڪراڙن سان ڪانيون ڪچهري ڪريان،
جيئڻ لاءِ جاڳڻ جا آهن جتن،
پرينءَ سان گڏ ننڊ گهري ڪريان.
سدا سيبتو منهنجو گهوڙو رهي،
پرينءَ کان نہ ڪڏهن وڇوڙو رهي.
■



اڪر ۾ هڪ ڇٽو آهي!

اُپي نيزي اڳيان وچبو
تہ چاتي نوڪ تي پوندي،
نهارين دل منجهان جيڪر،
نظر پئي لوڪ تي پوندي،
انهن اڻ چاڻ اهيڃاڻن،
سوين پيرا تہ سمجهايس،
هزارين عورتن جي،
هو الائي چو نٿو سمجهي،
ڪري ٿو سڌ سهٽين جي،
اڪر ۾ هڪ ڇٽو آهي،
الائي چو گهٽو آهي.

■



محبت سانڍيِ آهي!

ڪُتن کي پالبو آهي،
محبت سانڍبي آهي،
شين کي رکبو آهي،
اکين سان ڏيڊ اٽڪائي،
چپن کي چمبو آهي،
بدن کي چڪبو آهي،
سمورو مُلڪ گهمبو آ،
جسم کي جڪڙبو آهي،
ڳلن سان ڳل لائيندي،
هٿڙن کي پڪڙبو آهي.
■



الوداع الوداع!

مان، شام غم، تنها تنها،
هن جي انتظار ۾،
ٻڏندڙ سج ڏي،
اُڏندڙ پکي،
لڏندڙ هٽ،
الوداع الوداع!

اڪيلائيءَ جو ڪو نوحو
ڪو درديلو نغمو
پرجي آيل ڳلو
منهنجي اجهل جذبن ڪري،
اکين ۾ تري آيل لڙڪ،
هن جي انتظار ۾
ڏکيا ٿي ٽاٽجي ويل پل،
گذرندڙ لمحن ڏي،
جدائيءَ جي سرحدن ڏي،
خاموشيءَ ۾
مان ڦڪي مرڪ،
ٿڪل ٿهڪ،
هوا جي آواره سيٽيءَ جيئن،
منهنجي بي قرار من جي بانسري،
اميد جي ڪا سرگوشي،
منهنجي مضطرب روح جو آواز
ڪا رڻ ڪائي ڪوڪ، ڪو پڙلاءُ،
هن جي واپس اچڻ تائين،
مان، شام غم، تنها تنها،
هن جي انتظار ۾
ٻڌندڙ سج ڏي،
اُڏندڙ پکي،
لڏندڙ هٽ،
الوداع الوداع!
■

گل گلابي تو جيان!

منهنجي رت ۾
گل گلابي تو جيان،
مهڪندا ٿا رهن.
سار تنهنجي، سدا سوجهرا،
سُر سوين،
۽ جهنگلي سوئرن جهڙا،
ڪئين نظم،
منهنجي سيني ۾
سهڪندا ٿا رهن،
منهنجي سپنن ۾ سمهي پوڻ ڪانپوءِ،
منهنجي تن بدن ۾
ڪيترا وڻ تي ڦٽا،
۽ آئون پاڻ ۾
ڪيترو گهاتو ٿيس!
جهنگل جيان!
ڪيتريون پن ڇڻ،
پنهنجا اُگهاڙا پير،
مون ۾ پلجي ويون،
۽ ڪيئن بهارون،
پنهنجا ويس وڳا،
مون ۾ لاهي ويون هليون،
۽ اڄ به منهنجي پانهن جا،
ڏار پيرن جا،
ٽهڪندا ٿا رهن.

■

حامل عورت ڏي هڪ خط!

پيار منهنجي جون هزارين بارشون،
توتي وٺيون،
۽ تون،
آلي مٽي جي سڳنڌ سرهاڻ تي،
ساهہ منهنجي کي پئي اُتساهہ ڏين،
پنهنجي ڏينهن جي پريل ڪٿلئيءَ منجهان،
اُس جون ڪڙيون پيالئون،
مون ننڍيون سُرڪون پري پيتيون،
۽ پنهنجي بدن جي بي چين پيهرن ۾،
مون پنهنجا جهڙ جهڙالا هٿ،
سداڻين لاءِ رکيا،
جمي ويل برف،
۽ اڪيلائيءَ ۾،
پنهنجي ٻانهن ۾ پريل آڳ سان،
تنهنجي دردن کي رهيس پگهرائيندو!
■

رهجي ويل پڻ چڙهي!

ڇا تنهنجي ڪک منجهان،
ڪوئي موتيو مهڪندو،
يا چنبيلي ول ڦٽي مهڪار ڏيندي،
ڇا اها رهجي ويل پڻ چڙهي،
اسانجي پيار سان سهڪار ڏيندي،
چنبيلي پيلي رُت منجهان،
ڪجهه پل،
تنهنجي تڙپ ۾ رهجي ويا،
۽ تون منهنجي اکڙين ۾،
بظاهر،
هزارين موسمن جا،
رنگ سانڍي پئي هلين!
■



درد جي ديوار تي!

تنهنجي منهنجي،
ساري دنيا جي جواني،
ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون،
آهن ڏکي،
سڄ ٿورو سوچ تون!
درد جي ديوار تي،
ڪئين ڪروڙين مک مهانڊا،
پيا ٽڙن ڪومائجن،
ڦول ڄڻ سورج مکي،
سمنڊ ٿورو سوچ تون!
چپ لوساٽيل اسان جا،
واءُ ٿورو سوچ تون!
نوجوانيءَ جا بدن،
ڪيترا آهن سڳها،
ڪيترا لچڪن پيا،
مينگهه ٿورو سوچ تون!
■



روز منهنجي رُوح ۾!

روز منهنجي روح ۾،
ڪيئن ڪبوتر ٿا لهن!
روز هنجي پاڪرن جي،
سوڙهي چار ۾،
هنجي چپن جا رنگ،
تنهنجي ڳاڙهي شراب سان گڏي،
پيي ٿو چڏيان،
۽ پوءِ منهنجي رت سان،
ڪئي،
چتر ٿا ٿهن!
■

پر ماڻھو تنھا تلڪي پيو!

ھڪ شخص عمر پر سوچيندو،
ھو گرم ھوائون صحرا جون،
جي مون کي ساڙي ڪين سگھيون،

[402]

اڄ آئون جلان پيو اوندهہ ۾
جڏهن سڄ لهي پيو سيني ۾.
هڪ شخص عمر پر سوچيندو
هي ٻارنهن سال حياتيءَ جا،
جي عمر قيد جيئڻ مون ڪاٽيا،
هو پيار به جڏهن ڪو پٿر هو
جنهن کي مون هٿن سان ويهي گهڙيو
۽ تنهن کي ويهي سجدو ڪيو
پر بُت ۾ آخر ساهہ نہ پيو
هڪ شخص عمر پر سوچيندو.
هن غم جو ڪارڻ ڇا آهي؟
هيءَ دل جا مُور مڇي ٿي نٿي،
هي هر هر سارڻ ڇا آهي؟
۽ خود کي ٻئي جي خيالن ۾،
هي ٻوڙڻ تارڻ ڇا آهي؟
هڪ شخص عمر پر سوچيندو.
هي ساحل ڇا ڇا چئي سگهندا،
هي جو بہ وچايم وڻ وڻ ۾،
سي منظر واپس ڏئي سگهندا،
هن غم جو ڪاٿو ڪو ڪونهي،
هي درد ندين ۾ ڇُلڪي پيو.
هن ساحل تي آ رش وڏي،
پر ماٺهو تنها ٿلڪي پيو
پر ماٺهو تنها ٿلڪي پيو.
■

ڪير ڪنهنجي لاءِ رُڪي!

رات جي گهوڙي جڙي،
چاندني در تي ڪڙي،
هڻ جوانيءَ کي اڙي،
ڪير ڪنهنجي لاءِ رُڪي،
رات جي گهوڙي تڪي!
زندگي جنهن مان سڪي،
ڪنهن مٿي ڪنهنجي لڪي،
ڪير ڪنهنجي لاءِ رُڪي،
رات جي گهوڙي ڪڏي!
تخت ۽ تختو لڏي،
ڏوڙ ڏڙڪي ۽ اُڏي،
رات جي گهوڙي پڇي!
وقت واڇوڙو وڇي،
پير پيو هر ڪو ڪڇي،
ڪير ڪنهنجي لاءِ رُڪي!
■

مگر پاڻ کي لوهہ جو لوهہ چئو!

الڳ ٿي اندر کان هلائج هينئون،
سنهي تند ساهن جي سوري هري،
اُٿي پٽ آخر قلب جو ڪينئون.
الڳ ٿي اکين کان نهارج نظر،
انڌيري ۾ اُتساهہ ٿي، ٿي هلي،
اِها ديد دل جي تہ بيت البصر،
ٻنو ٿي ٻڌڻ ۾ ڪنائج ڪڙيون
مٺن جون مٺايون، زبانون زهر،
تڪائون تلسي دلاسا تڙيون،
وڏو ٿي وڏن کان ننڍو واڪ ڏج،
سچڻ لاءِ سهايون سميٽي سيئي،
ڪڙي اُس ۾ چانوَ ٿڌڪار ٿج،
ننڍو ٿي ننڍن کان صفا پٽ پئو
اچي نيٺ پارس اُجاري وڏئي،
مگر پاڻ کي لوهہ جو لوهہ چئو.
■

ننڊ کي اوڏو تڳيندو ٿو رهان!

تون نہ جاڳين ٿي،
تہ تنهنجي موهہ جون مُرليون،
منهنجي تن بدن مان،
وٺ کائي،
ڪيئن ٿيون ورلاپ ڪن!
تون نہ جاڳين ٿي،
تہ منهنجي دل اندر،
ڏک جو جهنگل ڪيترو گهاٽو ٿيندو پيو وڃي،
۽ درد جون گهاٽيون وليون،
منهنجن رڳن ۾ ڪيئن نہ وچڙن پيون!
۽ تنهنجي ڳليءَ ۾،
پير منهنجا ڪيئن چٽن پيا!
رات ٿيندي ٿي مان اکين ۾،
ننڊ کي اوڏو تڳيندو ٿو رهان.
■

ڊرس فقير تو جاڳ رها هي!

دل ڪِي ڪُتيا جاڳ رهي هي،
اُسڪو ڪون سُلاوي!
درس فقير تو جاڳ رها هي،
دنيا آوي جاوي!
تو آوي نا آوي گنگو
جوگي بين بجاوي،
تو آوي نا آوي تلسي،

جوڳي بين بجاوي!

آنک پرنده، نيند پرون پر،
جيون دور اُڙاوي،
تيري ڳائون مين سانپ هي سويا،
جوڳي بين بجاوي!
تو آوي نا آوي سيان،
جوڳي بين بجاوي!
تو آوي نا آوي ساجن.
دور سُلگتي لڪڙي صندل،
خوشبو چين چُراوي،
ڪُنوين پاس کڙي اڪ ناري،
پايان پاني پاوي،
تو آوي نا آوي پريتم،
جوڳي بين بجاوي!
تو آوي نا آوي گوتم،
جوڳي بين بجاوي!
چندرما ڪو چين نهين هئي،
مورا من گهبراوي،
پر پر روز ڪتورا ڪِشتم،
ايڪ فقيري پي آوي،
تو آوي نا آوي رانجهو،
جوڳي بين بجاوي،
تو آوي نا آوي رمتا،
جوڳي بين بجاوي!
■

حسن حيرتن ۾ حياتي سموري!

جلڻ ڪاڻ جوڳين جٺائون وٺايون،
۽ ڪيڏي ڪتر ساڻ چوٽيون ڪٽايون،
پرين ڪاڻ پنهنجيون ٿي پاڙون پٽايون،
اُتي نياز نئين سر طلب ٿي وڃي ٿو.
رڳن جي رسن ۾ پڏي جو رکيائون،
عدم آدميءَ ۾ وڏي جو رکيائون،
حسن حيرتن ۾ حياتي سموري،
سڄو قيد خانو قلب ٿي وڃي ٿو.
■

متفرق

جيئڻَ شال جڏيءَ کي جوڙيندا پيهارا!
جوڙي پنهنجي جان سان ٽوڙيندا پيهارا!

■

موسمون سُرن جون اُٿي بيٺيون،
گل هُٻڪار ٿي هليا هُن سان.

■

ڪُلي وڃن ٿا جي راز ڪورا،
چريو زمانو چڙي پوي ٿو.

■

پهر جو پُڪ آهيان مان،
زهر جو ڍُڪ آهيان مان.

■

گهنگهار آهيان گهنگهار آهيان،
مگر پوءِ بہ معصوم ڪو ٻار آهيان.

■

خواب کي ڪوٺي ڪرڻ جي ڪم جي تعبير ٿي،
سوچ رنگن سان ملي هئي سمنڊ جي تصوير ٿي.

■

مقروض ٿي مري ويو آ ڪنهن جو نہ ٿي سگهيوآ،
هڪڙي حقير زندگي، جيئري نہ جي سگهيوا -

■

رات جون ڏاڍن جيان لڙڪن ڳليون،
پٽ تي اوندهہ جون چڙهندڙ وليون!

■

محبت ۾ محنتون ئي ماڻهو ڪري مزوري،
هي پيار آهي پورهيو پورهيو ڪرڻ ضروري.

■

ساز ۾ سنيهو آ، سار ياد جي دُنيا،
ڪوڪ ۾ ڪلا آهي، ڦوڪ تار جي دُنيا.

■

اسان آسمانن ۾ ڏوڪيو گهڻو آ،
ڇئون ٿا تہ ايڏهين بہ ڪا دري ٿي سگهي.

■

مجازي محبت ۾ مون جو ڏٺو آ،
حقيقت تصور ۾ تبديل ٿي وئي.

■

اڌ اُگهاڙي عورت جي ڏيمي روشني،
رات پچاڙي عورت جي ڏيمي روشني.

■

ڏک مليس ٿي ڏاج اديون،
سور ٿيا سامان سسئيءَ جوا

■

حُسن جي دربار ۾ سجدو ڪيم توکي ڏٺم،
سُڃ صحرا ۾ جڏهن ڪو گل لڌم توکي ڏٺم.

■

مان هتان وڃان ٿو پيو هوءَ هتان هلي هوندي،
زندگي ڏکي ڪيڏي ڪيتري ڳلي هوندي!

■



ٻنپهرن جو ٻگهہ اڇا ٻئي،
گڏ ڍبي تي بيٺا آهن.

■

دل وارن سان دل لڳي ۽ دل لڳي ويئي هلي،
ياد هئي. اسڪول جي ڇڏڻ گهنٽي وڳي ويئي هلي.

■

بت پرستي ڪيم، سُتو سمجهيم،
پاڻ کي تو اڳيان ڪُتم، سُتو سمجهيم.

■

عارضي آهن حُسن جون آرسيون،
دائمي ديدار آهي درد جو!

■

اِها باهه ٻي آ، هُن باهه جي اڳيان،
ڪنوٽيون ڪٽي گهُمي ٿو اونداهه جي اڳيان!

■

گيتن ۾ آ واٽ وڙهڻ جي تارن ۾ آ تاب اسانجو
تنهنجا لڱ ٿڌا آهن يا منهنجا هٿ گرم آهن!

■

پرين پرين ته پري پر سندس نه پيرو آ،
عجيب عشق عجيب آسرو اچڻ جو آ.

■

او پرين تنهنجي ڪري مون کي،
زندگيءَ ۾ آ ملي وئي زاهدي

■

مون جڏهن گهاٽيون گهٽائون پئي لکيون،
ڇوڪريون پئي پاڻ ۾ کيڏيون ڪُڏيون!

■

مرڪ جيڏي مختصر ٿي هڪ ڇوڪري،
منهنجي ڇپن ۾ وڃائجي ٿي وڃي!

■

اسانجا ڪافراڻا ڪم، نہ ٿي پنهنجي نمازي دل،
مڃايوسونس ڪيڏو پر ٿيئي ڪانہ راضي دل،
گلابن سوڳ ڪارو ڪيو عجب غمناڪ غازي دل.

■

طلسمي آئيني ۾ ترندڙ ننگيون نيگريون،
۽ گلابن پٺيان جڏهن مهٽيون اکيون،
تنهنجي خوابن ۾ اکيون مون پٺي رکيون!

■

نج ٻولي استعارو گيت جو
ڪورئيڙي وانگي مگن زندگي،
ڪنڊ ۾ آ چڻ تہ چارو گيت جو.

■

تنهنجي چپن تي،
پوپٽ ويٺو آ،
مونکي پڪڙڻ ڏي.

■

تنهنجي ڳل تي تر،
چڻ جهاز جي عرشي تي،
حبشي مسافر!

■

ناڱ جوڳڻ جي اکين ۾ ٿو تڪي،
چڻ ايئن چوندو هجي،
"تون بہ ڪا ناڱڻ آهين"!

■

اڌ وهيءَ ۾ پهچي جڏهن ٿيون پيار ڪن،
ڪنهن سان نٿيون انڪار ڪن،
ڪنهن سان نٿيون اقرار ڪن!

■

ٻڌم فجر ٻانگ جيئن، اندر جو آواز
اسر ويل اُٿي ڪري، جو ڇيڙيم صبح ساز
رات سمورو راز اوندهہ عشق اُجاريو.

■

سمجهو منجهيا سمجهہ ۾ اُلجهيا اوجهڙ ۾ ويچي،
ڳُجهہ گجهاندڙ ڳالهڙي، پلين ڪانہ پيچي،
ماڳهيان آڻ ميچي، عقل اڳيان هن عشق جي.

■

ساهہ منهنجي ۾ سهڪنديءَ ٿيءَ رهين،
ڪيتري وقت کان ڪچي ٻور جيئن مون ۾ ڇٽين پئي،
ءِ منهنجي من اندر مهڪندي ٿي رهين.

■

فطرت جي فرزندي هُن جو نصيب،
گيت لهوارو تري ٿو اُس ۾
ڪائناتن کي اهو تت هو قريب.

■

هتي موجود جي ناهن،
اِهو آهي عدم ڪهڙو؟
اُهي گُمنام ڇو آهن؟
اِهو آهي عدم ڪهڙو؟

■

مون کي خلقي خواب ۾ جاڳايو جاني،
آڻي اک جي آب ۾ جاڳايو جاني.
لاحد جي هن لڪ مان هادي لنگهائي،
بي حد جي هن باب ۾ جاڳايو جاني.

■

تنهنجي بدن جي ڏاڪڻ، چاڙهيون چڙهي سگهان،
تنهنجي لڱن ۾ توکي ڳولهي پڙهي سگهان،
ان کان سواءِ ڪيئن تو گهاري گهڙي سگهان،
چپ چاپ پلا ڪيستائين تو ڪڙهي سگهان.

■

سڏ تنهنجا ساز ڪهڙا هي پرين،
اوچتا آواز ڪهڙا هي پرين،
جيت ۾ ڇو هار ويئي آ رکي،
پيار ۾ انداز ڪهڙا هي پرين.

■

موج ٿري جي مستي ۾
مون تيئن حياتي آ ماڻي.
جيئن ڪارونجهر جي ڪولهيءَ کي،
ڪا ڪچ ۾ ڪاري ڪولهياڻي،

■

گلاسن ۾ تازو ٽرو پٽي پريو
ٽرو ٽڏ ۾ پٽي ٽڏو ٽيو ٽريو
ليڊر هنئي پٽي نشي ۾ جهڳي،
وڏي لانگ لفظن جي پٽي لڳي!

■

تو ساڻ عشق منهنجو بدنام ڇو ته ٿيو؟
۽ پو صفا نه وسريو گمنام ڇو ته ٿيو؟
توکي نه چٽي سگهيس مان هي داستانِ دل،
الهام ٿي اُلهي ويو پر عام ڇو ته ٿيو؟

■

لفظ لشڪر جيان اچن اُلري،
دل جي ڪچي قلعي تي ڪاهن ٿا.
درد ورثي ۾ آ مليو تن کي،
تنهنجا عشاق توکي چاهن ٿا.

■

شهر کان دور دل جي صحرا ۾،
تنهنجو رولاڪ سان ملڻ ٿيندو.
ڪجهه صديون پوءِ پر وڃي آخر،
ڪنهن پرينءَ پاڪ سان ملڻ ٿيندو.

■

اونهاري جي اُپ مان به تارا تڪن ٿا،
توکي ڳوٺ تنهنجي جا چارا تڪن ٿا.
لڙي چنڊ جي هوءَ اُتي آ اگڻ ۾،
ونيءَ جي چُنيءَ جا ستارا تڪن ٿا.

■

دیوار ۾ خدا جا تو در ڪري وڏو
هن ڇت بنان مڪان کي تو گهر ڪري وڏو.
ناهيان اگر نمازي تہ بت پرست بہ ناهيان،
پوءِ پاڻ کي پرينءَ جو پٿر ڪري وڏو!

■

اسانجي راهہ مٿان روشني يڪي پوندي،
ستارا! تنهنجي ٿڏي روشني ٿڪي پوندي.
مجاز عشق حقيقت جي، ماٺ کي نيڪي،
بدي بديءَ جي مٿان بيهندي بڪي پوندي.

■

مقدر جا قصا ڪهڙا ۽ ڪهڙيون اڳڪٿيون آخر،
اجايا آسرا ڪهڙا ۽ ڪهڙيون آٿتون آخر.
ڪيائون حُسن کي ڍال پلي خزاني ۾
هلائي ڪين سگهي، جيئڻ سگهيا زماني ۾.

■

مان بيهان ٿو باهہ تي ماتم ڪري،
تون هوا جي سامهون ويندي نہ ڪر!
عشق ٿو مون کي هلائي آڳ تي،
تون تماشو هي ڏسڻ ايندي نہ ڪر.

■

اسين بي وقت جي تيزاب ۾ ڳرون ٿا پيا،
اسانجا روح جسم ٻئي رجي رهيا آهن!
اسين جي مينڻ بتيون تي ٻرون ٿا پيا،
اسين هوائن ۾ تخليل پيا وڃون ٿيندا!

■

هيءَ جا محبوب جي آهي گهر جي گهٽي،
هن گهٽيءَ جي ته محبوب ساري مٽي!
وقت! مون کي ڏسي پيو ٿو شهپر وٽين،
وقت! مون کي لڳي آهي تنهنجي ڦٽي!

■

شام ٿيندئي خيال متجي ويو
درد ويتر وڌي به گهڻجي ويو.
رات اوڙاهه هئي سا گذري وئي،
ڏينهن قاتل ڪڙو به ڪتجي ويو.

■

گڏ سُتا هڪ گود ۾، واهرو ۽ ويري،
چورن ڪنيا چت ۾، پنهنجي لاءِ پيري،
اڪ اُجاريو عشق کي، محبت هئي ميري،
فڪر جي ڦيري، ايندي آهي عقل کي.

■

گڏ ستا هڪ گود ۾ خادم ۽ مخدوم،
هڪڙي گرد گناهه جي، من پيو معصوم،
هڪڙو ظالم زبرو ماڻهو پيو مظلوم،
معنيٰ ۽ مفهوم، سمجهو سمجهي ٿا سگهن.

■

ڪنديون لوڏ سان هوڏ ڇا هي هوائون،
تنهنجي نور تي گهور ٿي پيون گهٽائون.
تنهنجي موهه جي ڊوهه جڪڙي وڌو
زنجيرن ۽ زُلفن جون ارڏيون ادائون.

■

سانجهہ جي ويلي سکيون، توکي ٿي ساريندي‍ون رهيون،
ڏيک ۾ ڏيٺا مٿيءَ جا، ٻاٿ ٻاريندي‍ون رهيون،
لفظ جيڪي ٽڏ ۾. ڪنهن کان بہ ڪوسا ڪين ٿيا،
نينهن نياپا اکيون. آخر اچاريندي‍ون رهيون.

■

گوڙ گهمسان ۾ ڏار وڻ وڻ رڳو
رات طوفان جي ۽ اجهاٽل ڏيئو
ديس هڪڙي دريءَ جي مثل دوستو.
چنڊ جنهن مان لڪائي سگهيو نہ ليئو.

■

ڄار ۾ ڦاسي سگهي ٿي هر مڇي،
پيار ۾ پر دل رڳو ڦاسيو وڃي.
تون اچين خوشبو جا چوراها ڪٽي،
ديس منهنجو تو منجهان واسيو وڃي.

■

هُن نديءَ سان جيڪا ٻيٽي ڳالهہ ڪئي،
سا پکين جي ٽولي چورائي وئي.
مور جو فن هو ٺهوڪڙ جو سکيو
سا وري هڪ چولي چورائي وئي.

■

جيتن جا سرباٽ آهي سمجهندو
شيش نانگ جي ڦوڪ کيسي ۾ پيل،
هڪ ٻپهرو هن لڪائي آ رکيو
ڪوئلن جي ڪوڪ کيسي ۾ پيل.

■

اسان کي آهي خبر ماتمي ڪتنب ڇاهي؟
اسان جي خون کي هي خنجرن جون ڪيڪارون،
اسان کي آهي خبر مياڻ ڪٽ ڪتب ايندي
في الحال پنهنجي بدن ۾ ستل هي تلوارون.

■

اسان جا مقدر ندورا نماڻا،
روهين جون اڪڙيون سدائين سدوريون،
اسين پاڪ دامن ازل کان اُداسي،
اسين جيءَ پنهنجو پيا روز جهوريون.

■

راڻيءَ پُڇاڻا، هنڌين ماڳين هُو ٿيو
ٻتيون ساريون بند ٿيون ڏيئا اُجهاڻا،
پُسيل پاند ڳچيءَ ۾ آلا وِهاڻا،
چاڻان ڪيئن چاڻان، راڻي ناهي راڄ ۾.

■

بيٺل باهين وچ ۾ ڏيادار ڏاهي،
فقيرن ۾ فرق ٿيو ڦٽڪي پئي ڦاهي،
هٽي هام اُٿي هلي، ڪُوڪي ۽ ڪاهي،
راڻي ٿي راهي، پنهنجي ملڪ ملير ڏي.

■

پيچ پنيءَ جو پيڻ جلتل جنازا،
گلابن جي گود ۾ تن رهن تازا،
اهڙيون عشق اڏاوتون رمزن جا رازا،
دل جا دروازا، عشق اکين ۾ کوليا.

■

مون جهڙو موت ڪونہ ڏٺو ۽ئي ٽِڳ الا،
جوئي دُنيا ، چاهيان نہ جوئو جڳ الا!
هيءَ تہ رستو سولو آهي سستو آ،
ڏگ تہ آهي منهنجو دلبر ڏگ الا!

■

وڻن تي ويٺل پکي ٻولين پيا،
راز ساري ديس جا کولين پيا،
شهر پاڇن ساڻ آ ڀرجي ويو
راز ساري ديس جا کولين پيا.

■

هڪڙي حسن کي ڪين رڳو جام جم کپي،
تولاءِ ماتمي مان زنجير جي ڇري،
اي دوست منهنجي دل کي ڪارو عَلم کپي،
جيئري پئي جنت جنهن منجهہ جهلڪي.

■

گوڙ گهمسان ۾ ڏار وڻ وڻ رڳو
رات طوفان جي ۽ اجهاٽل ڏيئو.
ديس هڪڙي درياءَ جي مثل دوستو
چنبڊ جنهن مان لڪائي سگهيو نہ ليئو.

■

هو پکي، هوءَ ڇوڪري زندگي پڙڪي جيان،
سج ۾ آواز وانگي ڀن جي کڙڪي جيان.
مان اڳيئي ڪاوڙن ۾ قيد آهيان ڪالهہ کان،
ڪين اڄ مونڏي اچو دوستو دڙڪي جيان.

■

ڏي پلي تون ڏي پلي تون ٿهڪ ڏي،
۽ هوائن جي بدن تي ڇهڪ ڏي،
ڪين ڳهُرجي سون چاندي ۽ سڪا،
گل ٽڙيا آهن اُتاري مهڪ ڏي.

■

هوائون گلن کي خريدڻ گهرن ٿيون،
سڄڻ هي تہ سودو آ سستو سپن کان.
خريدڻ کان اڳ ۾ وڪيا سين اسين،
اسانجو الڳ آهي رستو سپن کان.

■

ملي ڪوڙ ماڻهن جي هن ملڪ ۾
وڏن جون وڏايون ساري ڏٺيون سين،
خبر پئي تہ هڪڙن نہ هينگن پيا،
اسان جن سان گهڙيون گذاري ڏٺيون سين!

■

سڏي سون مون کي جو گهوريو ڏسين،
سڄڻ مان سچوئي متي ٿيو وڃان.
الائي ڪار ڪهڙي تون مون سان ڪندينءَ
الائي ڇا تہ چوندينءَ تون اڳتي اڃان.

■

چليل بادام جهڙي ڇوڪريءَ کي ڇا چوان،
خشڪ ميوي جي خدائي ٻي طرح!
جسم جو ميلو وڇوڙو آ الڳ،
جيءَ جي جانان جدائي ٻي طرح!

■

ڪِميتن تي چڙهي ايندڙ
سوارن جون سچيون ڳالهيون!
مٺا ماڻهو مري ويندڙ
وڃي تن جون بچيون ڳالهيون!

■

ملاقات جي مهل ايندي ڪڏهن؟
پلا بات جي مهل ايندي ڪڏهن؟
تتي ڏينهن ۾ مان تہ تڙپان پيو
رتي رات جي مهل ايندي ڪڏهن؟

■

مشڪل سان هئي وٽن مان ممڪن هوا لڳي،
خالي سچي خدائي توڪان سوا لڳي،
ديدار جي ڍهڻ جي مون کي سزا لڳي.
تنهنجو رسڻ بہ پياري پرچڻ جيان لڳو
سهڻي سدائين مون کي تنهنجي ادا لڳي.

■

اُس مٿان ۾ هيٺان هنج ڪيئي ڏٺا مون،
رات سڄي پئي روسامي جي برف وٺي،
۾ مچ جيان پئي تنهنجا رنج ڏٺا مون،
چانڊوڪيءَ ۾ چمڪندا ويا پئي پري ڪان،
ڪي سوار نہ هن جا روپا سنج ڏٺا مون.

■

چوڪرو هوندي بہ جڻ پوڙهو ٿيندو پيو وڃان،
جيترو مان ڦهلجان ٿو پيار تنهنجي ۾،
تيترو ئي ساهہ ۾ سوڙهو ٿيندو پيو وڃان
تون سموري آڳ بنجي شهر کي پيئي تڪين.
مان وري تو مان ڪريل ڳوڙهو ٿيندو پيو وڃان.

■

يُونيورسٽيءَ جي ڪلاسن ۾ حُسن،
تنهنجي ڪاوڙ ۽ غُصي ۾ سُندرتا،
تنهنجي دڙڪن ۽ دِلاسن ۾ حُسن.
دير تائين لان ۾ پيئندا رهيا،
چنڊ پلٽيو پِئي گِلاسن ۾ حُسن.

■

مون کي چاڙهي چِٽ، چوٽو چوڪراٽيون ڪرين،
اوهي واهي توبن اوڏو مُٺيءَ جو ڪوبہ نہ مِٽ،
سڏي سيني لائي، سيري ٻکي ڪري ٻٽ،
چوٽو چوڪراٽيون ڪرين، چوٽو چوڪراٽيون ڪرين.

■

رڳو باهہ ٿمڪي رڳو باهڙي،
اُهائي اُهائي اٿس ساهڙي.
ادا! هُن اديءَ جو اٿم ڏک ڏاڍو
ڪٽي وقت ويران ۽ واٽڙي.
تباهيءَ لاءِ تيلي بہ ڪافي هئي،
لڳائي اوهان ۽ اسان لاٽڙي.

■

بن ۾ ڳولهين، آئون نہ آهيان،
من ۾ ڳولهين، آئون نہ آهيان.
وڻ وڻ تي ويچارين ويٺو
پن ۾ ڳولهين، آئون نہ آهيان.
اُلران ڪوهہ ڪهاڙيءَ وانگي،
ڳن ۾ ڳولهين، آئون نہ آهيان

■

ياڳر ياڳر منجھ ورائي،
منهنجي جوان جِسم تي جانان.
جانيي ڦُولن جِيئن چِٽين تي،
تنهنجِي جواني جو سُورج،
ٻپهري جِي تاڪ جهڙو آ،
مونکي تون تہ پوءِ بہ وڻين ٿي.

■

تون اڙي او سانوري!
پنهنجي جوڀن سانوڻيءَ جو
ڪوئي پريل مِينهن آهين.
جڻ گهٽا ـ اوڊي اِڇي،
مون مٿان آهين لٿِي،
جُهڙ جُهڙالو ڏِينهن آهين.

■

نديءَ جي رُخ ڏي نهاري وري هليو ويندس!
اوهان کي پار اُڪاري وري هليو ويندس!
سموري رات پُڪاري وري هليو ويندس!
صبح جو سج اُڀاري وري هليو ويندس!
وري آواره گرديءَ جا لکين نغما نوان ڪيئي،
پکين جو جُهنڊ اُڏاري وري هليو ويندس!

■

ڦوهه جواني پئي هوا ۾ تو مٿان ڇڪجي ڇٽي،
هر سمي ۾ تون رهين ٿي هر سمو مون کي وٽي.
هر دائري جي پنيان آ درد ساڳيو پيڪڙيل،
هر اگهڙ مان اک ساڳي رات جا تارا ڳڻي.
هر وياڪل ڇوڪرو ٿو موسمن ۾ مات کائي،
هر اڪيلي ڇوڪري ٿي درد ۾ ڏک کي ڇٽي.

■

هڪ حقيقت سو فسانا شهر ۾،
زندگي کهڙيا زمانا شهر ۾.
ڳوٺ ۾ ڳالهيون ڳُڻن جون ڳائجن،
نينهن وارن تي نشانا شهر ۾،
ڪيئن پڇان ۾ ڪيستائين هي ڪٿن،
بي وفا تنهنجا بهانا شهر ۾.

■

ڏنڊو ڪر وقت سارو وڻج ۽ واپار ڪر،
نٿو ٿئي پيار توکان، ڪير چئي ٿو پيار ڪر!
تونگر ڪير آهي ڪير آ سڪڻو سچو
نظر جي ڳالهه ڪر، دل ڪي ٻه ڏس ديدار ڪر.
اسان خالي هٿن جي لڱن جو ليکو نه ڪر،
اجان تلوار تو وٽ آ اجان پيو وار ڪر.

■

اوهان جي شهر ۾ ماڻهو اگر اچي نڪري،
گهري سو خير جي جانان هتان بچي نڪري.
پسائي پاند متان مينهن تي مياري ٿئي،
پويس پيچ پلي پيار سان پڄي نڪري.
پراڻي درد جي آواز ۾ اثر آهي،
صدين جي ساز منجهان راڳ ٿو رچي نڪري.

■

پُڪاري ننڊ مان ٿي هوءَ،
اُٿاري ننڊ مان ٿي هوءَ.
ڪليل آ خواب جي ڳڙڪي،
نهاري ننڊ مان ٿي هوءَ.
پکين وانگي اکين مان ڪيئن،
اُڏاري ننڊ مان ٿي هوءَ.

■

نانگا نگر پارڪر ۾ آديسي آيا،
ڳالهين سندا ڳوٺ ٻٽي ڳاراٽا ڳايا،
نڪا طلب طعام جي موهيا نه مايا،
نڪو هنڌ حجاب ۾ ڪٿون نه پايا،
ويڙهيل فرش فقيرن وري وڇايا،
گفتا جن جا گودڙين، رمتن جا رايا،
ڏڏڙ سرڙا ڏوپ ۾ نانگن نوايا،
بکن بچايا، آب ڏتائون اُڃ ۾.

■

اُجهاءِ پيڙي، نه ڪر بند، بات رستو آ،
حجاب هوئڻ به هٿائڻ لاءِ وات رستو آ.

اسانجي ڳالهه ڳچيءَ مان به پيئي ڳالهائي،
ڪري ٿو پنڌ، اُتي ڪنڌ، ڪات رستو آ.

عظيم عشق جو ورثو وٺڻ وڃون ٿا پيا،
قديم قيد منجهان نئين نجات رستو آ.

■

اندر منجهه اذان، باهر ساز سُرود ۾،
نڪو سجدو سٽ سان، نڪو نرڙ نشان،
نڪو گهڙو گهاٽ ڪو نڪو مڙهه مڪان،
نڪو لشڪر لوهه جيئن، نڪو تير ڪمان،
نڪي نيت نماز جي، تار به پنهنجو تان،
حسن تنهنجي حال تي ڪلندو رهندو خان،
آدم ۾ انسان، گڏ ستا هڪ گود ۾.

■

هر گل سان گفتگو ۾ گذرندي گهڙي آهي.
واءُ جو ٽڏيرو آ، گهر مان گهمي آيو
تون ڏکڻ ڏي ڏس ڪٽي هوءَ اُتي ڪڙي آهي.
رُت جي رڪيبن ۾ تون پير وجهه پڪا پنهنجا
واڳ وٺ وچيريءَ جي، جا اجان جڙي آهي.
مان ازل کان آجيان جا گيت پيو جنهن لاءِ لکان
سامهون سا پٽي اچي، لاڙ کان لڙي آهي.
■

حسن جي والده اُمراه زادي (1936ـ1996ع)



حسن جو والد غلام رسول درس (1905ـ1973ع)



حسن جي ننڍپڻ جا فوٽو



حسن جو وڏو ڀاءُ وڏيرو فياض درس



حسن مئٽرڪ جو شاگرد

حسن مئٽرڪ ۾ استادن ۽ هم ڪلاسين سان









حسن جوياءُ حاجي آزاد درس



حسن پنهنجي وڏي پٽ روحل سان



حسن پنهنجي وني ارم سان



مهتاب محبوب حسن جي وڏي ڀيڻ سان



حسن ۽ ارم سندن شادي جي موقعي تي مهتاب محبوب ۽ محبوب شيخ سان



حسن، ارم ۽ سندن وڏو پٽ روحل



حسن پنهنجي ٻارن روحل، ردم ۽ چيزل سان

حسن مرشد محبوب سان



حسن پنهنجي نياڻي ردم سان

حسن پنهنجي تازي ڄايل نياڻي ردم کي چمي ڏيندي

CMYK SAIN-1



حسن پنهنجي زال ۽ ٻارن سان سوات گهمندي

CMYK SAIN-3



شاهه محمد قريشي مشائخ هوتي جي دوري تي حسن سان گڏ

حسن ماحوليات جي وفاقي وزير حميد الله آفريدي کي گهوڙي جو پورٽريٽ ڏيندي



حسن احمد فراز سان



حسن ۽ مسعود لوهار



حسن ۽ مسعود لوهار روهي ۾ اٺ تي چڙهي خواجہ غلام فريد جي تڪيئي ڏانهن ويندي



حسن درس خواجہ معين الدين محبوب ۽ ڪليم ڪوريجي سان



حسن درس، جامي چانڊيو مظفر چانڊيو آگري ۾ تاج محل اڳيان



عبدالقادر جوڻيجو، منظور ميراڻي، مسعود لوهار، نجم سومرو ۽ مسرور سومرو حسن سان شاه پنجي ۾ (مارچ 2010ع)



ٽنڊي آدم ۾ حسن جي اداري پاران ڪرايل گهوڙا ڊوڙ ۾ مسعود لوهار شاه جهان جوڻيجو کي شيلڊ ڏيندي، حسن درس ۽ محمد خان جوڻيجو بہ ڏسندي.



محمود, فقير, منير شاھ حسن درس ۽ مسعود لوھار
حسن جي تڪيئي قائم ٿيڻ ڪانپوءِ دعا ڪندي (مارچ 2010ع)



حسن درس جي تڪيئي تي منير شاھ وڻ جي ڇڪي لڳائيندي



ڪرچات: (ساڄي ڪان بيٺل) پنهل ساريو, اقبال ملاح, لالا رحمان, جعفر ميمڻ, غلام حسين خواجہ, امير منڊرو, شوڪت ميمڻ (ساڄي ڪان ويٺل) مهيش ڪمار, فقير داد ڪوسو,
حسن درس مسعود لوھار, علي مير شاھ

(ساڄي ڪان) زين دائود پوٽو, عبدالله ملاح, اسحاق مگريو, حميد سبزوئي, حسن درس, ھمسفر گاڏھي, نٿو ڪهيري, علي ڳُنير روھي جي ميلي تي.

حسن درس ڪراچي لٽريچر فيسٽيول 2011 ۾ شعر پڙهندي ناولسٽ محمد حنيف به نظر اچي رهيو آهي.



حسن درس ۽ ڊاڪٽر نجم سومرو



حسن جي تڪئيي تي لڳل ڪتبو



علي قاضي پاران سڏايل "درياءَ ٻي" تي درياءَ جي بيٽ ۾ حسن درس پنهنجو نظم پڙهندي!

آئون فجر ويلي ايندس
منهنجي ماءُ ڄڻيو هو مون کي،
ٻلي وانگي مون ٻوڪا ريو
مون تي گهوڙيءَ هو ڦونگاريو
منهنجو ناڙو ترت وڍيو ويو
مون کي مون مان ٻاهر ڪڍيو ويو
آئون اڱڻ ۾ ڪيڏيس ويٺي،
منهنجي ماءُ ولوڙو ڪيو پئي،
منهنجي پاءُ الائي ڇو تہ؟!
ياد ٻڪي جو ڪوڙو ڪيو پئي.
منهنجو جسم جوانيءَ ڏانهن هو
مون کي چورين چاڙهيو ويٺي،
منهنجا گيت جڏهن ها هٽڪيا،
واقف ڪنهن واڪاڏيو ويٺي.
منهنجو پيءُ هليو ويو مون کان،
منهنجو جيءُ هليو ويو مون کان!
منهنجي سائيڪل تنها تنها!
بسڪوٽن جون برنيون خالي،
نم جي وڻ کي پاڪر پائي،
راڄن وانگي مون نہ رنو هوا.
مون وٽ هڪڙي خاموشي هئي،
جيڪا مون سان گڏجي ويٺي،
اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾،
ماڻهو ڪجهہ نہ سڪندو آهي،

مون بہ هوا ۾ پنڌ ڪيا پئي،
وڻ وڻ سان گفتار ڪئي مون،
دور ڏٺن کي ديدا ريو مون،
ٻارو ڇي کي ٻاڪاريو مون،
نيٺ هجومن پاڻ پسايو
مون کي ماڻهن شهر رسايو
ڍيل ڍڪڻ تي مور مڙي پيو
مون مان هڪڙو گُل ٽڙي پيو!
منهنجي ماءُ مري وئي آخر،
جيڪا جلدي آئي واپس،
آخر ۾ آ چيزل آيو
جيڪو مون کان آهي سوايو!
منهنجي معنيٰ منهنجو لهجو
هن آ مون کان اڳتي ڳايو
لايو ٽيندو نيٺ سجايو
هاءِ هجومن منجهہ اڪيلو!
تنهائيءَ جو پنهنجو ميلو
وڻ تي ڪانگ تہ ويٺا هوندا،
نيٺ وڇينءَ جو ٽيندو ويلو
هر ڪنهن جو هٿ خير هجي،
آئون سج لٿي جو ويندس،
مون سان گڏ هزارين هوندا،
آئون پوءِ بہ اڪيلو ويندس!.

East Line, Hyderabad. Ph. 022-2787677, 0333-2742054

حسن درس جو رسالو

Indus
Foundation

پڙهندڙ نسُل ـ پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺو، پاڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نسل وارا پَنَ بہ مختلف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، پرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ ڪا خصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪم ڪار سهڪاري ۽ رضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊجيٽائيز digitize ڪرڻ جي عملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ بيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اڪرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌ کان وَڌ ڪتاب خريد ڪري ڪتابن جي ليکڪن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي همٿائِن. پر ساڳئي وقت علم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪلائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" ناداني جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر کڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڪلن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چــو، چاالءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)